دلپت دل درياهه

صوفي شاهه عنايت رحه شهيد جي شهادت جو احوال صوفي دلپت جي زباني



مترجم
مولوي عبدالرحمن جمالي

نظرثاني
نياز همايوني رحه

مرتب
حافظ عطائي

صوفي شاهه عنايت رحه شهيد اڪيڊمي جهوڪ شريف

ضلعو ٺٽو سنڌ

"دلپت دل درياھ" ۾ طالب تـار تــريا،
ڳڙ جي گھڙيا، سي محو ٿيا مهراڻ ۾.

دلپت دل درياھ

"صوفي دلپت جو فارسي، سنڌي سرائڪي ۽ هندي ڪلام"

مترجم:
مولوي عبدالرحمن جمالي

نظرثاني:
نياز هُمايوني

مرتب:
حافظ عطائي

صوفي شاه عنايت رح شهيد اڪيڊمي جهوڪ شريف
ضلعو ٺٽو سنڌ

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب: دلپت دل درياھ

موضوع: جھوڪ واري جنگ ۽ ڪلامَ

مصنف: صوفي دلپت رام

فارسي نظم: هريرام مسڪين

مترجم: مولوي عبدالرحمٰن جمالي

نظرثاني ۽ مهاڳ: نياز همايوني

مرتب: حافظ عطائي-

بحكم وهدايات: حضرت صاحب ڪريم صوفي عطاءُ الله شاھ ستاري
سجاده نشين درگاھ عاليہ جھوڪ شريف

ڇاپو پھريون: ڊسمبر 2011ع

تعداد: هڪ هزار (1000)

ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل: غلام عباس ميمڻ - ڪاتب پريس لاڙڪاڻو

ملڻ جا هنڌ: خدمتگار ڪاميٽي جھوڪ شريف 0345-3537572
درگاھ تجل شريف (ضلع خيرپور ميرس
العطاء جنرل اسٽور، نسيم نگر چوڪ قاسم آباد حيدرآباد
رهبر بوڪ اڪيڊمي بندر روڊ لاڙڪاڻو
فقير بشير احمد جتوئي لاڙڪاڻو ~~0300-3410305~~
رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو
درگاھ صوفي مسڪين داس (ٽنڊو غلام علي
فقير محفوظ الرحمان ڍڪڻ (ڍڪڻ شھر

هديو: 250/= روپيہ 5$ ڊالر

چيرائيندڙ

اهل فقراء لاڙڪاڻو

ترتيب

دعاءِ مرشد

درگاھ جھوڪ پاڪ پنھنجي وجود ۾ وسيع تاريخ رکي ٿي مغل دور ۾ حضرت صاحبن شھيدن رحہ جي روحاني فڪر کان خوفزده ٿي وائڙائپ وچان، ترجي پيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي ساٿ سان حڪمرانن بنا ڪنھن سبب جي جنگ مسلط ڪئي ھن الله واري جو قصور فقط اھو ھو تہ ھن ھر عام وخاص کي الله جي رنگ ۾ رڱڻ پئي چاھيو، سندس خيال ھو تہ ماڻھن کي روحاني لحاظ کان اھڙو تہ طاقتور ڪري ڇڏجي جو، مٿن ڪو بہ ظلم ۽ زيادتي نہ ڪري سگھي.

ٻئي پاسي پيرن وڏيرن ۽ حڪمرانن اھو پئي سمجھيو تہ صوفي، عوام ۾ بغاوت پيدا ڪري، پنھنجي حڪومت قائم ڪرڻ چاھي ٿو، انھي غلط فھميءَ جي بنياد تي حضرت شاھ شھيد رحہ جن جي خلاف ھڪ وڏو محاذ جڙيو، ھر ھڪ وڏيري ۽ جاگيردار، مُلن ۽ پيرن، مغل حڪمرانن وٽ پنھنجي پنھنجي لشڪر جو تعداد لکرايو، فوجي توڙي مالي مدد فراھم ڪئي. ۽ آخرڪار، بيگناھ ۽ بي ھٿيار جُٽي تي حملو ڪيو ويو.

پوءِ صوبائي حڪومت جي ان حملي خلاف، حضرت صاحبن شھيدن ھن جنگ ۾ شھيد ٿي ويل فقراء جي وارثن کي مقامي حڪومت جي خلاف، مرڪزي عدالت ۾ اپيل ڪرڻ لاءِ ھمٿايو.

ڪيس داخل ٿيو، فقراء فاتح ٿيا، خون بھاعيوض ساڳين ئي وڏيرن ۽ جاگيردارن جون زمينون ضبط ڪري شھيد ٿي ويلن جي وارثن کي ڏيڻ جي عدالتي فيصلي، سمورن سازشي ذرين کي وڏيڪ چيڙائي ڇڏيو، بعد ۾ باقاعده منظم انداز ۾ حڪومت ۽ ان جي ساٿارين مرڪزي حڪومت کي غلط

انفارميشن ڏني ڪانئس فوجي مدد طلب ڪئي، هن پيري فوج جي ڪمان، مرڪزي حڪومت جي بادشاه جي پٽ ڪئي جيڪو هن جنگ ۾ مارجي ويو، حڪومت ۽ انجي ساٿين کي شڪست نصيب ٿي ۽ پوءِ صلح جو هٿ وڌائڻ جي آڙ ۾ سازشون ٿيون صوفين جا سرتاج ۽ شهنشاهہ حضرت شاهہ عنايت الله رحہ جن شهيد ڪيا ويا، بعد ۾ حالتن ڪهڙو رخ اختيار ڪيو، اهو سمورو داستان صوفي دلپت جي پوٽي هريرام مسڪين پنهنجي جد امجد صوفي دلپت سائين جي زبان کان ٻڌي ۽ ان کان تمام گهڻو متاثر ٿي ساڳئي داستان کي فارسيءَ ۾ منظوم انداز ۾قلمبند ڪيو جنهن جو مسودو اسان وٽ ڪيتري ئي عرصي کان محفوظ پيو هو مناسب مرتب جي تلاش ۾ حافظ کي ڳولهي لڌوسين،

جيڪو مذهبي ماڻهن جي هجوم ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندو پئي رهيو پوءِ اسان ڪيس سڏيو تہ هن بہ لبيڪ ڪئي ۽ آخر اسان جو ٿي ويو. اسان سندس ڊيوٽي لڳائي تہ هن مسودي کي سٺي نموني ڪتابي صورت ۾ تيار ڪري ڇپرائي ڇاڪاڻ تہ صوفي دلپت فقير هن درگاهہ جو وڏو نانءُ آهي، جنهن هن درگاهہ تي ڪيترائي ڀيرا حاضريون ڀريون ۽ رياضت ڪئي. سندس فڪر مان حضرت داتا پير شاهہ قلندر رحہ جن جي خوشبوءِ ۽ حضرت شاهہ شهيد عليہ الرحمة سان وڏي عقيدت نظر اچي ٿي،

پوري ڪتاب کي پڙهڻ سان هي معلوم ٿئي ٿو تہ صوفي دلپت سچ پچ بنا ڪنهن مذهبي فرق جي خدا رسول ﷺ ۽ مرشد جي ساراهہ سان گڏوگڏ چوپايون، ڪافيون، واهگرو ڪاجاپ، رام شيام ڪلياڻ ۽ ڀيراڳ ڇئي، ڀڳوان جي ڀڳتي پئي ڪئي آهي. سچ پچ صوفيءَ جو متوئي اهو آهي تہ هو، انسانن ۾ ويڇا وجهندڙ سمورن مذهبن کي ترڪ ڪري، هن ڌرتيءَ تي فقط امن ۽ محبت کي عام ڪري ۽ ڌرتي ڌڻين (انسانن) کي، ڌرتيءَ تي

رهندڙ ٻي سموري مخلوق تي خلافت جي صحيح ذميداري کان آشنا ڪري تہ جئين، جن ۾ حيوان (جيت جڻيا) چرند ۽ پرند، ڪول ماڪوڙن سميت ٻي هر طرح جي مخلوق، انسان جي تڪليف ۽ اذيت کان مڪمل محفوظ رهي. ڇاڪاڻ تہ انسان هن زمين تي سموري مخلوق جو بادشاهہ ۽ خليفو آهي. ۽ ٻي مخلوق انجي رعايا. بادشاهہ جو فرض آهي تہ هو پنهنجي رعيت جي حقن کان آگاهہ رهي.

صوفي دلپت جي ڪلام ۾ بہ انسان جي عظمت ۽ وحدت جي تعليم نمايان آهي. جيڪڏهن ان تي عمل ڪيو وڃي تہ فساد جو نالو نشان ئي مٽجي ويندو ۽ انسان، ان "ذات" کي هوا يا خلاءِ ۾ نہ، بلڪ پنهنجي وجود ۾ ڳولهيندو ۽ جڏهن خيال اتي ئي وڃي بيهندس تہ پوءِ همہ اوست جي هُڪار پسندو...

شاباش هجي حافظ عطائي ۽ سندس ٽيم ۾ شامل فقير بشير احمد جتوئي ۽ ٻين سمورن اهڙن فقراءَ کي جن مختلف ڪتابن جي ڇپائي ۾ وس آهر نمايان ڪردار نڀايو، الله ۽ شاهہ شهيد رحہ سندن ٻيڙا پار ڪندو آمين...

فقير عطاء الله

صاحب ڪريم
صوفي عطاءُ الله ستاري
درگاهہ جهوڪ شريف

صوفي دلپت جو تعارف

سندس پٽ جي زباني مرشد جي مجنون صوفي دلپت جي عشق جو احوال

صداقت مند دوستن جي ڄاڻ لاءِ عرض آهي تہ حضرت صوفي شاھ عنايتؒ شهيد جي قلندر صفت بزرگن جو خاندان عشق الاهي ۾ ايتري عروج تي رسيل هو جو انهيءَ جي هنڌين ماڳين هاڪ وڏندي تي وئي جنهن ڪري وقت جا ڪيئي درويش ۽ وليءَ صدق دل سان انهيءَ طرف روزبروز رجوع ٿيندا پئي ويا.

صوفي دلپت کي اوائل کان عشق جي لغار لڳل هئي ان ڪري پنهنجي رب ڏانهن راغب رهي سدائين ذڪر فڪر ۾ محو رهندو ٿي آيو. پاڻ وقت بہ وقت مرشد جي درٻار ۾ حاضري ڀريندو ۽ فيض حاصل ڪندو ٿي رهيو.

هن ڀاڳوند کي پنهنجي مرشد سڀوري وٽان جيڪو بہ ارشاد پئي ٿيو تنهن جي بنا ڪنهن ويرم جي پوئيواري پئي ڪيائين سندس انهيءَ تواضع ۽ تابعداري جي ڪري خود حضرت مرشد سائين (صوفي شاھ عنايتؒ) جو پنهنجي مريد تي ايڏو راز رهندو ٿي آيو جو ڪڏهن جولان ۾ اچي ڪيس وڏي اُڪنڊ ۽ اڪير سان هلي آءُ اسان جا مجنون! جا سڏ پيا پوندا هئا، ان مان ظاهر آهي تہ مرشد سڀوري جي سچي مجنونءَ جي اکين جي ڪمان عشق حق جي اورا ڪورا ڪان سندس پرون تائين سج وانگي سوجهري ۾ رَتل هئي. جيڪڏهن سندس عشقائيتون اکيون پرون جي نقاب ۽ محراب مان جلوي نمائي ڪرڻ تي لڳيون تہ دنيا جهان ۾ ترٿلو مچي ٿي ويو ۽ ڪنهن کي بہ ان جي تاب کان بچڻ جي ڪاواھ نٿي ملي.

سبحان الله!! صد درويشن جي انهيءَلڏي اندر پنهنجي اوصاف اطوار ۾ ڪامل اهڙي مان مرتبي وارو ڪو ٻيو شخص موجود ئي نہ هو سندس مرشد جي خاندان ۾ جيتوڻيڪ ڪيئي پهتل بزرگ موجود هئا تڏهن بہ انهن ۾ ۽ صوفي دلپت ۾ گهڻو فرق هو، ايتري قدر جو قضا سان جيڪڏهن دلپت کان ڪا سهو (ڀُل چُڪ) بہ ٿي پوندي هئي تہ بہ پاڻ مرشد سونهاري کان ڪجھ لڪائيندو بہ نہ هو ۽ ساڳئي سڪ پرئي سڌ سان مرشد بہ ڪيس مانائتو ڪندو ٿي آيو. اهڙي ريت معشوق پنهنجي عاشق جو ۽ عاشق پنهنجي معشوق جو شيدائي ۽ فدا ئي هو.

صوفي صاحب کي چار پٽ:

1- ڀائي ڪيشورام　　　2- ڀائي کيمچند

3- ڀائي ڀوڄن داس　　　4- گنگارام ۽ هڪ نياڻي هئي.

فقير دلپت ٻارهين صدي هجري ڌاري هن دنيا ۾ وارد ٿيو سندس وڏا سيوهڻ شهر جي ناواڻي هندن جي عاملن مان هئا پاڻ ڪيترن ورهين کان پوءِ پنهنجي ڇمار جي پڇاڙي ۾ سيوهڻ ڇڏي حيدرآباد اچي وسايائين جتي سندس آستان بہ هو اتيئي سندس لاڏاڻو ٿيو.

مِنْ ڪلام - اضعف العباد

(هريرام مسڪين)

نہ بيگر نہ وري سرڪاري ڪارندن ڪي زياد تي جو ڪو موقعو ملي سگھيو ٿي.

ان عظيم ڪارنامي جي ڪري شاهہ عنايتؒ جي شهرت وڌندي وئي ۽ جتي ڪٿي سندس نئين تجربي جو پرچار ٿيڻ لڳو، ماڻهو پراڻن پيرن يا ٻين جو پاسو ڇڏي شاهہ عنايتؒ جي پناهہ ۾ ايندا ويا.

سنڌ جا ڪيترائي مؤرخ لکن ٿا تہ فقيرن جي انهيءَ سوچ ڪان پوءِ اوسي پاسي جي هارين نارين جا حوصلا وڌندا ويا. ان جي اثر ڪري سرڪاري ڪارندن توڙي جاگيردارن جي هيبت بہ نہ رهي بلڪ ڪيترن پاسن جا غريب غربا، جاگيردارن جي ظلم ڪان پاڻ بچائي هن اهل الله صوفي شاهہ عنايت رحہ جي دامن هيٺ پناهي تي امن امان سان زندگي بسر ڪرڻ لڳا.

اهيئي اسباب هئا جنهن تان حضرت صوفي شاهہ عنايتؒ ۽ جاگيداري نظامَ جي درميان جنگ لڳي، جيڪا ڇئن مهينن ڪان بہ مٿي هلندي رهي. فقيرن وٽ توبون ۽ بندوقون ڪونہ هيون، هوڏانهن ميان يار محمد مغلن جي سرپرستي ۾ هٿيارن پنوهارن، هاٿين توڙي گھوڙن جي گھمسان ۾ رڻ ڀاري ڏنو هو. ويچارن فقيرن وٽ شب خون راتا هي ڏيڻ ڪان سواءِ چارو ڪونہ هو. اهو طريقو بہ مير علي شير قانع چواڻي ڪافي اثرائتو هو. جنهن حڪمران طبقي لاءِ تباهي مچائي ڇڏي هئي. صوفي شاهہ عنايتؒ فقيرن کي هدايت پئي ڪئي تہ دشمن تي راتا هو نهايت خاموشي سان هنيو وڃي ليڪن هڪ رات ڇا ٿيو جو فقيرن مان ڪنهن ماڻهوءَ وڏي واڪي ”الله“ جو هُوڪرو هنيو تہ ٻين بہ سندس ساٿ ڏنو، جنهن ڪري پنهنجا پراوا پڌرا ٿي پيا ۽ ڪيترائي فقير دشمن جي ترارين جو ٻُڪ ٿي ويا. شاهي لشڪر ۾ جاسوسن جي موجودگيءَ ۽ خاص ڪري هُوڪري (نعري) ڪان پوءِ خبر پئجي

وئي تہ ڪي فقير اندرين خاني دشمن جي فوج سان ملي ويا هئا راتاهن ۾ فقيرن کي نقصان ضرور رسيو مگر سندن حوصلا پست نہ ٿيا ۽ خود دشمن سان ڀرپور مقابلو ڪندا آيا. آخرڪار جڏهن فقيرن تي سوڀ پائڻ جو امڪان ڏسڻ ۾ نہ آيو تہ دشمن دغا ۽ فريب تي لهي آيو. 1 جنوري 1718ع تي شاهہ عنايت ؒ آڏو صلح جي تجويز پيش ڪئي وئي. انهيءَ سازشي ڪارنامي سرانجام ڏيڻ لاءِ ميان يار محمد (خدا يار خان) جو پٽ محمد خان ۽ شهداد بلوچ فوج جي سالارن سان گڏجي شاهہ عنايت ؒ اڳيان قرآن وچ ۾ آڻي عهد اقرار ڪيو تہ فقيرن جي جان مال کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ پهچايو ويندو. ان تي شاهہ عنايت ؒ کي ڪيترن ماڻهن چتاءُ ڏنو تہ مخالفن جا اهي عهد، اقرار ۽ قسم، قرآن پاڪ جي اعتبار ۾ آڻڻ جوڳا نہ آهن ليڪن خدا پرست صوفي قرآن جي قسم تي شڪ ڪرڻ وارو ڪونہ هو آخرڪار صلح جي تجويز منظور ڪيائين. انهيءَ صلح موجب جهوڪ جا دروازا دشمنن لاءِ کوليا ويا ۽ شاهي فوج اک ڇنڀ ۾ بنا ڪنهن خون خرابي جي سڄي وستيءَ مٿان قبضو ڪري وئي. ان کان پوءِ خود شاهہ عنايت ؒ کي وڏي ادب ۽ احترام سان نواب اعظم خان جي خيمي (تنبو) ڏانهن صلح نامي تي صحيح ڪرائڻ جي بهاني نيو ويو. پر اتي پهچندي ئي کيس گرفتار ڪري هٿڪڙين ۽ ڏنڊا ٻيڙين سان قابو ڪيو ويو. پوءِ تہ شاهي ڪارندن جي ٻيگهي مچي وئي ۽ اهي جهوڪ ۾ پهچي فقيرن جو قتل عام ڪندا ويا سندن گهرن کي باهيون ڏنائون ۽ ملڪيتون لٽيائون، ائين سڄي وستيءَ جا ڪوٽ ڪنڌيون ڪيرائي پٽ ڪري جهوڪ جي اجتماعي زراعت رٿ جي ريلي ۾ ٻوڙي ڇڏيائون هاڻ تہ نہ ٻج ٽڻ وارا هيا، نڪي فصل ۾ لاٻارو وجهڻ وارا...!!!

صوبيدار (صوبي جي حاڪم) اعظم خان جي حڪم تي صوفي شاھ عنايت جو سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو. ايڏي سفا ڪيءَ تي بہ هن خدا دوست وليءَ شاھ عنايتؒ جي زبان مبارڪ تي هي شعر هو تہ.

رها نيدي مراز قيد هستي
جزاڪ اللهُ في الدارين خيراً.

يعني:

تو مون کي هستي جي قيد مان آزاد ڪيو
خدا توکي ان خير جو اجر ضرور ڏيندو.

صوفي شاھ عنايتؒ شهيد ٿيو ڪيئي فقير ترارن هيٺ اچي ويا ۽ جهوڪ جي وستي ويران ٿي وئي.

ان کان پوءِ بہ حاسدن جو حشر اهو ٿيو جو از غيبي خوف ۽ هراس جي عالم ۾ رهيا، جڏهن بہ فقيرن ڏانهن ڏيان پئي وين تہ ڏڪٽيءَ ۾ پئجي ٿي ويا.

اعظم انهي دل هول کان آخر اهو پڙهو ڏياريو تہ جيڪڏهن هن ڪنهن فقير جي واتان الله جو نالو (جيڪو سندن اسم تڪبير هو) ٻڌڻ ۾ اچي تہ ان جي سسي هڪدم ڌڙ کان ڌار ڪئي وڃي.....


تحفة الڪرام جي روايت مطابق مغلن جي نمڪ خوار ميان يار محمد عرف خدايار خان ڪلهوڙي کي انهيءَ اعلىٰ خدمت جي صلي ۾ لاڙڪاڻي جي ڪنڌ ڪڙچ ۾ ڪيئي جاگيرون انعام طور عطا ٿيون.

نياز همايوني


"نويد فڪر" مرحوم سبط حسن جي استفادي سان.

حضرت صوفي شاه عنايت شهيدؒ جن جي درگاه جو ٻاهريون منظر

حضرت صوفي شاه عنايت شهيدؒ جن جي درگاه جو اندريون منظر




حضرت صوفي شاه عنايت شهيدؒ جن جي تربت جو منظر






صوفي دلپتؒ جن جي مرشد جي تربت



صاحب ڪريم سائين حاجي عبدالستار ثاني رح
جن شام جي ڪچهريءِ دؤران




صاحب ڪريم
صوفي ارشاد عباس ستاري رح



صوفي عطاءُ الله شاھ ستاري

سجاده نشين


درگاھ جهوڪ شريف



صوفي عطاءُ الله شاهہ ستاري

سجاده نشين


درگاهہ جهوڪ شريف



صوفي عطاءُ الله شاهه ستاري

سجاده نشين

درگاهه جهوڪ شريف



صوفي زبير الدين ستاري

ولي عهد

درگاهه جهوڪ شريف

مرتب پاران

بسم العطاء

مون پنهنجي ماضيءَ جي ڳڙڪيءَ مان ليو پائي پاڻ کي ڏسي ھي سوال کيو تہ اي تقدير ۽ مشيئت جي موضوع تي مناظري ڪرڻ وارا! ٿورڙو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏس ۽ غور ڪر تہ تنهنجي تقدير ڪيئن ٿي بدلبي رهي. ڪٿي آهي اهو پيش امام ۽ 30 سال مسلسل تراويحون پڙهائيندڙ حافظ ۽ قاري؟ پنهنجي باري ۾ اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو تہ هو (آءُ) بظاهر هڪ هندو رام ڪرشن، ڪشور ۽ اوم وغيره جي پوئلڳ، پر، درحقيقت حقي ۽ سچي صوفي سائين ”دلپت رام“جي تعليمات تي مشتمل فارسي نسخي جو ترجمو قلمي حصو ۽ اندين سنڌالاجي مان مسٽرگوپال نڪر جو ڇپيل ڪتاب ”جي يانئين جوڳي ٿيان“ کي هڪ ئي جلد ۾ مرتب ڪندس، هينئر بہ جيڪڏهن ڪو، اهو سمجهي ٿو تہ ھي ڪم مون ڪيو آهي تہ اها سندس خام خيالي ۽ وڏي ڀُل آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪتابن جي ترتيب دوران قلم تہ منهنجو هوندو آهي، پر هٿ اُن هاديءَ جو، پوءِ پيو تو لکرائي، پر ڇاتو لکرائي اها خبر ئي نہ پوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن مان ڪا اهڙي تعليم ئي نہ پرائي آهي تہ پوءِ ان بابت لکڻ جي ڇا مجال! بلڪ اڄ ڪلهہ هن فقير جي قلم سان جيڪو ڪم ٿي رهيو آهي، آءُ تہ پنهنجي پوئين زندگي ۾ ان کي ڪفر ۽ شرڪ قرار ڏيندو هوس ۽ اها خبر بہ هاڻي ٿي پوي تہ صوفين جي هن ڪفر ۽ شرڪ ۾ ئي هر قسم جو راز ۽ رمز سمايل آهن ”نازم بہ ڪافري بہ ايمان برابر ست“ مطلب تہ سندن ڪفر ۾ ڪلمي پاڪ جو پهريون حرف لا آهي، جيڪو خود انهن ماڻهن جي زبانن تي بہ روز ورجايو ويندو آهي جنهن تي اهي پاڻ تہ

مومن يا مسلمان ڪونائن ٿا، ڇاڪاڻ ان ڪفر يعني لا ڪانسواءِ خود سندن ايمان نامڪمل آهي جڏهن تہ ٻئي پاسي اهو شرڪ جنهن تي صوفين کي تہ مشرڪ چيو وڃي پر فتويٰ ڏيندڙ پاڻ کي موحد ٿا سمجهن. اهو عقيدو پڻ هي آهي تہ انسان جنهن بہ جاءِ تي آهي، پوءِ اهو اڪيلو ئي ڇو نہ هجي پر هو اڪيلو ناهي اهو ساڻس شريڪ آهي پوءِ انسان جي اختيار ۽ ارادي ۾ بہ اهو شريڪ آهي پوءِ اهو چڱو يا هجي يا خراب اهو انسان اڪيلي سر نہ ٿو ڪري بلڪہ ان ۾ بہ ان جي منشا موجود آهي.

1- مايڪون من نجوىٰ ثلاثةِ الاهو رابعهم وَلاَ خمسةِ الاهو سادسهم.

2- من يهده الله فلا مضل لہ ومن يضللہ فلا هادي لہ.

3- ومارميت اذرميت ولڪن الله رمي.

4- وهو معڪم اين مَا ڪنتم ۽ ٻين ڪوڙ سارين اهڙين آيتن جي مفهوم کي مذهبي ۽ عقيدت جا اِهي ڪوپا لاهي سمجهڻ گهرجي جيڪي مذهبي اڳواڻن پنهنجي علمي هاڪ ويهارڻ لاءِ حدون قائم ڪري جمهورجي آڙ ۾ عام ماڻهوءَ کي قرآن پاڪ کان پري رکي فقط پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري ڇڏي آهي. ڪتاب جي حوالي سان عرض تہ هن ڪتاب جو پهريون حصو فارسيءَ ۾ منظوم هيو، پر انجي ڪافي ڪاغذن کي اڌوهي کائي وئي. هي اهو حصو آهي جنهن کي مولانا عبدالرحمٰن جمالي سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو ڪتاب جي ترتيب دؤران منهنجي اها خواهش هئي تہ ڪاش علامہ جمالي صاحب سان روبرو ملي تاثرات جا بہ اکر لکرائجن، پر وقت اهڙو موقعو ئي نہ ڏنو. جنهن تي آءٌ ڪانئس معذرت خواهہ ٿيان. جڏهن تہ هن ڪتاب جي نظرثاني نامياري ليکڪ نياز همايونيءَ ڪئي هئي.

فارسي نسخي ۾ اها تحرير موجود آهي تہ **من قال دلپت مجنون ومن قال هريرام بندة حق ومن درج هريرام اختتام يافت.**

يعني جيڪي ڪجهه دلپت مجنون فرمايو، انڪي هن بندي هريرام منظوم ڪري قلمبند ڪيو آهي.
مونکي هي فارسيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل نسخو، پنهنجي هادي حضرت صاحب ڪريم جن جي هٿن مبارڪن سان موصول ٿيو جڏهن تہ محترم گوپال ٺڪر پاران مرتب ڪيل ”جي پائين جوڳي ٿيان“ پڻ حضرت صاحبن ڪريمن مونکي فيبروري 2011 تي ان وقت ڏيڻ فرمايو جڏهن 11 ربيع الاول جي ڏينهن تي پاڻ پنهنجي نئين خريد ڪيل گاڏي جي سيٽ ڪورن ۽ ٻي سيٽنگ لاءِ سڄو ڏينهن حيدرآباد ۾ مونکي ۽ فقير پنهل کي پاڻ سان گڏ هجڻ جي سعادت جي مهر فرمايائون ۽ بعد ۾ رات جو دير سان تاج پور وياسون جتي 12 ربيع الاول جي ڏينهن تي صوفي فقير رازعلي سبز پوش جي فرزند جي شادي ۾ شرڪت ڪئي مطلب تہ 48 ڪلاڪ مسلسل صاحبن ڪريمن سان گڏ رهڻ دوران مونکي هن ڪتاب جي ترتيب ڏيڻ جي حوالي اشارن ڪناين سان سان هدايتون حاصل ٿينديون رهيون ۽ انهن جي روشني ۾ اڄ هي ڪتاب پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو آهي الحمد للعطاءِ.
سائين صوفي دلپت رح جن جي حوالي سان سائين حسام الدين راشديؒ سائين جي ايم سيدؒ ۽ ٻين ڪيترن ئي ناميارين هستين اهو لکيو آهي تہ پاڻ، فارسي، سنڌي، هندي توڙي اردو ۾ ڪافي ساريون ڪافيون ۽ ڪلام چيا اٿن پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ”صوفي شاه عنايت شهيدؒ ۽ سندس سلسلي جا شاعر“ ۾ لکي ٿو تہ سندس ولادت 1769ع ۽ وصال 1841ع آه جڏهن تہ صوفي دلپت جي ڏهٽي جو داماد مسٽر گوپال ٺڪر صوفي دلپت سائين جي لاڏاڻي جي تاريخ 1849ع لکي آهي مختلف تاريخي ڪتابن جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هريرام مسڪين

سندس پوٽو يعني صوفي دلپت جي وڏي ۽ بعد ۾ گادي تي ويهندڙ پٽ ڪيشورام جو فرزند آهي.

هينئر بہ هندستان ۾ صوفي صاحب جي ڏوهٽي محترم جمنا صاحبہ جيڪا اتان جي نامياري ليکڪ پروفيسر ڏيوٻڻاڻي جي پتني آهي.

۽ سندن پٽ اشوڪ ٻڻاڻي جيڪو دهليءَ ۾ امريڪن لائبريري جو اعليٰ آفيسر رهيو آهي، هُن پنهنجي پياري امڙ کي 2 نومبر 2009 تي سندس 92 هين سالگره جي تحفي طور پيش ڪرڻ لاءِ **"جي پائئين جوڳي ٿيان"** ڇپائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

اهڙي ريت مسٽر گوپال نڪر جو پڻ اهو چوڻ آهي تہ سائين صوفي دلپت، سندس سهري مسٽر گدو هرجاڻي" جو نانو آهي بهر حال اسان هي ڪتاب بہ محترمہ جمنا کي 94 هين سالگره تي تحفي طور پيش ڪريون ٿا ۽ صوفي دلپت جي خاندان سان وابستہ مٿي ذڪر ڪيل سمورن فردن ۽ پڻ اهڙن فردن جن بابت اسانکي ڄاڻ حاصل ناهي تي سگهي انهن کان اميد ٿا ڪريون تہ ملڪي فاصلن مٿائڻ ۽ هڪ ٻئي کي وڌيڪ ويجهو ٿيڻ لاءِ هي دستاويزي ڪتاب "دلپت دل درياھ" اهم ڪردار ادا ڪندو.

صوفي دلپت اها هستي هئي جنهن تصوف جي رنگ چڙهڻ شرط ميرن جي دور ۾ مليل مختيار ڪاري جهڙي اهم نوڪري کي خيرباد ڪيو ۽ پنهنجي گروءَ سائين صوفي آسرداس ۾ فنا، رهيو جڏهن تہ سائين صوفي آسرداس، درگاھ جهوڪ پاڪ جي معروف مجتهد ۽ مجدد فقير حضرت داتا پير سائين مخدوم فضل الله شاھ قلندر جو مريد ۽ طالب هو ان دور جي حالتن کي ڏسي ڪري لڳي ٿو تہ صوفي دلپت، جون حضرت مخدوم فضل الله شاھ قلندر "داتا پير" جهڙين هستين سان روح رهاڻيون رهيون هونديون ۽ مخدوم سائين نور الله شاھ سائين صوفي صادق شاھ ۽

ٻين اهڙن ئي همعصر بزرگن مان ٻہ گھڻو ڪجھ حاصل ڪيو هوندو، مطلب تہ صوفي دلپت جو زمانو درگاھ جھوڪ پاڪ جي تمام وڏن بزرگن جو زمانو آهي جن جي صحبتن جو اثر هن فقير تي ضرور رهيو آهي. سندس مرشد صوفي آسرداس جي ڪلام کي پڙهي ڪري محسوس ٿئي ٿو تہ هي فقير بہ ان ئي رنگ ۾ رچيل رهيو آهي صوفي آسرداس جو چو سڻو آهي تہ:

مايا اڇڻي وڇڻي کھڙي ياءِ،
ڪن جي چورھٽي ويا ڪن جي ساڙي باھ،
ڪن جي دٻي رهي ڏوڙ ۾ ڪن جي راجا ڪاءِ،
سڦلي ٿيندي ساءِ جا خرچين سائينءَ نانوتي.

۽ آخر ۾ آءُ انتهائي شڪر گذار آهيان، محترم ڊاڪٽر صوفي ساغر ابڙو، جو جنهن جي صلاحن سان هي مسودي مان ڪتاب بڻيو. علامہ غلام مجتبيٰ سنديلو صاحب جو جن پروف چيڪ ڪرڻ ۾ معاونت فرمائي ۽ ڪتاب جي ڇپرائيندڙ فقير بشير احمد جتوئي جيڪو مسلسل سات نيائيندو پيو اچي وڏ ۾ روڏ پنهنجي هاديءَ جي حضور سر بسجود آهيان جنهن ان لائق بڻايو سندس بارگاھ ۾ دعا گو آهيان تہ ڪتاب جي سلسلي ۾ سمورن مددگار دوستن سميت، منهنجي دنيا ۽ عقبيٰ سنواري، اسانجي اهل وعيال جو ضامن بڻجي ۽ ڪين سدائين سرهو رکي هر قسم جي ڪوسي واءُ کان محفوظ رکي. سندن بخت ڀلا ڪري ۽ مونکي هن تحريري تبليغ جي ڪم ۾ سداثابت قدم رکي آمين...

فقير حافظ عطائي
صوفي القادري لاڙڪاڻو
15 محرم الحرام 1433ھ
بمطابق 11 ڊسمبر 2011ع آچر ڏينهن

سمڪار

الحمدلله وڪفیٰ والسلام علیٰ عباده الذين اصطفیٰ

اما بعد! منھنجو ھي معمول آھي تہ انسان دوستيءَ جي حوالي سان سُر سنگيت جي امر نانءُ ماسٽر چندر جا گيت ٻڌندو رھندو آھيان، ان جي باوجود صوفين سان اھا ويجھڙائپ حاصل نہ ٿي سگھي. ارشاد نامون، درد نامون، ڪشڪول ارشاد جي پڙھڻ ڪانپوءِ تازو صوفي دلپت جو ھي ڪتاب "دلپت دل درياھ" جي پڙھڻ جو موقعو مليو. جنھن ۾ حمد، نعت ۽ مدح مرشد ڪي پڙھي اندازو لڳايم تہ سچ پچ صوفيءَ جو مذھب انسانيت کي اجاگر ڪرڻ آھي. پر ڪڏھن ڪڏھن سوچيندو ھيم تہ صوفي، حقوق الله کان چو پري نظر اچن ٿا...؟ پر ڪشڪول ارشاد ۾ صوفي ارشاد عباس سائين جن جي سيرت ۽ سوانح منھنجي ان خيال کي بہ مسترد ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ سائين ارشاد عباس نہ رڳو طريقت ۽ معرفت جا صاحب پر پابند شريعت پڻ ھئا.

ڏنو وڃي تہ قرآن پاڪ ۽ ٻين الھامي ڪتابن جو موضوع ئي انسان آھي ۽ ان سان گڏوگڏ سمورن نبين، ولين، مفڪرن ۽ ڏاھن جا ڏس پڻ تڪيل انسانن جي رھنمائي ڪندڙ آھن. جنھن کان گھٽي ياڳي انسانن جي اڪثريت وانجھيل نظر اچي ٿي.

صوفي بہ محبتن جا مڇ ٻاري سوسائٽيءَ جي سردي سٽيل انسانن کي پاڻ ڏانھن مائل ڪري سندن عشق جي حرارت فراھم ڪري، نہ رڳو نارمل بلڪ ڪين معاشري جو مفيد فرد بڻائن ٿا. صوفين جي سوسائٽي جو سُٽي پڙھي ڪري محسوس ٿئي ٿو تہ صوفي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي حجة الوداع جا ترجمان ۽ پيروڪار پڻ آھن، جيئن حجة الوداع جا الفاظ مبارڪ آھن تہ

”لافرق بين الغني والفقير وبين الاحمر والاسود“ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سموري ڏنل خطبي مثان عمل، وقت جي ضرورت آهي تہ جيئن مذهبي حد بندين جي باوجود مسلم توڙي غير مسلم پائرن جي درميان ويڇا ختم ٿي سگهن ۽ منجهن انساني رواداري، محبت ۽ اخوت جهڙا انساني رويا پروان چڙهي سگهن، اهو سڀ ڪجهہ اسان کي صوفين جي صحبت ۽ محبت ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ ساڳيو سبق اسان کي صوفي دلپت جي هن ڪتاب مان بہ ملي ٿو.

آءُ ٿورائتو آهيان درگاهہ جهوڪ شريف جي سجاده نشين سائين صوفي عطاءُ الله ستاري جن جو جن جي دعائن سان درگاهہ جهوڪ شريف سان وابستہ مختلف ڪتاب مطالعي ۾ آيا آهن ۽ ان کان علاوه حافظ عطائي جو جيڪو پنهنجي ڪتابن جي سلسلي ۾ مونکان معاونت ۽ استعانت حاصل ڪندو رهي ٿو. منهنجي دعا آهي تہ الله تعالىٰ، درگاهہ پاڪ جي هن سموري طباعت و اشاعت واري ٽيم جون تمنائون پوريون ڪري ۽ کين استقامت جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

غلام مجتبىٰ سنديلو
مدير: دارالعلوم لطيفيہ رضويہ
ايئرپورٽ روڊ الله آباد لاڙڪاڻو

حصو پھريون
فارسي ڪلام جو
سنڌي ترجمو

رَبِّ يسّرو لا تعسّر وتمّم بِالخيرِ
انک علي کل شيءِ قدير

حمد

حق تعاليٰ جي ساراهہ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

هوالڪافي

اي ساري جهان جا سخي سائين!
توئي هر شيءِ کي اڻ هوند مان هوند ۾ آندو.

اي پنهنجي صنعت ۾ بي پرواهہ بادشاهہ،
تون ئي ملڪ ملڪ ۽ جسم جان جو مالڪ آهين.

اي بيحد بي حساب سخاوت وارا سائين،
تون سڀ جو رازق ۽ سڀ ۾ يڪتا آهين.

تون ئي پرده پوشيءَ لاءِ ڪافي آهين،
تون ئي گناهن جي پرده پوشي ڪندين.

اي شفا ڏيندڙ! حڪيمن جا شفا بخشيندڙ سائين،
تون ئي درد مندن جي دوا ڪرڻ وارو آهين.

اي رحمان مولا اي رحيم ڪريم ڏئي،
تنهنجي ئي رحمت عام خاص لاءِ آهي.

تنھنجي ئي امر سان آسمان جا تارا روشن آھن،
۽ تون ئي چنڊ سان جڳ کي روشن ڪرين ٿو.

تنھنجي ئي امر سان اي خلقڻھار!
آدم ۽ حوا پيدا ٿيا ھئا!

تنھنجي ئي حڪم سان نبي توڙي امام آيا،
تنھنجي ئي رضا سان عام خاص انسان اُپايا ويا.

تنھنجي ئي امر موجب ڪعبو قبلو ۽ قرآن،
مسجد ڪليسا ۽ عام جايون عام منظر تي آيو.

اِنبياء ۽ اولياء تنھنجي مرضي مطابق ايندا رھيا،
تنھنجي ئي حڪم سان انھن ڪاميابيون ماڻيون.

جن توڙي بشر مڙئي سندءِ حڪم مبارڪ سان،
وجود ۾ ايندا ويا ۽ دنيا آباد ٿيندي وئي.

اي الله تون ئي اڪيلو ۽ اڳاڻو ڏاڍي آھين،
ڪوبہ عدل انصاف ۾ تنھنجي برابر نہ آھي.

دوزخ ۽ بھشت، حورون سڀ سندءِ تخليق آھن،
باغ، زمينون ميدان بيابان توئي خلقيا آھن.

موجن پريا سمنڊ ۾ موتين پريون سپون مڙئي سڀ،
تون ئي اُپائين ۽ نپائين توڙي پسائين تو.

سون چاندي جون کاڻيون ۽ هيرا جواهر،
تنهنجي قدرت سان موجود رهندڙ آهن.

هر ذرو تنهنجي ذات جي ڪري موجود آهي،
انهيءَ جون رونقون توئي اُپايون آهن.

تنهنجي ئي عجب ايجاد سڀ ڪجھ مهيا ڪيو،
توئي سيڪنهن کي ظهور تيڻ جو زيب عطا ڪيو.

اي رب ذوالجلال والا ڪرام اي ذيشان،
تنهنجي ذات سان ڪنهنکي بہ شريڪ نٿو ڪجي.

تنهنجي ذات هر طرح پاڪ صاف اعلىٰ آهي.
تنهنجو اسم اعظم سيني اسمن کان متي آهي.

تون زمان مڪان توڙي زمين آسمان جي،
حدن کان جيترو چئجي اوترو متانهون آهين.

تون بي نشان لامڪان ۽ بي مثال آهين،
تون جئن آهين، تئن ئي سونهين تو.

تون مڪان ۽ بلنديءَ جي قيد کان متي آهين،
اها وصف مالڪ سائين! فقط تنهن جي ئي آهي.

تنهنجي ذات ڪن فيڪون ڪان بہ اڳ آهي،
اها ذات جيڪا ڪنهن رنگ ۽ ڏيک ويک کان پاڪ آهي.

تون بي مثل آهين تنهنجو شان عزّوجلّ آهي،
تون اول آخر ۽ تون ئي لازوال آهين.

سڀ جي حفاظت تنهنجي ذمي آهي،
تنهنجو خزانو اڻکٽ ۽ تنهنجي غنا، لاحد آهي.

تنهنجي قدرت جو اندازو ڪرڻ مشڪل ٿيندو.
تنهنجي وصف وسيع ۽ حيران ڪندڙ آهي.

تنهنجي تعريف ڪيئن تو بيان ڪري سگهان،
تنهنجي ذات شڪ ۽ گمان جهڙي نہ آهي.

تنهنجي ساراهہ ۾ جيتوڻيڪ سوين ڪتاب جوڙيان،
تڏهن بہ اهي ختم ٿيندا، پر آءٌ ختم ٿي ويندس.

جيڪو هن وصف کي دل جي صدق سان پڙهندو،
ان جي طبيعت حق جي پاسي مائِل ٿيندي.

مسڪينَ الله جي توفيق سان هيءَ وصف لکي آهي،
پالڻهار بابت پورو بيان وس کان ٻاهر آهي.

نعت شريف

حضورپاڪ ﷺ جن جي ساراھ

خدا جو سَنونءَ تہ تون عارفن جو سلطان آھين،
ءَ تون ئي تارڪن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جو سَنونءَ تہ تون ئي عاشقن جو سلطان آھين،
ءَ تون ئي صادقن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جو سَنونءَ تہ تون ئي زاھدن جو سلطان آھين،
ءَ تون ئي عابدن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جو سَنونءَ تہ تون ئي سالڪن جو سلطان آھين،
تون ئي صابرن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جو سَنونءَ تي تون ئي مرسلن جو سلطان آھين،
تون ئي مرصدن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جو سَنونءَ تہ تون ئي مرحبن جو سلطان آھين،
تون ئي راسخن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جو سَنونءَ تہ تون ئي واصلن جو سلطان آھين،
تون ئي طالبن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جو سَنونءَ تہ توڳن ئي موڪليلن جو سلطان آھين،
ءَ تون ئي ڪاملن جي لاءِ برزخ آھين.

خدا جي سَنونءِ تہ تون ئي عاقلن جو سلطان آهين،
۽ تون ئي صالحن جي لاءِ برزخ آهين،

خدا جو سَنونءِ تہ تون ئي عالمن جو سلطان آهين،
۽ تون ئي نيڪن جي لاءِ برزخ آهين.

خدا جو سَنونءِ تہ تون ئي مشملن جو سلطان آهين،
۽ تون ئي مقبلن جي لاءِ برزخ آهين.

خدا جو سَنونءِ تہ تون ئي ختيمن جو سلطان آهين،
۽ تون ئي تميمن جي لاءِ برزخ آهين.

خدا جو سَنونءِ تہ تون ئي آڳاٽو سلطان آهين،
ڇاڪاڻ تہ توکي ئي سدائين بقا آهي.

خدا جو سَنونءِ تہ توکي ئي نبين سڀورن سڃاتو،
۽ توئي انهن کي اها شناس عطا ڪئي.

تنهنجي عشق جي فرهنگ وارو اشهب (گهوڙو)،
ڏاڍي خوش رفتاري سان رمندو رهي ٿو.

دنيا ۾ فطرت ڪي ائين رواڻ دوان ڪيو اٿئي،
جو انساني عقل ان جي پرک ڪري نٿو سگهي،

اي دانائي ۽ جلال وارا صاحب ۽ سائين!
تون ئي نور مطلق ۽ اسرار رَبّي کان واقف آهين.

تون ئي رب پاڪ جي نور جو مطلع آهي،
تون ئي مڙني رازن جو سر چشمو آهين.

تنهنجو ديدار بيشڪ رب جو ديدار آهي،
جنهن سان سيئي طبق روشن تين تا.

تون ئي حق جي طالبن جو مددگار آهين،
حق جي راهہ تي هلندڙن جو منهن دار آهين.

اي پاڪ ذات تحقيق تنهنجي، پاڪ ذات،
گمراهہ انسانن جي رهنمائي ڪندي رهي ٿي.

تون ئي آسمان تي معراج جو شرف حاصل ڪرين ٿو،
تون ئي هر هنڌ نزول فرمائي سگهين ٿو.

حق جي راهہ گيرن جو تون ئي رهبر ۽ رهنما آهين،
تون ئي حق کي مڃيندڙ ۽ حق چوندڙ جي حمايت ڪرين ٿو.

تون ئي خدا جو خاص الخاص سڄين ٿو،
تون ئي خاص ميدان جو واقف ۽ شہ سوار آهين.

تنهنجي هر هنڌ (برزخ) تائين بہ رسائي آهي،
تون ئي حق جي رازن لاءِ هادي آهين.

تون ئي پروردگار جي اسرار کان آشنا آهين،
تون ئي الاهي اسرار واضح ڪري سگهين ٿو.

تون ئي هر، عين اليقين جي دم سان زنده آهين،
تون ئي اوليائن واسطي زنده حيثيت رکين تو.

تون ئي رنگ روپ ۾ زنده رهين تو،
تون ئي هر اساس ۾ عيان ڏسجين تو.

تون ئي هر ڪنهن جي ڪم کان واقف،
تون ئي تسليم ڪندڙ کي تحفظ ڏيندڙ.

تون ئي پردي دارن لاءِ پناهه ۽ سندن پت رکندڙ،
تون هينياهين مٿاهين جون مشڪليون حل ڪندڙ،

ڇپن تي ايندڙ ڳالهه کي پروڙيندڙ تون ئي آهين،
دلين جو راز بہ توکان ڳجهو ڪونہ تو رهي.

تون ئي دانا آهين تہ تون ئي بينا آهين،
تون ئي ساقي آهين تہ تون ئي مينا آهين.

تنهنجي چهري جي آرسي حق نما آهي،
جنهن توکي ڏٺو سو بلڪل بيداغ ٿي ويو.

تون ئي سلوڪ جي راهه ۾ بي مثل آهين،
تون حق جي وحدت جي گنج جو سونهون آهين.

حق جي خزاني کي کولڻ وارو تون ئي آهين،
اهڙو ڪوبہ ٻيو توجهڙو ڪونہ تو ڏسجي.

اي ڪريم! اي رحيم!! اي غني!!!
مون جهڙا ڪيئي توکان ڀرو حاصل ڪن ٿا.

تون حضرت سليمان جئان ديون تي ڏاڪ تو رکين،
تو ڪِولين سان بہ ڳالهيون ڪري ڄاڻين تو.

هيءَ ڪائنات تنهن جي حڪم هيٺ رهي ٿي،
حورون ملائڪ سڀ تنهنجا تابعدار آهن.

هڪ بدن مان هزارين بدن بڻائيندو رهين تو،
وري انهن ڪي هڪ بہ تون ئي ڪري تو ڇڏين.

هڪ ساعت ۾ ست ئي آسمان طيءِ ڪري سگهين تو،
تہ لحظي اندر لکين جڳ بہ اپائي تو سگهين.

اي عظيم هستي اسان تنهنجي واکاڻ،
تنهنجي شان مطابق بيان نٿا ڪري سگهون.

هن بيان ختم ڪرڻ سان ائين تو ڀانئجي،
ڄڻ زبان وات ۾ ئي لال ٿي چڪي آهي.

جيڪو هي واکاڻ دل جي شوق سان پڙهندو،
ان جي دل سيڪنهن تائين رسائي ڪري ويندي.

مسڪين خدا جي امر سان هيءَ واکاڻ ڪئي،
جنهن جي مهابي فنا ٿيندي بہ باقي هوندس.

(مسڪين هريرام)

مدحِ مرشد حضرت شاھ شميد رحہ

پروردگار! تون ئي اندر جا ڀيد ڄاڻين ٿو،
تون ئي سيڪنھن جون مشڪليون آسان ڪرين ٿو.

توکان ڪنھن جو بہ ڪو راز ڳجھو ڪونہ آھي،
تون ئي ھر ھڪ رمز، ھر فن، ھر مسئلو سمجھين ٿو،

تون ھر چيز ۽ ھر وجود جو خالق ۽ مالڪ آھين،
تون ئي ھر ڪا ايجاد ۽ ھر رنگ اڇائين اُڀارين ٿو.

تون سيني وڏن کان وڏو ۽ مٿانھون آھين،
۽ ھر ڪنھن لاءِ اسباب مھيا ڪندو رھين ٿو.

شاھ عنايت اسان جي رب جو قاصد آھي،
جنھن اسان جي دل دوئي کان ڌار ڪئي.

انھيءَ ئي خدا رسيده ڀلاري اسان جو ايمان پختو ڪيو،
انھيءَ ئي اسان کي الله جي راھ ڏيکاري.

شاھ عنايتؒ الله، بيشڪ عارفن جو اڳواڻ آھي،
جنھن کان تار ڪن، حق جي راھ حاصل ڪئي.

شاھ عنايتؒ الله گمراھن کي بہ راہ ڏيکاريندڙ آھي،
ان جي واکاڻ ھي ڪمزور زبان ڇا ڪندي.

شاھ عنايتؒ الله تون ئي رب جو سچار بندو آھين،
تون ئي ھر ڪنھن شڪ شبھي کان صاف آھين.

شاه عنايتؒ الله پيغمبر سڳوري جو پيارو آهي،
اها خبر سندس شجري ڏسڻ مان ٿي پوي ٿي.

شاهہ عنايتؒ الله اي صوفي ۽ قادري!
تون ئي عرش ڪرسي تي ظاهر موجود آهين.

هن خاندان مان هميشہ ولين جنم ورتو آهي،
اها ڳالهہ سندن شجري ۾ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿي.

شاهہ عنايتؒ جيڪو حضرت عباس جي خاندان مان آهي،
سندس نسل عاقلن ۽ پاڪ شخصيتن وارو آهي.

هن جي والد بزرگوار جو اسم مبارڪ،
مخدوم فضل الله عليه الرّحمة هو.

سندس ڏاڏي سائين جو اسم شريف،
حضرت مخدوم يوسف ڄاڻايل آهي.

جيڪو پنهنجي وڏڙن کانَ وٺي پشاور ۾،
آباد رهندو تي آيو...!!

اتفاق سان هي ڀلارو شاهہ عنايتؒ صوفي،
سنڌ ۾ آيو ۽ بنوري شهر ۾ اچي آباد ٿيو.

ان شهر جي ڀر سان هڪ غير آباد علائقي ۾،
هن اچي پنهنجي ڪکڙن جي جهوڪ آباد ڪئي.

سندس قديم خاندان بزرگن سان ڀريل هو،
جن جو مرشد سڳورو مخدوم صدرالدين هو.

مسڪين جي دل ۾ الله تعاليٰ خيال پيدا ڪيو،
جنهن هن خاندان جو ذڪر لکي ڇڏيو.

نوٽ

حضرت شاهہ عنايتؒ جو خاندان جڏهن ٻنوري جي پر ۾ آباد ٿيو تہ اتي انن جهڪاڻ جي ڪري جهوڪ جو ٽالو پئجي ويو جنهن ڪي اڄڪلهہ جهوڪ شريف سڏيو وڃي ٿو، اتي ولين جي ولايت جي امانت پيڙهين پنيان هلندي آئي جنهن جو ذڪر ٿيل آهي. حضرت شاهہ عنايت ڪي ٽي پٽ هر هڪ خليل الله شاهہ، سلام الله شاهہ ۽ عزت الله شاهہ قادري هئا جن مان حضرت خليل الله شاهہ ڇغده ذات وارن جي علائقي ڏانهن ويو ان جي درگاهہ ۽ ٻيريءَ وارو خاندان مشهور آهي.

هي خاندان تہ هونءَ بہ آڳاٽو هوندو هو،
پر شاهہ عنايت جي اچڻ سان عظيم ٿي ويو.

شاهہ عنايتؒ هماء پکيءَ وانگي،
آسمان تائين پرواز ڪرڻ لڳو.

جڏهن پاڻ هن دنيا مان ڪوچ ڪيائين،
تہ پويان ٽي پٽ ڇڏي ويو هو!

اهي ٽئي ائين هئا جئن سج روشن هوندو آهي،
هر ڪو حق جي امانت سان ڀرپور هو.

جڏهن شاهہ عنايتؒ شهيد ٿي ويو،
تہ پنيان بہ وارث بہ ڇڏي گذريو.

جن مان هڪ چغده قوم جي پاسي هليو ويو،
۽ اتيئي وڃي درگاهہ کولي ويٺو.

سندس بہ سڳا وارث بہ موجود هئا،
جنهن مان هڪڙي جوڳ جو شغل اختيار ڪيو.

۽ ٻيو پيراڻي گاديءَ تي ويٺو!
جنهن وٽ مرشد جي امانت هئي.

انهيءَ هدايت جي سرچشمي مان،
ڪئي اجايل اچي سيراب ٿيندا رهيا.

ائين شاهہ فضل الله جي متاع (موڙي) مان،
هر ڪو معمور ٿي ٻين کي اڏيندو ويو.

آءٌ يلا ان جي کهڙي واکاڻ ڪندس،
جنهن صاحب ڪمال ڪيترن کي اوج تي رسايو.

يعني اهوئي صاحب سراسر حق وارو هو،
جنهن جا هزارين مريد ۽ معتقد هئا.

انهيءَ الله جي وليءَ جي جنهن تي نگاهہ پئي،
سو فيضياب ٿي حق سان هڪ ٿي پئي ويو.

اھوئي فيض جو درياھ ۽ فيض بخش ھو،
جنھن جي تعريف زبان ۽ قلم سان نٿي سگھندي،

ان جي تعريف ايتري طويل آھي جو،
منھنجي توڙي ٻي ڪنھن جي ڳڻپ ۾ نہ ايندي.

آءٌ ھن پلاري ۽ برڪت ڀرئي بزرگ جي،
ڪيتري بہ ساراھ ڪندس تہ اِھا پوري نہ پوندي.

سندس فيض ايڏو وڏڪار وارو ۽ عام ھو جو،
ھن جي پوين ۾ بہ ھلندو اچي ٿو.

ڪانئس پوءِ ڪيترائي وليءُ ۽ پير فقير،
ھڪ ئي لحظي ۾ حق سان واصل ٿيا،

آءٌ ھن سچار خاندان بابت ڇا چوان،
ان سان ڪنھن جي ڀيٽ ئي ناھي.

سندس خاندان مان ھرڪو مستفيض ٿيو،
۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتائين.

صوفي جي نصيب ۾ جيڪا امانت آيل ھئي،
ان جي پروڙ ڪونادان ڇا ڪري سگھندو.

ھن عمدي ڪتاب جو ھي داستان ھتي ختم ٿيو،
۽ مسڪين "ھريرام" جي مدعا پوري ٿي.

پڇاڙي تاريخ 4 ذوالحج سن 1305 ھجري
(مسڪين ھريرام جي زباني)

حضرت شاه شهيد جن جو برڪت ڀريو شجرو!!

دل جي صفائي سچائي وارن جو وارث ۽ والي نبين جو سربراهه صوفين جو سرتاج حضرت ابوالقاسم محمد صلي الله عليه وآله وسلم آهي جنهن خدا جي خلق تائين هدايت ۽ شريعت جي سچهائي رسائي ۽ انهيءَ عظيم هستي طريقت جي واڳ، معرفت جي حقيقي سچ جي صورت واري حقائق جي مظهر علي ابن طالبؑ تي ظاهر ڪري سندس تحويل ۾ ڏنائين. انهي وٽان امامت جي امانت حضرت ابو محمد امام ثاني حسن بن علي تائين اچي پهتي تنهن ڪان امامت جون ڪنجيون سيد الشهداءِ حضرت امام حسينؑ شهيد ڪربلا قتيلِ معرڪئہ وفاڪي تفويض ٿيون پچاڙيءَ اهو شرف امام زين العابدين ڪي حاصل ٿيو جيڪو ڪربلا جي قافلي جو سالار هو. انهي سڀوري ۽ سدوري ڪان امامت جو دروازو پنجين امام ابوجعفرؑ تي کليو وري امام جعفر صادقؑ ڪي وارو مليو ان ڪان پوءِ درجي بہ درجي امام موسيٰ ڪاظم امام علي رضاؑ اسان جي حوالي امامت جي امانت سنيالي.

جڏهن صوفين جو دور شروع ٿيو تہ حضرت معروف ڪرخي سعادت جي ميدان ۾ وارد ٿيو، شيخ معروف ڪرخي ڪان پوءِ شيخ الشيوخ سري سقطي تنهن ڪان پوءِ حضرت جُنيد بغدادي پچاڙي شيخ ابوبڪر شبلي تائين معرفت جي امانت اچي پهتي...!!! اڳتي هلي هو فيض حضرت شيخ ابوالفضل عبدالواحد بن عبدالعزيز يمني قدس سِرہٗ ڏانهن منتقل ٿيو وري حضرت شيخ عبدالله طوسي ڪي معرفت جو چٽ نصيب ٿيو جنهن ڪان شيخ ابوالحسن ابي سعيد ابن علي مبارڪ مغربي رحمة الله عليہ مشرف ٿيو ۽ انهيءَ وٽان حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيؒ مستفيض ٿيو جنهن ڪان قادري سلسلي جو عروج ٿيو ۽ شيخ عبدالرزاق قادري ان جي پوءِ واري ڪئي جنهن ڪان سيد ابو نصر

قادري بيخوديءَ جو جام پري پيتو ان کان حضرت شيخ سيد محمد بن سيد احمد سيد بہ، بغدادي قادري جي ياءُ فيض ورتو پوءِ سيد حسن بغدادي انهيءَ عشق جي خمخاني تي رسيو، تنهن کان پوءِ سيد محمد بغدادي محبت جي ميخاني جو سنڀاليندڙ ٿيو جنهن جي پٺيان سيد علي قادري جام محبت مان سيراب ٿيو ۽ سيد موسىٰ قادري اتان امانت جو شرف حاصل ڪيو، وري سيد امير حسن قادري معرفت مان استفادو ڪري ورتو، جنهن کان شيخ ابو العباس احمد بن حسن مغربي شافعي قادري فيضياب ٿيو پوءِ حضرت شيخ بهاء الدين بن ابراهيم بن عطاءُ الله معرفت جا مرحلا ڪيا پڇاڙي حضرت شيخ شمس الدين ابو الفتح ابن فتح الله ملتاني معرفت مان مستفيض ٿي چڪو ۽ عرف شاهي سان معروف ٿيو.

انهيءَ پلاري وٿان امانت جو باب حضرت شاهہ عبدالملڪ حسنيءَ ڪي حصي ۾ آيو جنهن کان معرفت جي سيد حضرت سلطان العاشقين شاهہ عنايت الله شهيد قادري قدس سرهٗ جهڙي ڪامل وليءَ جي تحويل ۾ آئي ۽ اڃا تائين اها امانت سنڌ جي سرزمين جي ڀاڳ ۾ آهي.

حضرت شاهہ عنايتؒ جي ولادت کان اڳ سندس خانداني بزرگ پشاور جي پاسي مخدومن جي نالي مشهور هئا جيئن شاهہ عنايت جي نسبي شجري ۾ آهي اهوئي خاندان اتفاق سان اتان چڏي ٻنوري (سنڌ) جي پاسي آيو جتي اڃا سوڏو آباد رهندو اچي ٿو.

حضرت شاهہ شهيد رحہ جن جي پاڪيزگي

واضح هجي تہ خاندان شاهي نشان حضرت صوفي شاهہ عنايت جو خاندان سندس جمڻ کان اڳ تصوف جي لحاظ کان اهڙو اهم تي ليکيو ويو جڏهن شاهہ عنايتؒ رب پاڪ جي عين عنايتؒ سان ظهور ۾ آيو تڏهن خاندان تي خدا نوازش ڪئي جيتوڻيڪ انهيءَ خاندان جي ايڏي شهرت ڪانہ هئي تہ بہ اهو برڪت ۽ بزرگيءَ کان خالي نہ هو. ڇو تہ هن خاندان ۾ اصل کان بنت رسول جو طريقو رائج هو انهيءَ ئي عالم ۾ حضرت عنايت الاهيءَ جو ورود مسعود ٿيو.

بيشڪ اهو خاندان ان لائق هو تہ منجهس شاهہ عنايتؒ جهڙو بزرگ ظهور پذير ٿئي، هن کان پوءِ انهيءَ خاندان جون پيڙهيون يادگار طور شمار هيٺ ايندين جن جي پاڪ نسبن ۾ پاڻ سڳورن صلي عليه وآلهٖ وسلم پنهنجي وجود جي ورود تائين ظاهر ٿيو.

منازل اصلاب

اولاد حضرت شاھ عنايت الله صوفي قادري رحمة

الله صلب کان عنايت الاھي اچي ھتي رسيو الاھي سلامتي ۽ عزيز عزت مانَ سان ليڪن ڪيس اولاد ڪانہ ھئي ان ڪري سندس ڀاءُ جي اولاد جو احوال پيش ڪجي ٿو

واضح ھجي تہ جڏھن جناب ھدايت مآب حضرت سلطان السالڪين قطب الستار ڪين شاھ عنايت الله جي تصوف جو طريقو شروع ٿيو ۽ امانت واپس آئي تہ سندس اولاد ۾ بہ فرزند شاھ سلام الله شاھ تجل وارو ۽ ٻيو شاھ عزت الله قادري، صوفي قدس الله سِرَّهٗ ھم مسند ڏٽي ھُئا (خدا جي قدرت) انھن ٻنھي مان ڪا اولاد نہ رھي، جڏھن تہ مٿين پيڙھين مان ان جون پيڙھيون ھلنديون آيون.

حضرت شاھ عنايت رحہ جي مسند ڪي حضرت شاھ ابراھيم شاہ پنھنجي وجود مسعود سان شرف بخشيو ان سڳوري حق جي امانت پنھنجي فرزند ڪي عطا ڪئي. انھيءَ جي پٽنيءَ مان شاھ فضل الله شاھ، ابراھيم شاھ ۽ نورالله شاھ ٿيا ۽ نورالله شاھ جي پُٽ مان عزت الله شاہ ۽ رحمت الله شاھ قادري وجود ۾ آيا جن مان ھڪڙو رياضت ۽ مراقبي ۾ ڪامل ۽ ٻيو مسند ڏٽي بڻيو، عزت الله شاھ جيڪو سمند ڏٽي ھو، تنھن جي پُٽ مان ابراھيم شاھ ۽ پوءِ ان مان بہ موتي محمّد زاھد شاھ ۽ محمّد يوسف شاھ قادري پيدا ٿيا، پير محمد زاھد شاھ "سٺ شاھ" جي نالي ۽ پير محمد يوسف شاھ پير جمن شاھ جي نالي سان مشھور ھو. انھن ٻنھي مان ڪنھن فاني جڳ ڪي ڪنھن وجود جي امانت بخشي يعني پنھنجي پويان ڪا اولاد نہ ڇڏيائيون انھيءَ ڪري جھوڪ وارن بزرگن جو خاندان پڄاڻيءَ تي پھتو.

اِنا لِلهِ وَاِناَ اِليه راجِعُونَ.

ھتي اصلاب طيبہ حضرت صوفي شاھ عنايت رحہ شھيد جو شجرو پورو ٿيو.

حضرت شاهہ عنايت رحہ اللہ، مرشد جي تلاش، هندستان اُسرڻ ۽ سندن واپسي

سموري ساراهہ اُن اڳاٽي ڏٺيءَ جي،
جنهن جي ذات هر بحث کان متاهين آهي.

انهيءَ ئي پنهنجي بي مثال حڪمت سان،
هن ڪائنات کي قانون موجب خلقيو آهي.

جنهن نبين توڙي ولين کي هن مٽيءَ مان،
خاص طريقي سان پيدا ڪيو آهي.

پنهنجي سخاوت جي اڻکٽ کاڻ مان،
انهن کي نفعي سان نوازي ڇڏيائين.

۽ هنن ۾ امانت جي ڳري بار کي،
پوريءَ طرح پنهنجي سر تي کنيو.

صوفي شاهہ عنايت رح نهي سنبري،
پنهنجي ماڳ سنڌ مان هند روانو ٿيو.

سندس مرشد ڪامل پير عبدالملڪ،
جنهن جو رتبو آسمان کان اتاهون هيو.

اهو مرشد برڪت جي پانڱين هُماءَ جئان هو،
۽ لامڪان جو بهترين بادشاهہ ليکبو هو.

اھوئي بي نشان بي مثال لامڪان جي،
مڙني مرحلن جو بھترين ھسوار ھو.

اھوئي حق شناسي ۾ ھر طرح ماھر ھو،
۽ موتين جي ٻولائن جو قدردان پڻ ھو.

انھيءَ ڪامل مرشد عبدالملڪ جي امانت ڪي،
پنھنجي لاءِ پسند ڪري سيني سان لاتو.

پير عبدالملڪ حق جي رازن ڪان آشنا ھيو،
تہ شاھہ عنايت جي ترار سندس پاڻي پيتل ھئي.

صوفي شاھہ عنايت پنھنجي مرشد وٽ،
وڏي عزت ۽ مان مرتبي وارو ھو.

ھي پنھنجي ربّ جي عشق ۾ غرق رھندڙ ھو،
۽ سندس وحدانيت جي باغ جو روشن ڏيو ھو.

پاڻ سدائين مراقبي ۾ محو ھوندو ھو،
دنيا جي ٻيائي ڪان پراھون تي رھيو.

سندس نگاھہ ۾ شاھہ توڙي گداگر ھڪ جھڙا ھئا،
ڪيس مرشد وٽان سنڌ وڃڻ لاءِ حڪم مليل ھو.

ساڻس صوفين جي جماعت پڻ گڏ رواني تي،
جن مان ھر ھڪ الاھي محبت ۾ مست ھيو.

اهي سيئي الله وارا گڏجي هيڪاندا ٿي،
هند مان سنڌ جهوڪ ڏانهن اُسهيا.

هزارين حق جا طالب جتان ڪٿان ڪهي،
اچي ڪانئس نفي ۽ اثبات جو سبق وٺڻ لڳا.

جڏهن ٻه ڪنهن سندس حسن جو جلوو ڏٺو ٿي،
ته بلبل جئان متس مستُ ٿيندو ٿي ويو!!

هن جي دل ۾ خدا ڪان سواءِ ڪجھ ٻه نه هو،
خدا جي مخلوق وٽس هڪ جهڙي هئي.

سندس ميخاني ۾ رات ڏينهن عشق جي رونق هئي،
هرڪو هن جي علم عمل جو عاشق هيو.

سندس مبارڪ تعليم مان اڪثر طالب ڪامياب ٿيا،
جيڪي سڀ اهل الله خدا وارا هوندا هيا.

حضرت شاھ شھيد رحہ ھاڪ ۽ حاسدن جو حسد

جڏھن سندس (شاھ عنايتؒ) جي ناموري وڌڻ لڳي،
۽ حق جي حصول لاءِ خلق ھن ڏانھن رجوع ٿي،

۽ سندس عشق الاھي جو آواز ھر طرف بلند ٿيو،
تہ سمورا رسمي خاندان ريندا ويا!
تہ ٻيا سمورا خانداني پير ماڻھن جي،
نظرن کان اوجھل ٿيندا ويا.

جڻ سج جي سوجھري کان ستارا ماند ٿيڻ لڳا،
چوڏھينءَ جي چنڊ رات جي اُونڌھ ختم ڪري ڇڏي.

جڏھن سچي وليءَ جو جڳ ۾ ظھور ٿيندو آھي،
تہ ھر طرف صبح جو سُجھائي ڏِک ڏيندي آھي.

حسد، ساڙ ۽ حملي جي تياري

مخالف پيرن ۾ ايتري قدر حسد وڌي ويو،
جو سندن عقل ۽ ايمان بلڪل ويندو رهيو.

سنڌ ۾ تڏهن يار محمد ڪلهوڙو حاڪم هو،
جيڪو اڄا تائين مشهور رهندو اچي ٿو.

سيئي پير پاڻ ۾ ملي پوريءَ طرح ٻڌي ڪري،
هن وٽ هڪلي ويا ۽ نفاق جو اظهار ڪيائون.

يار محمد ڪلهوڙو پرمتڙيو ٿي انهن منافقن سان.
ملي گمراهيءَ ڏانهن مائل ٿيندو ويو!

ولين وٽ رب جي رضا جو عمل دخل هوندو هو،
انهيءَ ڪري دوست دشمن جي ڳالھ نہ ڪندا هئا.

اهي پنهنجي مالڪ جي رضا تي راضي رهي،
پاڻ تي آيل هر مصيبت برداشت ڪندا ٿي رهيا.

حاسدن اهڙي سالڪ (شاھ عنايتؒ) سان اچي لاتي،
جنهن جي دل مان هر ڪنهن لاءِ دعا نڪرندي هئي.

يار محمد ۾ انهن جي پڙڪائڻ تي لڳي ويو ۽،
هڪ دم صوفين سان دشمني ڪرڻ لڳو.

يار محمد هونءَ ته سنڌ جي وڏي خاندان مان هو،
پر حاسدن جي چرچ تي فقيرن سان ڦٽائي وينو.

هو انهيءَ بدظني ۾ به اچي ويو ته متان ڪٿي،
فقير سنڌس حڪمراني جو خاتمو نه ڪري ڇڏين.

جڏهن شينهن طاقت ۾ اچي ويندا آهن ته،
انهن جو مقابلو ڪوبه نه ڪري سگهندو آهي.

اُن ڪان اڳ جو پنهنجي قتل جو وارو اچي وڃي،
پنهنجي بچاءُ جي باري ۾ سوچڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ هي هستي نيڪ ۽ ڪرامت واري آهي،
پر اها پنهنجي اندر جو ڦٽ به ڪي سگهي ٿي.

نندي وڻ کي بروقت پاڙون پٽي سگهجي ٿو،
پر جڏهن وڏو ٿي ويو ته ڏکيائي سان نڪرندو.

انهي ويچار سان دشمن جنگ جي لاءِ تيار ٿي ويو،
سنڌس اندر جي آرسي تي ڪٽ چڙهي وئي.

مقامي حڪومت حملو ۽ فقيرن جي فتح

يار محمد ڪلهوڙي آخر لشڪر گڏ ڪري،
ناجائز ۽ ناحق جنگ جي تياري ۾ لڳي ويو.

۽ پنهنجي آقائن کان اجازت وٺي ڪٽڪ سان،
سنڌ جي وارث ۽ وليءَ جي اچي سامهون ٿيو.

چوڌاري هٿيارن پنو هارن سان قلعي بندي ڪري،
بيدردي سان بيگناهن تي حملو ڪري ڏنائين.

هن جي آڏو چاليهارو صوفي الله جي آسري،
سر تريءَ تي رکيو جنگ لاءِ تيار بيٺا هئا.

جنگ لڳندي ڪيترائي سرڪاري سپاهي قتل ٿي ويا،
۽ ڪيئي ميدان ڇڏي ڀڄي جان ڇڏائي نڪتا.

جڏهن ڏاڻن سان پوک ڀلابارو ڪيو ويندو آهي،
تئن صوفين جي ترارين ٻه پنهنجا ڪم ڪري ڏيکاريا.

رات جو صوفي پنهنجي جاءِ تي واپس هليا ويا،
اڪيلائي ۾ پنهنجي رب جو ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ لڳا.

صبح مردان سان سڀ گڏجي جنگ جي ميدان ۾ آيا،
۽ سورھيائي سان ترارين جا جوھر ڏيکارڻ لڳا.

انھيءَ ڏينھن ۾ ڪيترن منڪرن کي ماري مات ڪيائون،
سندن مقابلي جو زور ڏسي ڪيئي پڙ ڇڏي ڀڄي ويا.

ائين ڪندي کي صوفي جنگ جي ميدان ۾ ڪاھي پيا،
جن اچي جنگ جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو.

انھن مان ڪنھن الله جي نالي جو نعرو نروار ڪيو،
تہ ٻيا وري حق جي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويا.

اِھي فقير خدا جي ذڪر ۾ ايتري قدر محو ٿي ويا،
جو انھن کان جنگ ئي وسري وئي!!

ھوڏانھن مخالفن جو، ھنن جو اھو حال ڏٺو،
تہ موقعي جو فائدو وٺي فقيرن کي قتل ڪرڻ لڳا.

حاسدن جي حملي سان صوفين جو قتل عام ٿيڻ لڳو،
جيڪي ھڪ ٻي پنيان شھيد ۽ رت ۾ ڳاڙھا ٿيندا ويا.

جڏھن صوفين جي دشمن کي اھا خبر پئي تہ،
مست ھاٿيءَ جئان ميدان اندر ڌوڪي آيو.

صوفين جڏھن جنگ ۾ اھا صورتحال ڏٺي تہ،
تِير تراريون ڦٽا ڪري خالي ھٿين اڳتي وڌيا.

پوءِ ته ائين اچي دشمن جي متان ٽٽا جو،
سندن عضوا ڳيا ڳيا ڪندا پار پوندا ويا.

دشمن جا ڪيترا ماڻهو ترارين جو بڪ بڻائيندا،
ڄڻ چئو ته، تکي هوا ککرن کي اڏائيندي وئي.

صوفي شينهن وانگي ويڙھ ڪند انعرا هڻندا تي ويا.
سندن مخالف رڍن جي ڌڻ وانگي ڀوڙندا پئي ويا.

جنگ جي ميدان ۾ صوفي ڄڻ شينهن پئي لڳا،
۽ مخالف گڏهن کان به بدتر ڏسڻ ۾ تي آيا.

هاٿيءَ جي پير هينان ڪِول ويچاري جو ڪهڙو وس،
يا شينهن جي مقابلي ۾ ٻليءَ جي ڪهڙي مجال!

درويشن جي ڪٽارين اهي ڪم ڪري ڏيکاريا،
جو حاسدن جون ڇاتيون باھ ۾ پڄرڻ لڳيون.

جڏهن دشمن جا ڳچ ماڻهو ڪسجي ويا،
ته باقي بچيل ٻچڙا تي ڀاڄ ۾ ڪاهي پيا.

جنگ جي هول کان سيني کي ڏکٽي وٺي وئي،
لاچار گهٽن ڪٽي ڪڙين تي زور رکيو.

يار محمد ڪلهوڙي جڏهن پنهنجن جا اهي پرڪار ڏٺا،
ته هن هيڏي ساري حاڪم جا ڇھ ئي ڇڄي پيا.

سندس ساٿيارين تہ بلڪل مياري ٿي پيا پر،
هن جي خاندان وارا بہ مھٽڻ ھاب ٿي چڪا.

ائين اھي ملعون وڏيڪ ملامت ھيٺ ايندا ويا،
پنهنجو تہ ڪارو منهن ڪيائون پر وڏن کي بہ لڄائي ڇڏيائون.

جڏهن سون هزارن تائين شاهي لشڪري قتل ٿيا،
بيا بزدل ۽ مڪار بہ ميدان ڇڏي ڀڳا.

ڪلھوڙن مان جڏهن جنگ ۾ ڪا غذا نہ ٿي،
۽ سيئي جنگ کان دل لاهي ساٿا ٿي پيا.

تہ خود يار محمد بہ ارڙهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ،
انھي جنگ جي جنجل مان ڏاڍو اڇي بيزار ٿيو.

هن پيھر جنگ جي طاقت نہ ساري تنهن ڪري،
سنڌو دھلي کي مدد لاءِ ٻاڏائڻ لڳو!!

صوبائي ۽ مرڪزي حڪومت جو گڏيل حملو

يار محمد نيٺ هڪلينديءَ وجي دهليءَ پيڙو تيو،
بادشاهہ ڪاوڙيل هوندي بہ مصلحت کان ڪم ورتو.

۽ ساڻس ان ڪري منهن ڏيڻ جي ڪيائين،
تہ جئن ملڪ پنهنجي هٿن مان هليو نہ وڃي،
ڪجھ ڪجي ان لاءِ وزيرن کي ڪوناپائين.

صلاح هلندي سندس پٽ حسن علي چوڻ لڳو،
جيڪر تمام بيڙو ۽ بيڪار هوندو هو،

آءُ لشڪر سان ڪاهي صوفي (شاهہ عنايتؒ) کي،
بلڪل ملڪ مان دفع ڪري ڇڏيندس.

صلاحڪارن مان هر ڪنهن بادشاهہ کان پڇيو،
تہ پلا انهيءَ جنگ جي ضرورت ڪهڙي آهي.

سيني جو خيال هو تہ انهيءَ جنگ کان ٽارو ڪجي،
پر بادشاهہ کي اهڙي ڪابہ ڳالهہ دل سان نہ آئڙي.

بادشاهہ نيٺ جنگ جي بندوبست ۾ لڳي ويو،
ڇو تہ کيس اقتدار بچائڻ جو بهانو درپيش هيو.

پاڻ ڪوشش ڪري سانيڪو هزار لشڪر گڏايائين،
جنهن جو اڳواڻ سندس پٽ حسن علي تيو.

جڏهن ڪلهوڙي حاڪم شاهي لشڪر جي آمد جو ٻڌو،
تہ ان جي آجيان لاءِ اڳتي وڌي آيو.

هن انهن حمايتين اڳيان پنهنجا ڏک سور پٽيندي،
ڪي گهٽ وڌ ڳالهيون پڻ بيان ڪيون.

حاسدن هڪدم جنگ جي ميدان ڏانهن قدم وڌايا،
۽ صوفين مٿان وڃي اچانڪ ڪاهيائون.

ڪلهوڙن ۽ دهليءَ وارن جا جيڪي ارادا هئا،
تن جي صوفين کي سڄي خبر چار هئي.

صوفين حضرت شاهہ عنايتؒ کي عرض ڪيو تہ،
حاسدن جي خاتمي لاءِ حڪم ڪيو وڃي.

شاهہ عنايتؒ ڪين هڪ بصر ڏيڳ مان ڪڍي اچڻ لاءِ چيو،
فقيرن هڪدم حڪم جي تعميل ڪئي.

جڏهن بصر جي ڳنڍ آڏي حاضر ڪئي وئي،
تہ شاهہ عنايتؒ ان مان هڪ بصر هٿ ۾ جهلي.

حق جو نعرو هنيو ۽ ان جو مٿيون پاسو،
ڇُريءَ سان لاهي الڳ ڪيائين.

پوءِ فقيرن ڏانهن منهن ڪري سائڻي فقير کي فرمايائين تہ،
هي بصر جتان آندو اتو اتي وڃي رکو!

توري دير گذرڻ کان پوءِ ان ئي فقير کي سندس حڪم ٿيو،
تہ اھو بصر ڪٽي اچي ھت حاضر ڪيو.

اُھو فقير دروازو کولي وڃي اندر داخل ٿيو،
۽ بيٺي پير واپس اچي چوڻ لڳو!

مرشد سائين، سبحان الله ڇا ڳالھ ڪجي،
اندر تہ عجيب ماجارا پئي ڏسجي.

ڪيس حڪم ٿيو تہ اھا ماجرا بيان ڪر!
فقير ٻڌايو! ھتي تہ بصرن جون سوين منڍيون،

ائين لٽيون پيون اھن جڻ ڇئو تہ ڪنھن،
ھٿ سان لاھي ڇڏيون ھجن!!

اھو ٻڌي حضرت شاھ عنايتؒ فرمائڻ لڳو،
ان مان . اوھان کي معلوم ھئڻ گھرجي.

تہ جيڪڏھن آءٌ چاھيان تہ بلڪل ۽ برابر ائين ئي،
ھڪ منڪر جي مارڻ سان سيئي ماري سگھان ٿو.

جڏھن مخالف فوج ڪاھيندي اچي ويجھو پھتي،
تڏھن صوفين، فقيرن نعرو بلند ڪيو.

تڏھن حضرت ولي (صوفي شاھ عنايتؒ)،
اندر وڃي ترار چيلھ سان ٻڌي آيو.

جڏهن جهوڪ جو شاهہ وجي حد تي رسيو،
تڏهن پريان مخالفن جا ڪٽڪ ايندي ڏٺائين.

که کنم صلح و گرنه چاره نیست — ورنه جنگ ما و رفیقان و سبب
این چنین سخن از راه نگر — خواست رخصت صلح از صفی جه

روان شدن لشکر بطرف صفی رخصت صلح طلبانه ملک نوری ؟

چون ازین حادثه عدوان [illegible] — ناله و بانگ لشکر بسته شد
چون سپه سالار ز هیچ راه نشنید — نزد حاکم یک یک گفته پدید
آن ملکوزه از چنین بحال خود — منفعل گردید پس از سوی خود
باز بین نگفت چاره هیچ نیست — طاقت کسی کش این پیچ نیست
لشکر آنجا بود برانشه — مصلحت این است خواستم در نهاد
زمان بنوشت سپه سالار او — خواست صلح از چنین هشیار او
در شهر رخصت صلح کن ای شط — ورنه زین تیغ شود لیس بیک ما
ملک سا ایشان هم تر بود — نام نیکو من و شما هم بود

پس سپه سالار لشکر را برند — باز نزد صفی که آمد روان شد
آن سپه سالار زین حال شنید — گفت منظر نزد شاه خود چه دید
از حقایق حال پرسش گفت آن — آنچنان شیر شده بر آسمان
خاتم مصلحت حاکم بنداشت که — آنچه در دست بدرش باز داشت و
پس خجل مصلحت خود بدید — دست با دندان لعلش بگزید که
پس عتاب بر در حق حاکمی — رقم شد از ملک تهی خالی
چون ملکوزه نیز از رزه ملامت شنید — در خجل گردید پس دم در کشید

نامه دادن ایشان پادشاه صفی بطرف ملا فرج الله خان

[illegible] لعنت و بندگی او

صلح بود شد مع لشکر — آمده از شاه صفی رقعه
پیا بی اینجا لعنت رقم بود — جا جانب بازنده او ختم بود
چون بخواند این داستان حاکم — سر رخت چون سیاه شد آتش خزان
خون دل شد و جگر شد فار زار — غرق در دریای خون شد بار بار
شد لعنت و جگر او می خلید — [illegible] شی آن می طپید
پس چنین آن حاکم آزرده شد — بسته شد در حیل حرش بسته شد
ختم کن این شاه جنتش بود — از چنین دید که میسر این نقش شد
گفت مسکین داستان این کتب — ناشر حق طالبان این بیدولتیه

باز قصه آن مکر مسکین خطا — آنچه اولیا بود زاین شد در رضا

روان شدن ایلچی با ملکوزه بطرف شاه صوفی

برای صلح و در دل مکر و دروغ داشتن ؟

چون ملکوزه از ظفر شد نا امید — پس پریشان حیله خود در فکر دید
با امیران مصلحت صلح نمود — داشت مکر مکذب حیله در وجود
صوفی را ایلچی کرده روان — باد قول ایشان و از قسم قرآن
بر بیا پیش ما بر جمیع امان — در میان ما و تو قسم قرآن
صوفی را از بر آن مرد جهان — واقف از زهر خدا ذکر کسی
دیگر از بعد از آن شور آب — پس شود آن عالم نیز عذاب
آن رسیل سوی صوفی دولت — از بیا خیر با رحمت نعمت

پیغام رسانیدن ایلچی ملکوزه نزد شاه صوفی

[illegible] اولیا از حق ؟

شاه صوفی چون پیام می شنید — گفت لعنت باد بر قول آن حسید
زین قرآن در دل چون مکر — کی شود با ور فقیران این مکر
شاه صوفی با ایلچیان این گفت — سر برگ تیزه من خواهم لیس گفت
مست خواهش حق هم نیست — هرچه امر او ست بر سر ما قبول
هرچه ایل آن خدمت امید [illegible] — من با میر حق پیمبر ما نیم قند

چون از حق را استقام کرد راست — لا جرم بر تیزه سراین برون است
تن گران یا رست از خدمت گیر — همچو مرغ جان در آن آمد اسیر
هرکسی پندار تن از خود بود — او که میوه معرفت خواهد خورد
شاه خدمت آمد چنین با او گفت — کای تو خواهیم مارا لیس جفت
با ملکوزه ایلچی پیغام داد — چون شنیده گشت خوش انعام داد
منکر بود و عده آن عهد بود — بر جهان وعده آمد شه حق وجود
مصلحت او شد و در پیش این رسید — مصلحت آنست شه کردن شنید
بالکی تو کرا باید گفت آن — او نیار بند کن جای نبان
با روان گردان ملکوزه [illegible] — [illegible]
بهر قتل شاه کن کرده مال — او با سر ها قاتلی رفته روان
دید آنکس اولیا را با خدا — خرق وجود بود بل از جان جدا
باز گردید و ندید جا هیچ [illegible] — نیست قدرت ما برین مرد نفت
باز شنیده گفته زود — تو برو آنجا خبر سر بینو
او آمد در خیمه شست شاه دید — در جبینش نور پدید
در امارت آمده او یک — در ملکوزه این عرض کرد
او مرا از بهر قتل سر زیست — این جنت پیش مرد مقبول است
شاه گفت خوش تو این یک — خواهش حق افزا بر سر تو

[illegible]

❋❋❋نوٽ❋❋❋

هي سڄو ڪتاب صوفي شاهه عنايت رحه جي شهادت جو احوال عشق جي مجنون دلپت صوفي سيرهاڻي بيان هيٺ آندو ۽ حق جي بندي هريرام "مسڪين" هن کي قلمبند ڪري يادگار بڻائي، پوءِ ان مسودي کي فارسي نظم ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو.

(هريرام مسڪين)

حق موجود - ياد باد.

حصو ٻيون
سنڌي/ سرائڪي ڪلام ۽
سلوڪ

خاص نـــوٽ

صوفي دلپت سائين جي ڪتاب"جي يانئين جوڳي تيان" جيڪو انڊين سنڌالاجي ڪاتي مان مسٽر اشوڪ يٺاٺي پنهنجي امڙ محترم جمنا صاحبہ جي 92هين سالگرھ جي موقعي تي 2009ع ۾ شايع ڪرايو. جنهن جو مرتب مسٽر گوپال نڪر آهي. هي حصو ان ڪتاب مان ورتل آهي جنهن ڪي صوفي دلپت جي پڙٽي هريرام مسڪين جي لکيل فارسي ڪتاب "جنگ نامون" جو حصو نہ سمجهيو وڃي.

ان سلسلي ۾ اسان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي انڊيا جا، نهايت ئي شڪرگذار آهيون جو انهن جي طرفان شايع ڪيل ڪتاب "جي يانئين جوڳي تيان" اسان جي هن ڪتاب ۾ اضافي جو سبب بڻيو آهي. (مُرتب)

پهريون

سلوڪ محبت جا

1

نڪو محبت جهڙو ما مرو، نڪو سِڪڻ جهڙو سُور،
ساڙي وڏو ساهہ کي، پل پل پرِيَنِ پور،
چيري چچري چت کي، چشمن ڪيو چُور،
دوست منهنجي دل کؤن، شال دم نہ ٿئي دور،
دلپت هنئين حضور شال سدا هووي سپرين.

2

محبت جي ميدان ۾، پيا مشتاق مري،
اوچتي عشق جي، اَندر آگ ٻري،
تن تتو تنور جان، وِيَڙو جيءُ جري،
دلپت درد وندن جي، گهر ويهہ گهري،
پڙدي آءُ پرين، متان عشق اُگهاڙو ڪري.

3

محب منهنجا سپرين، محبت مون نہ مِٽيجَ،
سنهي تند پريت جي، تنهن ساهي تان نہ سٽيج،
سڄڻ سڪ سرس ڪر، نت اُڳي کؤن نہ گهَٽيج،
خام خيال اَندر جا، لوڙهي سپ لَٽيج،
محڪم جهلي جيءُ کي، مَئن جي پاڙ پٽيج،
ويهي ورهہ وٽيج، دلپت پنهنجي دوست سان.

4

حب منهنجي هوت سان، اَصل ڏانهڪون آهہ،
اڳئين ناتي نينهن جي، اَڃي ٻاري برهہ باهہ،
جيرا جليا جوش کؤن، اَندر عشق آڙاهہ،
دلپت دردوندن جي، عرشين پهتي آهہ،
ساجنِ ٻاجهؤن ساهہ، ڇُري آيو ڇپن تي.

5

اُتيئي نازڪ ناتو نينهن جو، اَدب ۾ تي آءُ،
محبت جي ميدان ۾، پير پختو پاءِ،
اُتي ناهي سڌڙين جي، ڪائي جُنبڻ جاءِ،
عشق آتش مچ ۾، اُيو پاڻ پچاءِ،
تانِ رچي ايندين ريءَ سان، برهه باهه منجهان،
مُڙڻ آهي مِٺو، مرڻ مُراداءِ،
سڪ نه آهي سترِي، جان لاتئه تانِ نباهه،
ثابت سر سنباهه، دلپت اڳيون دوست جي.

6

محبت جي ميدان ۾، ڪانئر ڪين اُين،
ڏِسيو جهد جوڳين جا، ڪوڙا اُت ڪنبن،
مَتي منهن محبت ڪؤن، تا جوفي ۾ جُنبن،
دلپت درد دوست جو، لڳو نه لوپين،
ڪي لکن ۾ لين، جن جو ناتو نات سان.

7

جن جو ناتو نات سان، سي نِهوڙيا نينهن،
تن ماڪيون منو لڳي، پرين وِرهه وِيهُه،
سي پيا محبت مچ ۾، جئن شڪار پنيان شينهن،
ويراڳين تي وصل جا، وُٺا محبت مينهن،
دلپت راتيون ڏينهن، اوُ رتا وتن رام سان.

8

رتا وتن رام سان، جي ڪيا عشق اَڏين،
مشتاقن ماري من کي، ڪيو محبت ۾ مَهين،
ڪنهن سان ڪنهن لوڪ ۾، تن ڪينو آهي ڪين،
دلپت دردوندن جي، راتيان ڏينهان ڏين،
پائڻ پيچي پولا ڪري، تيا هيٺن ڪوُن هيٺ،
جا پاٽي تي مين، تنهن ملاح وني ڪيئن چار ۾،

9

ملاح وني چا چار ۾، تنهن هنئين حيراني،
مري مڇي مَوج سان، تي پاٽيءَ ۾ پاٽي،
مشتاق محبت مڇ ۾، فنا تيا فاني،
اصل عاشقن جي، ايها نينهن نيشاني،
ڪنهن ورلي جاني، دلپت ايهہ گت گيان جي.

10

دلپت ايهہ گت گيان جي، ڄاڻن ڪي گياني،
جن اناتم ايمان کي، فنا ڪيو فاني،
تن ڏٺو پنهنجي ڏيل ۾، الک آساني،
پيهي ويا پاڻ ۾، سروپ سڃاڻي،
مکت تي ٻانهي، تن چرن چمي تي چاهہ سان.

11

محبت جي ميدان ۾، هلي نہ لويين لاف،
سچن بيهڻ سترو، ڪوڙن کي ڪوهہ قاف،
عاشق اُسري آئيا، سينا ڪري صاف،
تن مرڻ ٿيو معاف، دلپت جي مري جيئا من ۾.

12

محبت جي ميدان ۾، هلن ٿا هوشيار،
مارين ٿا من کي، هٿي حقيقت هٿيار،
اُت عاشقن جا آڏيءَ تي، سر جدا ڌڙ ڌار،
سسيون سورن جون ٽيون، سوريءَ سڪ سوار،
ڪئين منصور تي چڙهيا، اُتي درد دار،
چاڙهي نيزي نرت جي، نينهن ڪيا نروار،
دلپت دلدار، تن ڳِهڙي ڏنو گهٽ ۾.

13

سڪ نہ آهي ستري، جا تو ياڻئين راند،
ڌڙ عاشقن ڏوڙ ۾، سسيون سيلي پاند،
گهڙ ميدان مردن جي، ڇڏي سيئي ڇاند،
ڪڍ ڪاپڙي قلوب مؤن، مايا موھ اُپاند،
سِڪ ويھي ست سنگ ۾، نمرتا ڪميا ڪاند،
ڪن اُڪيون عالم ڪؤن، ٻئي ٻُوٽي ٻاند،
وست ورتئہ گر ڪؤن، سا سوگهي ساہ ۾ ساند،
منزل تنهنجي مهاند، دلپت ويھ نہ هٽ تي ويسلو.

14

سڪ نہ آهي ستري، مشڪل گهٽي سڪ،
عاشق اُسري آئيا، ڪري لوڪن لڪ،
ميا مڙيا نہ مُئي ڪؤن، درجي جهلي ڏڪ،
ڏيئي سر سٽ ۾، تا پيئن پرينءَ پڪ،
پُر پيتائون هٿون حبيبن جي، تان پي هين هڪ،
عاشق تکي تڪ دلپت تؤنس تن ۾.

15

سک نہ آهي سٽري، جي لڳي هوءِ تہ لاءِ،
گھڙي عشق آڙاھ ۾، جيرو جيءَ جلاءِ،
سر سپرين ڏي، سچي سک سنباھ،
ناتو نينھن نباھ، دلپت ويھي در دوستن جي.

16

لوڪن ليکي سک سُٽري، پرسِڪڻ آهي تکو تير،
لڳي جنھنجي جيءَ ۾، سوئي ڄاڻي پيڙ،
دل کي اچي نہ ڌير، دلپت ڏاروُن دوست جي.

11

سک نہ آهي سٽري، سڪڻ وڏو ٽوڪ،
سچن ملائي سٽري، ميءَ محبت موڪ،
سڌڙيا در ساقيءَ کوُن، وريا وجن ڦوڪ،
طالبن وڏو تن ۾، پرينءَ طلب طوق،
تن وسئہ وٽي نہ ڪا ٻي، جي وينا جانب ذوق،
جي چيريا چشمن چوڪ، سي پرين چيني چڱا ڪيا.

18

سک نہ آهي سٽري، سڪڻ وڏي وَٽ،
عاشقن جي اندر جو، پئي رڱو رت،
طالبن کي تن ۾، تي ڏيکار ٽَٽُ،
اَندن ۽ ڪاٽن جو، تي پيچي منھب مَٽُ،
سچاڪري سَٽُ دلپت مليا دوست کي.

19

نانگا هليا نانھ ڏانهن، واهي نينھن نفير،
سٽي سوز سڱين جا، سامين سريا سرير،
پُريا پورب پار ڏي، اَلک رکي اُکير،
دلپت ڏارون دوست جي، ان دل نہ اچي ڌير،
فنا تي فقير، ڏسي منھن محبوب جو.

20

ڏسي منهن محبوب جو، جوڳين جيءَ جُهريا،
ڪاپڙي ڪاهي قصد مون، پورب پار پُريا،
چڏي حد بيحد ڪي، لنگهي ويا ٿُريا،
دلپت دل درياهه ۾، طالب تار تريا،
گروءَ جي گهريا، سي محو ٿيا مهراڻ ۾.

21

ڏسي منهن محبوب جو، مري من ويو،
گهڙي عشق آڙاهه ۾، ڪامي ڪيهه ٿيو،
ويو وريو ڪوڙ کي، وڃي اُتِ پيو،
دلپت دوست دل ڪي، قابو قيد ڪيو،
مري جي جِيو، سو حق ٿيو وڃي حق سان.

22

حق ٿيا وڃي حق ۾، ڪي ويراڳي وير،
جن طالبن تن ۾، لڳا طلب تير،
سي پُريا پَرانهين پنڌ تي، سهي پرين پيڙ،
جن ڏري دلپت ڏير، سي اوريئي مليا الک کي.

23

گهڙي گگن غفا ۾، نانگا ناٿ نهار،
سوار ٿي سُرت سوريءَ تي، گر جو واڪ ويچار،
بنا زبان ذڪر جو، سوئي شبد سنيار،
ڪولي محفل ترڪٽي جو، جوڳي ڪر جُهارُ،
جفا ڏئين جيءَ کي، تان ڪلي نور نروار،
ڏس پنهنجي ڏيل ۾، الک جا اِسرار،
دلپت مليئي مرار، جي دست ڪرين دل کي.

24

جي نانگا يائين ناٿ جا، پسان نئن نروار،
تان ڏس پنھنجي اکين سان، الک جو اسرار،
آھي سڀ سرير ۾، آتما اظھار،
پر دلپت ديدار، تو ملي سائي سِرَ جي.

25

تو ملي سائي سر جي، دوست جو ديدار،
ڏيئي دل ڏلال کي ويھي کر واپار،
جي پوين قبول قريب کي، تان ڏي سر سينگار،
وڍي ورھ سان سِر، ڏڙ ڪوڻ ڪري ڏار،
دلپت دلدار، تان ڳِھڙي اچيئي گھٽ ۾.

26

نانگا ھليا ناٿ ڏانھن، برھ وسائي،
حليميءَ حل ڪيا، نينھن ۾ نوائي،
ڪيا عشق اَدين سي، گيريءَ گنوائي،
نڪي ڏاھي ھليا، نڪي ٻڌائي،
ڪٽي ھليا نہ پاڻ سان، ڪو سمر سنباھي،
نڪي ڳِنڍ ڳنڍي ھليا، نڪِي چڻائي،
نڪي پائي ھليا، نڪي وجائي،
جمڻ مرڻ جيءَ جي، سڀ شنڪا مٽائي،
نہ دعوىٰ دنيا سان، نہ عقبىٰ آھي،
اُجت ھليا نڪري، ھٽڙا ڇڏائي،
ھنگلاج جي ھلڻ جي، حب ناٿن ناھي،
ڪاپڙين ڪھي، دلپت لڌي ڪَلَ ڪپاٽ جي.

27

لڏي ڪل ڪپاٽ جي، جوڳين جُهد ڪري،
لنگهي ليڪو لوڪ جو، پيا پار پري،
آديسي اڪير سان، هليا دوست دري،
سنڌ سڃاتي پانهنجي، گهڙي ويا گِهري،
دلپت ڏير ڏري، نانگا مليا ناٿ کي.

28

نانگا مليا ناٿ کي، جي هُوا نهوڙيا نينهن،
ويراڳي ويران ۾، ڪاڏا شوق شينهن،
ڏِئين ڏوڻ درد جي، ٻنڌن وَنگ برهہ،
متي ڏوم مندر ۾، نچي نرت نِريهہ،
آديسين اَندر ۾، وسيا وصل مينهن،
دلپت راتيون ڏينهن، جيءَ ۾ جهڙ پرينءَ جو.

29

جيءَ ۾ جهڙ پرينءَ جو، گجن ڪڪر ڪاپار،
برهہ وڄ واڪا ڪري، چمڪي چٽ چوڌار،
موهن ميگهہ محبت سان، ڪيا وَسڻ جا وسڪار،
ڏسي منهن محبوب جو، ٿريا نئن ٺار،
لايو برهہ بهار، دلپت دائم دل ۾.

30

دلپت ويراڳين تي، وسيا وصل مينهن،
ڦوڙائي فراق جا، ويا ڏکيا ڏينهن،
موهن مليو انکي، جن لاٿي لوڪن ليهہ،
نوازيون نينهن، دلپت دليون درد وندن جون.

31

جن ڏنا نيڻ نات جا، سي گهوماڻيا ٻه گهمن،
اُٺاريون عش اکڙيون، سي سُک نہ سَيج سُمهن،
ٻيو کين ٻُجهن، دلپت ڏارون دوست جي.

32

محبت جي ميدان ۾، کي ٻيهن مرد مدام،
ساٿو کري سر جو، رڙهي گڏيا رام،
دلپت اُنجي، لٿي سڀ مَلامَ،
ڇڏي طمع تمام، نانگا هليا ناهه ڏهُن.

33

محبت جي ميدان ۾، کي هلن شير شِتابُ،
کُلهو ڏيئي کاتيءَ کي، کُسي ٿي ڪباب،
دلپت عشق عميق جو، چکيو اُن شراب،
کري جيئڻ جواب، نانگا هليا ناهه ڏهُن.

34

محبت جي ميدان ۾، کي بيهن ساھُو شير،
دلپت پيا اُن جا، پار نہ ٻئي کنهن پير،
کري ڌڙ پنهنجا ڍير، نانگا هليا ناهه ڏهُن

35

محبت جي ميدان ۾، کي سورهه شير اُين،
متا متارن جا، نيزي نينهن چُين،
دلپت تن ديوانن جا، پيا ڌرتيءَ ڌڙ ڌين،
ڏيئي سر سيٽن، نانگا هليا ناهه ڏهُن.

36

1- نانگا هليا نانهه ڏُهن، سِرُ ثابت سنباهي،
2- ﭜسگيون سوز سورن جون، برهه وڃائي،
3- نيئر ننگ نينهن جا، هليا ڇن ۾ ڇنائي،
4- لڱاپا لوڪن جا، اولانيا لاهي،
5- پورب پار ڏهُن، ڪوڏ منجهون ڪاهي،
6- نانگا هليا نانهه ڏهن نيهڙو نيائي،
7- وجود وڃائي، تياداخل دلپت دوست ۾.

37

سڪ نہ آهي سٿري، سڪ ڪٺاريءَ گهاءُ،
گهائي گهڙي گهٽ ۾، سهڪڻ نہ ڏئي ساهه،
دلپت درد پرين دل کي، ٻَچي ٻِرهه باهه،
عاشقن ارواح، ڪيي مِلائي محب ۾.

38

سڪ نہ آهي سٿري، سڪ سنهي ڪنون وار،
وڍي سر ويراڳين جا، ڏڙ ڪوَن ڪري ڏار،
چاڙهي نيزي نرت جي، ڪري سوريءَ سوار،
ڦوڪي باهه برهه جي، شڪ وجهي سيئي ساڙ،
دلپت دلدار، تهان پوءِ گهيڙي آٽي گهٽ ۾.

39

سڪ نہ آهي سٿري، سڪ تِکي ڪَنون ترار،
ڪپي سر عاشقن جا، تِهان پوءِ ڪري قرار،
نڪا ڪري طالبن، طلب ۾ تڪرار،
ڪُهي ڪچا ڪاپڙي، جئن ٻڪر کي ٻڪرار،
ملائي مرار، تهان پوءِ دلپت دل ۾.

40

سِڪ نہ پائين سُتري، سِڪ ڏونگر ڏاري،
پاري گُرزا گيان جو، دستن ۾ ڏاري،
اول قڦڙ فراق جا، ڦٽي تي ڦاڙي،
سسيون عاشقن جون، نيزي نينهن چاڙهي،
وجهي آڙاهہ عشق جي، شڪ سيئي ساڙي،
پوءِ پٽر هِنيون پرينءَ جو، ڳجهو وڃي ڳاري،
ڏيکاري منهن محبوب جو، پيشاني ٺاري،
محبت ۾ ماري، ملائي دلپت محُب سان.

41

محبت نہ آهي مسخري تہ ڪي ڪن ريزالي راند،
سانگو ڪرين سر جو، تہ سڏائين ساڻ،
عمر اجائي وڃي وهاڻي، سيج سُتي برباد،
اُٿي آڌيءَ رات جو، الک ڪي آراڌ،
وٺج وَهائج سچ جو، ڪميا غريبي ڪاڌ،
دلپت لهيئي اُپاڌ، مرڻ جيڻ جيءَ جي.

42

محبت جي ميدان ۾، من ماري ڪر مات،
ترڪ ڏيئي طمع کي، تن جي تَجي تات،
ڏارون ڏيڻ سر جي، ٻٽندي نہ ٻي ڪا بات،
چڏي سانگو سر جو، ڪُس ڪَلاليءَ ڪات،
پي آب عشق جو، ڪر هِنيئن کي حيات،
دوست پنهنجي دل ۾، دلپت ڪر اِثبات،
ضايع ڪر ذات، تہ ظاهر ڏسين ذات کي.

43

محبت جي ميدان ۾، مري پؤ مشتاق،
گھڙي عشق آڙاھ ۾، ڪامي ٿيءُ خاڪ،
ساقي شوق شراب مون، پڪ پياريئي پاڪ،
درشن ڪرائيئي دل ۾، تن جو ڪولي طاق،
دلپت لهيئي باڪ، ڇمڻ مرڻ جيءُ جو.

44

محبت جي ميدان ۾، ڪي گھڙن مرد مَيا،
جنکي ٻولائي ٻاڻ برھ جا، حبيبن هنيا،
تن سيلا سور ساجن جا، اُتي سر سهيا،
سي "دلپت" در دوست جي، ڪِري اچي پيا،
مَري سي جيئا، پَئي پيش پرين جي.

45

محبت جي ميدان ۾، ڪي گھڙن ميا مرد،
لنگھي ليڪو لوڪ جو، فارغ ٿيا فرد،
اُن رتيون اکيون عشق سان، منهن جهين جا زرد،
ڏيئي ڪينو قلب مؤن، تن ڪيا سينا سرد،
جي وڍيا ھُوا برھ جا، سي اُلٽي ٿيا اَڌ،
ڏسندي ڪُسڪن ڪين ڪي، ڪُٺا ڪاريءُ ڪُرد،
دلپت دردوندن جي، دوا اَندر درد،
جن ساجن جي سَڌ، تِن متا هنيا مچ ۾.

46

محبت جي ميدان ۾، ۾ کي آديسي اُين،
وڃائي وڃاڻا پَٽَ جا، سي سامي ڪين سمهن،
راتيان ڏِينهان جُهَدَ ۾، تا ڏيهيءَ کي ڏُهن،
ڏُکَ پنهنجي ڏيلِ جا، ڪنهنکي ڪينَ ڪَهنِ،
هَنيو اُکيون اَندر ۾، پرين سورَ ئي سورُ سُهن،
ساڙي وڏو ساهَ کي، ”دلپت“ دوست دولهَن،
بَرهي ڪينَ ويهن، جن لاتو نِينهن ناتَ سان.

47

جن لاتو نينهن ناتَ سان، سي بَرهي تا وِهسن،
پريَن جي پسڻ جا، جن پيا جوش جسن،
اَندر ٻاهر اُکڙيون، ساجن هک ڏسن،
گر گيان کون گودڙيا، ”دلپت“ ڪين گسن،
ڪاپڙي ڪين ڪُسن، جن ڏنا نيڻ ناتَ جا.

ٻيون
سلوڪ سِڪ جا

ساجن اچي سڪ سان، اڏ اکين ۾ اوطاق،
ويهي ونين وچ ۾، چيتنج چشمن چاڪ،
جنباءُ منهنجي جيءَ ۾، تيرٿ ميءَ پد پاڪ،
آئون تنهن پيرن جي، منهن کي مَليان خاڪ،
ڪولي تن تاڪ، دلپت درشن ڏي پرين.

2

درشن دلپت ڏي، پرين چيتن شد سروپ،
سرگڻ نرگڻ روپ يي، ان تي پُري اروپ،
ادوي اُدتي انوپ، جس تي پري نه ڪو ٻيو.

3

ماندو آهي من منهنجو، ڪانر توهي ڪاڻ،
ساجن اچي سڪ سان، ڪر ونين منجهه وٿاڻ،
ويهه مون وٽ وَلها، ناتَ ونئي وڃ مُنڌ ساڻ،
دلپت وساءِ وصل سان، برهه سندا ياڻ،
صدقي ڪريان پاڻ، پرين تنهنجي پيرن تان.

4

پرين تنهنجي پيرن تان، سر صدقي ڪريان سَو وار،
جڏيءَ ڪي جهان ۾، تو ريءَ سَو وار ناهي مار،
مئيءَ جي ماتام تي، هڪلي آءُ هيڪار،
لهه درد وندن جي، ساجن سِگهي سار،
دلپت ديدار، ڏيئي ٺار اکين کي.

5

ڪر جو ڪر ڪيتوئي، اُکيان لائن چپڪي ياري،
تن سٽي سودا ڪيتا، ويچ ڏتي جند ساري،
سوليءِ تي ني سيج تيوني، ڪان ڪليجي ڪاري،
داد ڏيوين دلپت ڪون، دلبر تان پچي توڙ ويچاري.

6

عشق عشق سيڪو آکي، مشڪل عشق جو لاوڻ،
نال چري هزار جو ڏسيئا، اُپنا گلا ڪپاوڻ،
ثابت ٿي ڪر منهن نہ موڙن، سر سوليءِ سرت چڙهاوڻ،
پچي درشن دلبر والا، دلپت دل وچ پاوڻ.

7

عشق عشق سيڪو آکي، مشڪل عاشق ٿيوڻ،
تن دا لوهو ڪڍ ڪراهڻ، سر دي پيالي پيوڻ،
پريت پرزي تاڳي طلب دي، سرت سوئي سي سيوهڻ،
دلپت دستون دلبر دي، اُلٽا مرڪز جيوڻ.

ٽيون
سلوڪ پتنگن جا

1

پتنگ چوائين پاڻکي، تان ڪوري خبر لهہ،
محبوباڻي مچ ۾، سَيڪ سيوئي سَهہ،
دلپت پَو دوفان ۾، پڪو ڪري پهہ،
ڪنهنکي ڪيمَ ڪهہ، تہ آءٌ ڪي عاشق آهيان.

2

پتنگ چوائين پاڻکي، تہ اُڏي اَگ پَو،
مُڙين متان مگس جيان، ڏوران ڏسي تَو،
چڙي مرڻ يَو، دوڙي پَو دوفان ۾.

3

پتنگ چوائين پاڻکي، تان اُتي اَگ اچ،
سدا سپيرين جو، تو محبت ٻري مچ،
سانگو ڪري سر جو، پهہ پرين جي پچ،
سڙي ٿئين سچ، جي ڪوريءَ ۾ ڪپي وڃين.

4

پتنگ چوائين پاڻکي، تان آءُ اُسري آگ،
عشق جي آڙاهہ جو، دوڙي جهلج داغ،
دلپت پَو دوفان ۾، سر جو ڇڏي سانگ،
محبوباڻو ماڳ، مري ماڻ مچ ۾.

5

پُري پتنگ آگ تي، آيا ڳاٽ ڪٽي،
پاڻ اُڇلي آگ ۾، پچي ٿيا پٽي،
دلپت ٻو دوفان ۾، رکي عشق اُٽِي،
شمع سُر هٽي، اهي سڙي سر سرها ٿيا.

6

پُري پتنگ آئيا، گھوٽن جان گھڙي،
ويچارن جي وجود ۾، ناهي هوڏ هڏي،
ماڻ ڪري پيا مچ ۾، ڪشڪيا ڪين ڪڏهين،
دلپت تن تڏهين، ٿيو مشاهدو محبوب جو.

چوٿون
سلوڪ ڪلاليءَ جا

1

برهه پنچن ڪيا، گهايل گهٽا گهوٽ،
تن چڪن چاڪ فراق جا، جن چُيي چشمن اوٽ،
ڪسندي ڪاپڙي، نه آچين آڏو اوٽ،
سي جوڳي جلي جل ٿيا، سهي سامين سوٽ،
دلپت ڪئين ڪوٽ، ڪيا قربين اَڌ ڪنا.

2

ڪيا قربين اَڌ ڪنا، سي جوڳي ڪين جين،
سڪندي ساقيءَ لاءِ، ويٺي ورهه ٿين،
ڏيئي مٽا موڪيءَ ڪي پرين پڪ پين،
پئيدڙي پُرُ ٿيا، خمر هٿون ڪٺِنِ،
سي سوار سر ڏين، جي "دلپت" تاميا آهن تلخ جا.

3

جي تاميا آهن تلخ جا، تن مٿو نه وٽي مُور،
ڏارون پڪ پرينءَ جي، تن شربت لڳي سُور،
سدا سڪ پيئڻ جا، پياڪن پون پُور،
ڪانئين تن طلب ۾، طالبن ڪيو ٻور،
محبوبن جي ميءَ ۾، مَيا نرڪن نور،
جي ڪيا چشمن چور، سي مري مليا محبوب کي.

4

مَرِي مليا محبوب کي، ڪي محبتي ميا،
جن اٿ ئي پهر اَندر ۾، تي پرين پور پيا،
تن مٽا محبت مچ ۾، حبيبن هنيا،
عاشق اُڪير سان وڃي، خمخاني ٿيا ڪِيا،
دلپت پس سي پرين، جي وجودون ويا،
حق ۾ حق ٿيا، پاڻ وڃائي پانهنجو.

5

جي اَتئي سڪ پرينءَ جي، تان ڏي سنباهي سِرُ،
سڪڻ ۽ سورن جو، ڪٽج ساڻ سمر،
ڪُس ڪاتيءَ ڪلال جي، ڪٽي ڪاريھر جان ڪر،
ڏي سر سٽ ۾، گھايل گھار ۾ گھر،
دلپت پڪيءَ پَرِ، پني ڪنڌ پيڙ جي.

6

جي اَتيئي شوق شراب جو، تان وڃ ڪلاليءَ ڪاهي،
درس تئي "دلپت" چوي، صرفو سر لاهي،
اوُ ڪاٽيندءَ ڪات سان، سِسُ ئي هٽ ساهي،
وٽي ڏيندءَ برھ جي، چت منجھون چاهي،
جي تَو سِڪ سَچي آهي، تان تڃ ڪوڏيو ڪلال جو.

7

تيج ڪوڏيو ڪلال جو، ڪنڌ قبول ڪري،
دوڙي وڃ دڪان تي، پريتئُون پير پري،
اوُ پيالو ڏيندءَ پريم جو، منجھون زهر زري،
نشو چڙهئي نينهن جو، جنهن سان منُ مري،
پيئندي پُر تئين جي چڏين، پنهنجو پاڻ پري،
سر جو دان ڪري، وڃي دلپت ملج دوست کي.

8

وڏو قرب ڪلال جو، اکين ساڻ ڏنو،
ڏنائون قاتل زهر مون، سو لڳو مون منو،
پلٽ تي پياڪن تي، برھ وٺي وُنو،
دلپت تن ٿُنو، جن سر ڏنو سٽ ۾.

9

سر ڏنائون ست ۾، مَنجهون ذوق گهٽي،
عشق جي اُڪير سان، پيتائون ميءِ مٽين،
دلپت قدر ڪٽي، پئي ڪن پياڪن کي.

10

پيو ڪن پياڪن کي، قدر ڪيف ڪمال،
سر ڏنائون ملھ ميءِ جو، دوڙي دست دلال،
تن ڏيئي وٺي برھ جي، ڪيفي ڪيا ڪَلال،
پي ميءِ مدهوش ٿيا، تن رهي نہ ساڃ سنڀال،
فارغ ٿيا فراق کؤن، وسريو ان وصال،
دلپت پريت پرين سان، برھ ڪئي بحال،
سي رچي ٿيا لال، جي گهڙي ويا گهٽ ۾.

11

سي گهڙي ويا گهٽ ۾، جن پيالو پريم پيئو،
گروءَ جي گيان جو، ان ٻاريو ڏيھيءَ ڏيو،
هوري هوري هنيئن ۾، تن پَرو پرين پيو،
ڏنائون منهن محبوب جو، لکي وجهي ليئو،
"دلپت" گمان غير جو، وجودؤن ويو،
ڪيئن جو ڪيئن ٿيو، هنيؤن حيرت وچ ۾.

12

پياريائون پريت سان، اَجا چرن پيئو،
پي ميءِ محبت جو، ٿيو مست مَيو،
خمار نہ لهي خمر جو، اُٺ ئي پهر ڪِيو،
اِيھو گمان غير جو، وچؤن ئي ويو،
ڪيئي پرنگيءَ گت، ڪيئن جو ڪيئن ٿيو،
ڏينهان رات ڏِيو، "دلپت" جاڳي جيءَ ۾.

13

دلپت جاڳيو جيءَ ۾، مشاهدي مثال،
اوندھ ويئي اندر جي، اٿ ئي پھر خوشحال،
خواب خطر خيال جا، ضايع ٿيا زوال،
چپ آئي چيت کي، وڳيو ساڻ وصال،
برھ ڪئي بحال، ”دلپت“ ايھا دل دوست سان.

14

دلپت ونءُ در دوست جي، ٿِريءُ ڌري سر،
ٻاري ٻاھ برھ جي، اڳيون ساجن سڙ،
ڪرڻ ڪلال هٿ ۾، ڌورون ڏيک نہ ڏر،
دوڙي وڃ دڪان تي، ڪٽي ڪاريھر جان ڪر،
وڃي پو برھ سان، دوستاڻي در،
منجھون ميءُ محبت جي، پيالو ڏينديءُ پُرُ،
ڪِيو ڪنديءُ ڪن ۾، پياري خاص خمر.
رڱينديءُ رنگ رام جي، آ ديسي پر،
دلپت لاهي مس مَرُ، اڇو ڪنديءُ اندر کي.

15

اڇو ڪنديءُ اندر کي، سُرو ڏيئي شوق،
وڃي پَو در دوست جي، لنگھي ڪنون لوڪ،
موکي مَٽ محبت مؤن، پياري تو ميءُ موڪ،
پُر ڏيئي تو سُرڪ سٽ سر جي، ٻي طمع نہ رکي ڪنهن ٺوڪ،
وڃي تو برھ سان، چيتن ڏيئي چوڪ،
جي اُتيئي پيڻ ذوق، تہ ”دلپت“ دوڙي وڃ دڪان تي.

16

دوڙي وچ دڪان تي، تريءَ سر ڌري،
ڏي سر ڪاتي ڪرٽ سان، ڌڙ ڪؤن ڌار ڪري،
تہ ڏيي موڪي هٽ مست مون، وَٺي برھ پري،
جي آيا سي اگھيا، "دلپت" دوست دري،
ساجن لاءِ ڳري، سي پيھي ويا پاڻ ۾.

17

دوڙي ويا دڪان تي، ڪي متارا ميا،
سر ڪٽي ملھ ميءَ جو، پرينءَ پيش پيا،
سي هٿون حبيبن جي، پي خمر تيا ڪِيا،
دلپت در دوست جي، نشي نينهن نيا،
وٺڻ ڪاڻ ويا، پاڻ وڃايائون پرين ۾.

18

پاڻ وڃائي پرين ۾، پرين پاڻ تيا،
عشق عميق آب ۾، ڪِري جي پيا،
هٽي منهن هنيئن ۾، مري جَي جِيئا،
"دلپت" حق ٿيا حق سان، ملي ويا مَيا،
وجودؤن ويا، پاڻ سڃاڻي پانهنجو.

19

اَٺئي سڪ سرڪ جي، تان طمع ڪي ڏي ترڪ،
جيئيندي جهان ڪون، پڇي ٿيءَ فرق،
مٿو ڏيڻ موڪيءَ ڪي، آهي متارن مرڪ،
تو دلپت ساقي سڪ سان، ڏِيئي سپرين سُرڪ،
گھڙي ٿيءَ غرق، پائي منهن مهراڻ ۾.

20

وجھ منهن مھراڻ ۾، چوکو ڪري چت،
ڪڍ خام خيال اَندر مؤن، رکي حبيبن هِٽُ،
ڪر قابو قيد من ڪي، دلپت ساڻ سرت،
نئنن جي نِرت، پرين پس پاڻ ۾.

21

ونءُ مڪان موکيءُ جي، سنباهي ثابت سر،
تيون چِڪن بَنيون برھ جون، دوستاڻي در،
"دلپت" پَو پيش پرينءُ جي، ڪٽي سڪ سمر،
پرين ڏيئي پريت سان، سُرو شوق سَجَرُ،
پياري آب اَمر، حيات ڪني هنئين ڪي.

22

ڪري حيات هنئين ڪي، پئي عشق آب حيات،
جدا تيءُ جيءُ ڪون، تن جي تجي تات،
خالي ڪر ذاتين ڪي، تان ذات ٿئي اِثبات،
دلپت لاهوتين لات، سمجھ تہ سڃاڻين سپرين.

23

سمجھ سڃاڻي سپرين، جي پيالو پريم پئين،
ڳجھي مام مئن جي، هارا لاءِ هنئين،
وڍي سر پير ڪري، بيحد راھ لهين،
جتين جمڻ مرڻ ڪون، تان جڳ جڳ پيو جئين،
پرين پاڻ ٿئين، جي "دلپت" سڃاڻين سو پرين.

24

سمجھي لات لاھوتين، جوڳي جيءُ جڳاءِ،
پي ميءِ محبت جو، نشو نينھن چڙھياءِ،
خواب خطر خيام جا، ويراڳي وڃاءِ،
اُلٽي پُو اندر ۾، اڪيون الڪ لاءِ،
دست ڪَر دل ڪي، جھاتي گھٽ ۾ پاءِ،
رانول ڪي ريجھاءِ، تہ ”دلپت“ رلين رام سان.

25

دلپت در دوست جي، وڃي پؤڪري،
ڏيئي سچي صدق سان، ڌري سِر تِري،
تان حبيبن ڏيئي حب سان، ڪٽي ڪيف ڪڙي،
وڃن ئي وجود جا، سيئي شڪ سڙي،
چاڙھي نشو نينھن جو، گھر ۾ ويھہ گھڙي،
سر وڃ تو بہ سري، نت لڪين ليلائي ويا.

26

مئخاني موڪيءُ جي، گھايل وڃ گھڙي،
تو پياري مٽ مست مُون، وَتي برھہ پري،
تان ڦوڙائي فراق جا، وڃن ئي نپ نري،
چاڙھي نشو نينھن جو، گھٽ ۾ وڃ گھڙي،
وٽي وٽي ورھہ جي، پُو محبت ۾ مري،
ڪولي دل دري، ”دلپت“ پيھي پَس پرين ڪي.

27

طالب موڪيءُ ماڳ تي، آيا آس ڌري،
اُن وڃي ڏنو سِر صدق سان، ڌڙ ڪوُن ڌار ڪري،
تن پياري پريت سان، ميءِ مينا مھر پري،
سي پي خمر خوش ٿيا، جي آيا گھوٽ گھري،

أجايو در دوست کؤن، ويو کوڻ وري،
پي پک پُر ٿيا، جني ڏير ڏري،
اُن لڏي سپرين جي، ڳولي ڳجھ ڳري،
کولي دل دري، دلپت پيھي ويا پاڻ ۾.

28

دوڙي ونءِ دکان تي، سمر سک کٽي،
پسي ٿيءِ پرتيت سان، پرين پير پٽي،
تان پرين ڏِيئي پريت مون، کوڙي کيف کٽي،
جا گھڙي وڃي گھٽ ۾، ساڙي اھر اٽي،
دلپت پيھي دل ۾، ڏٺي لھ ڏٽي،
تان کولي تن ـ ٽٽي، جانب مليئي جيءَ ۾.

29

عاشقن جو آگ ۾، ويو جيءَ جلي،
اچي پيا در دوست جي، ڏري سِر تلي،
تن ڏني ساقيءَ سرک سک جي، جا وئي روح رلي،
چاڙھي نشو نينھن جو، اُن لڏي ڳجھ ڳلي،
مري ويا ملي، محبتي محبوب ۾.

30

دلپت ونءِ در دوست جي، سانگو سر چڏي،
ويھ واڍوڙين وچ ۾، اوطاق عشق اڏي،
تہ موکي ڏِيئي مھر سان، سُرو سک سڏي،
ھنئون ھنئين گڏي، ھک کريئي حق سان.

پنجون
سلوڪ پوربيءَ جا

1

سامي ڪامي پرينءَ ليءِ، سڙي ٿيا سياهه،
ڪنهنڪي سَلن ڪين ڪي، اَندر سندي آهه،
نڪي ويهن واٽن تي، نڪي گهرن گِراهه،
جڏهن راند نه راهه، "دلپت" تاڏهن پسڻ پرينءَ جو.

2

سامي ڪامي پرين ليءِ، ڪپي ٿيا خاڪ،
برهه ويراڳين جي، چت ۾ وڏا چاڪ،
ڪين جيئڻ سي ڪاپڙي، ڦٽيا جي بہ فراق،
آديسين اوطاق "دلپت" دائم دل ۾.

3

سامي ڪامي پرين ليءِ، پڇي ٿيا پٽي،
تن عشق جي آگ ۾، ڪانئيو پاڻ ڪٽي،
آديسين اَندر جي، ساڙي اُهون اٽي،
جڙ جوڳين جيءَ ۾، حبيبن هٽي،
ويراڳين وجود ۾، وائي ورهه وٽي،
ڪولي تن تٽي، "دلپت" مليا دوست ڪي.

4

سامي ڪامي پرين ليءِ، ڪپي ٿي ڪيهه،
پيا عشق آڙاهه ۾، جي هوا نِهوڙيا نيهه،
ڪاپڙين ڪپات جو، چلي لٿو چِيهه،
اَلک حو اندر ۾، ان لٿو ڏوري ڏيهه،
"دلپت" پس پرين پاڻ ۾، نرمل ڪري نيهه،
ويسلو ٿي مَر ويهه، تان دوست ڏسين دل ۾.

5

سامي عشق آگ ۾، ساڙيو ساهہ سرير،
جنهن آديسين اندر ۾، هوئي اَلک اُکير،
تن طالبن لڳو تن ۾، طلب تکو تير،
ڪنهنکي سَلن ڪينکي، پرين سندي پيڙ،
"دلپت" ڏري ڏير، پُريا پورب پار ڏي.

6

سامي عشق آگ ۾، جلايو جيرو جيءُ،
پُريا پورب پار ڏي، پيرو ڪٽي پيءُ،
سهسين سک سرير جا، ويراڳين لڳن ويهہ،
سامي لتو سيءُ، "دلپت" ڄمڻ مرڻ جيءَ جو.

7

سامي سڙي سک ۾، تيا جانب جهڙا،
ٻڌي هليا سر تي، سورن جا سهڙا،
جهڙا سامي سکن ۾، پي ڏکن ۾ تهڙا،
وسيا ويراڳين سر تي، محبت جا مينهڙا،
تن تون ويا گذري، ڏکن جا ڏينهڙا،
نانگن نينهڙا، "دلپت" نباهيا ناٿ سان.

8

سامين ساڙيو ساهہ کي، ٻاري عشق آگَ،
ڦتيا جي فراق جا، وڌيا سي ويراڳ،
آديسين اندر ۾، تا چڪَن درد داغ،
جي ڪاڏا ورهہ واگهہ، "دلپت" ناٿ مليو تن نينهن سان.

9

سامي ويا ڪامي، ٻاري عشق آڙاهه،
ساڙي ڪرهه ڪجل ڪيو، آديسين جي آهه،
پُريا پورب پار ڏي، ڪاپڙي ڪري ڪاهه،
ويراڳي ويهي واٽ تي، سهڪي ڪٽڻ نہ ساهه،
تن ڏارون دلپت دوست جي، ٻي چت نہ چُري چاهه،
جتي رند نہ راهه، اتي نانگن ڏنو نات کي.

10

نانگن ڏنو نات کي، جتي راهه نہ هو رند،
اُچت هليا الک ڏي، ڇڏي ڦِڪل ڦند،
ڪاپڙين ڪلهن ڪان، ڪوري ڏنا ڪنڌ،
دلپت ويا تن تون، لهي سپ ڏنڌ،
ساٻي سچائي سنڌ، پيهي ويا پاڻ ۾.

11

سامي سدا سنهڙا جن آيو رانول رس،
پُريا پورب پار ڏهُن، جو گروهه ڏسيو گس،
ويراڳين وڏو ڪيو، وڃڻ ڪارڻ وس،
جي دَست دلپت دوست سان، تن ذات جوڳين جس،
سي پرين پسندا پس، جي غرق ٿيا گريبان ۾.

12

ساجهرِ سَندرا سامين، ٻڌا ساهي،
پُريا پرانهين پنڌ تي، ڪَما حقون ڪاهي،
سڳيون سک سوز جون، ويراڳي واهي،
اَندر اُڪير اُلک جي، آديسين آهي،
هِتي جي هيڻ جو، نانگن نينهن ناهي،
نڪي آڏيائون تڪيا، نڪي هليا ڊاهي،

ويا وجودون نڪري، نانگا نباهي،
دلپت جوڳين جيءَ جو، لاڳاپو لاهي،
وايون وڄائي، غرق ٿيا گريبان ۾.

13

غرق ٿيا گريبان ۾، ڪي گبرو گياني،
وجهي ولوڙو وجود ۾، محبت مانڌاڻي،
جدا ڪيائون جسم، جهڻ ڪون مکڻ مُساڻي،
ڇاڻي ڪاڏائون ڪير ڪي، پري ڪري پاڻي،
دلپت ٿيو دل ۾، تن الک عياني،
عاشق آساني، ناٿ مليو تن نينهن سان.

14

تن ناٿ مليو نينهن سان، جي ورهہ اُچي ويڙهيا،
طلب رکي تن ۾، هليا سوامي سويرا،
وجهي آگ عشق ۾، ان جلايا جيرا،
گروءَ گلي گيان جي، گودڙيا گيريا،
دوست اچي دل ۾، درد پڳا ڊيرا،
جي نينهن نبيريا، سي "دلپت" مليا ناٿ کي.

15

وچن واڌوڙين جو، ڪاپڙين ڪن ڪيو،
حقيقت سان هڪ ٿيو، ٻڏي تان نہ ٻيو،
پيهي ڏنائين پرينءَ جو، ڏيهيءَ منجهہ ڏيو،
فارغ ٿيو فراق ڪون، وصالون ويو،
ڪيئن جو ڪيئن ٿيو، دلپت هِنيون حيرت وچ ۾.

16

ويراڳين ورهه جي، جيءَ ۾ لڳي جڙ،
رتا راڻول رنگ ۾، نانگا نينهن نظر،
نڪي ٻيهن بزارين ۾، نڪي گهمن گهر،
جهڙا سامي شهر ۾، تهڙا بابو ٻر،
چڏي مڙهيون مڙهه، "دلپت" رتا رام سان.

17

رتا وتن رام سان، ڪي جوڳي جوان مرد،
تن آديسين اندر ۾، ٿا دونهان دکن درد،
جي جوني جڳت ڪي، ڪري وينا رد،
"دلپت" دويک نہ رکن دل ۾، سڀ جا ساجن سهرد،
تن وٽي نہ واٽي ورڌ، بنا نام نات جي.

18

نانگا نينهن نهوڙيا، وڏيا جي ويراڳ،
اٿ ئي پهر عشق جي، ٻري اندر آگ،
سدا سگيون سوز سان، وڃن وجهن داغ،
لُنو لُنو لڳن نوبتان، رڳ رڳ اندر آگ،
ريجهن ڪين رواز تي، محبت سندي ماڳ،
دلپت ورهه وڏو واڳه، ڪاڏن پَوَن خبرون.

19

ڪاڏن پون خبرون، جي ڳجهن ڳاهه تيا،
سي ويراڳي وهائيا، خماريءَ ڪيا،
ٻڌي ۰ ساجهر سندرا، پورب پار پيا،
جت ناٿه نهايت نينهن جي، حيرت منجه هيا،
داخل تيا "دلپت" چوي، موٽن ڪين ميا،
ونڃ ڪاڻ ويا، پاڻ وڃايائون وچ ۾.

20

پاڻ وڃائي وچ ۾، جوڳين لڌي جوءِ،
وينا اورن عرش ۾، رانول روبروءِ،
ويجهو سڀ وجود ۾، جيئن سو ڦُلن بوءِ،
جتي هاءِ نه هوءِ، دلپت تتي تن جو تڪيو.

21

سامي سَرها ٿيا، منجهي برهه بوءِ،
راتيون جاڳن جهد مؤن، سمجهن ڪين صبوح،
ناڱن نئن ڪڪوريا، رڳن متي روءِ،
مري جيئا من ۾، ڪيٽي پرنگيءَ خوءِ،
اَڻ ئي پهر عشق جي، دلپت هنئين هوءِ،
سا جوڳيءَ لڌي جوءِ، جت ناهه نهايت نينهن جي.

22

جت ناهه نهايت نينهن جي، سا جوڳيءَ لڌي جاءِ،
ويا وجودون نڪري، جوڳي جوءِ منجهاءِ،
جتي ذڪر نه فڪر ڪو، نڪا هوءِ نه هاءِ،
نڪو فلڪ نه ملڪ ڪو، نڪو رنڪ نه راءُ،
نه نڪو پني پٽ ڪٽي نڪو بکيا پاءِ
ڪا، "دلپت" تت وڏائون تڪيو.

23

آسڻ آديسين جو، اونهين منجهه اُجاڙ،
جتي ساز نه سرود ڪو، نڪا تند تنوار،
نڪا حد نه بيحد ڪا، نڪو روپ آڪار،
جتي تپ نه جپ ڪو، نڪو جوڳ جهار،
نڪو جنتر نه منتر ڪو، نڪو جپڻ هار،
نڪو سج نه چنڊ ڪو، نڪو ڏنڊ و ڪار،

نڪو عرش نہ فرش ڪو، نڪو ميگھ ملار،
پنھنجو آھي پاڻ ۾، سامي سرجڻھار،
جنھنجو پار نہ وار، سو تن جو تڪيو.

24

جوڳي جاڳي ساس جون، ٽا سمرنيون سورين،
محڪم وٺي من ڪي، ميا ٽا موڙين،
راتين ڏينھان رام سان، آديسي اورين،
جا پوءِ ڪِني نہ سٽي، سو ٽا ڏيھ ڏورين،
دلپت نانگا نات تان، پاڻ اُپو گھورين،
ويا تت وڙين، جت ناھي اَنت عشق جو.

25

ڪري اُبتيون اکڙيون، پَسُ پاڻ پيھي،
ڳولي لھج الک ڪي، وجود ۾ ويھي،
دلپت سجاڻ سپرين، ڏور ڪري ڏيھي،
تان ساجن سنيھي، سامي مليئي سُترو.

26

ڪري اُبتيون اکڙيون، پيھي پَسُ پاڻ،
اُجھئين تي عالم ۾، جنھنجي ڏسڻ ڪاڻ،
دلپت ساڳي سپرين، سدا توئي ساڻ،
ويراڳ وساءِ وجود ۾، پيچ پنھنجو پاڻ،
تان آديسي آسان، الک ڏسين اندر ۾.

27

پُريا پورب پار ڏي، ڪاپڙي ڪري ڪاھ،
آديسي اندر ڪي، ٻَچ برھ سندي باھ،

ساڻ شڪ سيئي، ٻاري عشق آڙاهہ،
محڪم ونئي من کي، گيان ڱرج سان گاهہ،
دست ڪر دلپت دل کي، سوار تي سر ساهہ،
عشق اُلٽي راهہ، رڙهي رس رام کي.

28

ويراڳي وجود ۾، ويهي ورهہ وساءِ،
طالب تي طلب ۾، تن کي پيو تپاءِ،
محڪم ونئي من کي، گهڙي گيان گساءِ،
پنج مواسي چَون جي، تن نصيحت ڏيئي نساءِ،
چئنچل چت پکيءَ کي، ڦاهيءَ سرت ڦساءِ،
ڪري ترڪ طمع کي، ترشنا ڏئي جلا،
تان جوڳي تنهنجو جوڳ سپ، سدا رهي برجاءِ،
دست ڪري دل کي، "دلپت" رام ريجهاءِ،
ناتو نينهن نڀاءِ، هن پر نانگا ناٿ سان.

29

ويراڳي وجود جو، ياندو يرم پيچ،
ڪاهي پورب پار ڏي، ورهہ ونئي وچ،
دلپت درس دل کي، ساجن متيو سچ،
جئندي مَرڻ مچ، تہ جانب ڏسين جيءَ ۾.

30

ويراڳي وجود ۾، ويهي ڪر قرار،
ترڪ ڏيئي طمع کي، دوڙ نہ ڪنهن ٻئي پار،
ڪاهي ڱرج گيان سان، من مواسي مار،
اَچو ڪر اَندر کي، ممتا ميل اُتار،
آديسي ڏس اَندر ۾، اُلک جا اسرار،
دلپت ديدار، دل ۾ ڏس دوست جو.

31

واسنا وجود مون، ويراڳي وڄاءِ،
محڪم وٺي من کي، برهہ ڪوريءَ ڪاءِ،
اَٿ ئي پهر عرش ۾، رانول ڪي تون راءِ،
پاٺي پيهي پاڻ ۾، پنهنجو پاڻ وڃاءِ،
تہ دلپت چوي هر جاءِ، نانگا ڏسين نات ڪي.

32

جوڳيءَ منهنجي جيءَ ۾، جوڙي هنئين جڙ،
سا لڱون لنگهي لڳي، چت ۾ چست چَپَرَ،
اڪيليان تان اڪلي، جاڪتي خوب تر،
دلپت آديسين جي، روهين ٻجهي رڙ،
پرين پڪيءَ پر، پني ڪر هن پيڙ جي.

33

ويراڳ بن برهہ جي، بابُڻ آئي بوءِ،
تن مخڪم وٺي من کي، ماري ڪيو موءِ،
هوءِ پئي هنئين ۾، هنيون وڃي پيو هوءِ،
جوڳين گهڙي گهٽ ۾، لڌي جانب جُوءِ،
ڏسي رانول روءِ، ”دلپت“ درد ويا دل جا.

34

ويراڳين ورهہ جي، لڳي چست چَپَرَ،
گهڙي ويئي گهٽ ۾، سيلي ساهہ سپر،
جوڳين جاڳي جيءَ ۾، آتش عشق اُپر،
دلپت رليا رام سان، ڪاٽي ڪنڌ ڪپر،
ڪي گياني گبر، غرق ٿيا گريبان ۾.

35

پکارين پرين لئيءَ، ورھه وڏيا جيئي،
تا دانهون کن درد کون، واڏوڙيا ويهي،
ويراڳ ونئي ورھه سان، نهوڙيا نيهي،
هو ڪُنا ڪات ڪاپڙين، ٻيا ڪُسن تا ڪيئي،
ڪاڏا واگهه ورھه جي، تن رمز رانول ريهي،
دلپت دردوندن جي، درد ساڙي ديهي،
سي پورب پيهي، نانگا مليا ناٿ سان.

36

ڪورو ڪُنئي تپائيو، سپيرين سَجَرُ،
ٻاري باهه برھه جي، آديسين اَپَرُ،
تون ڪِهڙُ گهائي نينهن سان، سانگو چڙي سِرُ،
تن تپائي طلب ۾، ڪڍي مَنَ مَڪَرُ،
صاڻ ڏيئي سچ جو، من جي مارج مَرُ،
اَچو ڪر اندر ڪي، جئن گنديءَ ڪي گاڏرُ،
هلي تيءَ حاضر، "دلپت" در دوست جي.

37

چو تو کن ڪپائين، چا ڪي لائين چارُ،
مُندرا ميڪلي مڪر جي، سيلي سگي ساڙ،
لَنگ لنگوٽي لالچي، ڏنڊ ڪمنڊل ڏار،
ڪين پهچائي ڪين ري، پَٽ پهوڙي پار،
اَڙيو ناهي ان ۾، او تان نرنجن نروار،
سامي بڌج سر تي، سيلي سُرت اَپار،
جو ويجهو آهي ونين ڪون، تون سامي سو سنيار،
"دلپت" چوي ديدار، تئي عين جي اکين سان.

38

ڪنن ڪين وڄائيو، من ڏِنگي ڪي ڏار،
چاڪ ڏيئي چت ڪي، محبت مُندرا چاڙهه،
چڏ ٻهانا ٻيڪ جا، حيلا مڙيئي هار،
ٻاري ٻاهه ٻرهه جي، سانگ سيئي ساڙ،
نڪي دؤڙ دوارڪا، نڪي ڪاهه ڪيڏار،
گنگا ونءُ م گومتي، آتم گيان ويچار،
منجهه ئي تيرٿ تڪيو، منجهه ئي ناٿ نهار،
سَولو آهي ساهه ڪون، اَلک ڏيو اَپار،
آد پرش آڌار، "دلپت" ديکو دل ۾.

39

ڪنن ڪين وڄائيو، ڪاتيءَ سان م ڪور،
ڪاپڙي ڪن قلوب جا، ٻرهه ٻنجيءَ ڦوڙ،
ڪڍ منهن مڪر ڪون، چاند سيئي چوڙ،
جوڳي جڳاءِ جيءَ ڪي، سمرڻ ساهه جو سور،
ويراڳ وساءِ وجود ۾، تان ترت رسين وجي توڙ،
دلپت دائم دوست تون، پاڻ اَيو تي گهور،
محڪم من ڪي موڙ، تہ ناٿ مليئي نينهن سان.

40

ڪنن ڪين وڄائيو، تون ڪاتيءَ سان م ڪٽ،
محڪم پنهنجي من ڪي، جوڳي ونئي جهٽ،
مُندرا لاهه مڪر جي، سيلي سڳي سَٽِ،
ڪٽا ڪولانيا ڪوڙ جا، پاکنڊ سيئي پَٽ،
دلپت ويجهو وجود ۾، گهوٽ تنهنجي گهٽ،
مڪر مڙيئي مٽ، تہ نانگا ڏسين ناٿ ڪي.

41

ڪنن ڪين وڄائيو، ڇريءَ سان مَ ڇيد،
ڪاپڙي ڪن قلوب جا، برهہ بنڇيءَ پيد،
محڪم وني من کي، ڪر قابو قيد،
”دلپت“ واٽي ويد، معلوم ٿِيئي من ۾.

42

ڪوهہ تو ڪن ڪپائين، چاڪونءَ ڏيئي چير،
چوُرمن جي چشي لي‎ءِ، ڪندبت ڪيءَ سرير،
وڏءِ چائي چِتن ۾، تو ڪائين ڪندبون ڪير،
لال لنگيون لڳن تي، اوڏي ٿئين امير،
ڪري ويس ويسوان جا، پاڻ پائين تو پير،
وجهي منهن مڪر ۾، سامي پڳيءَ سير،
لڳي ڪونہ وجود ۾، طلب سندو تير،
جوڙي وجهہ جيءَ ۾، جوڳي جهد زنجير،
پاءِ منهن اَندر ۾، اَلک رک اُڪير،
دل کي ڏيئي ڏير، ”دلپت“ لڳ لڙهہ لاهوتين جي.

43

لڳي لڙهہ لاهوتين جي، تيءَ گولن جو گولو،
تان آديسي اَندر جو، لاهين ئي اولو،
لهيئي سامي سر تون، ايهہ چوراسي چولو،
دلپت چوي دوئيءَ جو، ڪڍ روح منجهون رولو،
پرم پيچ پولو، تہ پاڻ پسين سو پرين،

44

بيک بٽائي شينهن جو، منهن کي مکين رک،
رڍ تي وينين رڍن ۾، ڪائين ڪرفتي ڪک،
اوڏي اَن اُداس ٿئين، ڪارڻ وشئي سک،

ماٺھو موھين مکر ڪيو، ڪري پاکنڊ پک،
پڇي آگيا گر جي، تو پوڄين پک ايک،
جن سُکن لاءِ تو پاپ ڪرين، سيئي ڏيندءِ ڏک،
آديسي اَندر ۾، لڌيءِ نہ لک اَلک،
چو ٿو مارين جُک، "دلپت" جوفي ڪارڻ جڳ ۾.

45

اڳيون اچي عشق جي، عقل ٿيو اڏين،
گھڙي محبت مچ ۾، مري ٿيو مھين،
سو پي ميءِ مست ٿيو، ڪانئين ڪُفر دين،
ھيٺن ڪون ٿيو ھيٺ، رڙھي وينو رندن ۾.

46

ڏسي عقل عشق کي، سياٽپ ڇڏي سڀ،
ورھ اَئون ويراڳ جا، جھلي ڏاڍا ڏنڀ،
حياو ۽ شرم جا، ڪانئي وينو ڪنڀ،
تجي آس آرنڀ، غرق ٿيو گريبان ۾.

47

جن پيو پور پرينءَ جو، پورب پُريا سي،
ڪاپڙي سچي قلب سان، ڪاھي ھليا ڪي،
آديسين اَندر ۾، اُجھي نہ الک ري،
نينھن نھوڙيا جي، سي دلپت نانگا مليا نات کي.

48

نانگا مليا نات کي، جي نيھي نماڻا،
ڇڏي سنگ سڀ جو، ٿيا يگانا،
وڃي دست دوست جي، ورھي وڪاڻا،
سي عاشق اَگھاڻا، جي پيا پيش پرينءَ جي.

49

پيا پيش پرينءَ جي، نماڻا نيھي،
تن ڏني پيشاني پرينءَ جي، پاڻ ۾ پيھي،
تا اورين الک سان، ويراڳي ويھي،
ڪاپڙين جي ڪلول جي، ڪڇن ڪل ڪيھي،
”دلپت“ سُڌ ڏيھي، وئي ويچارن وسري.

50

وئي ويچارن وسري، جي گھٽِ ۾ پيا گھڙي،
آديسين جي اَندر ۾، برھ باھ ٻري،
سواءِ ساجن جي، تن ويا شڪ سڙي،
پاڻ وڃائي پنھنجو، جوڳي جيئا مري،
دست ڪري دل ڪي، اُن لڌي ڳجھ ڳري،
”دلپت“ دوست دري، تن ڏوري لڌي ڏيل مون.

51

تن ڏوري لڌو ڏيل مون، اَلک آديسين،
شئل سيوئي ڪيو، سُن ۾ سنياسن،
دلپت نج داسن، ناٿ نوايو نينھن سان.

52

تن ناٿ نوايو نينھن سان، جن ھئي سڪ سچي،
گھري عشق آڙاھ ۾، پٺي تي پچي،
رانول رنگ رچي، لاھوتي لال ٿيا.

53

لاھوتي لال ٿيا، رچي رانول رنگ،
وڌو محبت مچ ۾، نانگن نينھن نسنگ،
پيا عاشق آڙاھ ۾، آديسي اُمنگ،
تن لڳو ”دلپت“ رنگ، جن تي پڪو پاھُ پريم جو.

54

جن ترڪ ڪيو طمع ڪي، سنياسي سيئي،
ڇڏي هليا نعمتون، قيمتي ڪيئي،
ويراڳين وجود مون، واشنا ويئي،
تن پاڻ پڇي پانهنجو، رانول دل ريهي،
گهڙي ويا گهٽ ۾، جفا جيءَ ڏيئي،
”دلپت“ ڏنائون الک ڪي، پاڻ ۾ پيهي،
سي نانگا نيهي، ناٿ نوازيا نينهن سان.

55

ياد پوين يار ڪي، جي ڪرين يار پيار،
هٽي معرفت مشڪلو، من جي ميل اُتار،
ريهي درپن دل جو، آديسي اُجار،
گروءَ جي گيان جو، ڏيهيءَ ڏيو ٻار،
تہ نانگا اندر ناٿ جو، نرڪين نورُ نروار،
”دلپت“ ديدار، پيهي پَسُ پاڻ ۾.

56

ياد ڪر يار ڪي، ڪڍي من مڪر،
هيت ڪر هڪ سان، دوستي ڇڏ ڊِگر،
جوڳي جپ جيءَ ۾، زبان ريءَ ذڪر،
”دلپت“ ساڻ فڪر، دوست ڏس دل ۾.

57

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڪي ڏي تَرڪ،
اوڍي ويس عورت جا، مردن ۾ نہ مُرڪ،
دلپت ڏوتي دنيا ڪون، پڇي ٿيءُ فرق،
گهڙي ٿيءُ غرق، پائي منهن مهراڻ ۾.

58

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ تپاءِ طلب ۾ تن،
جوڦي لاءِ جڳت ۾، ڪوري ويھ نہ ڪن،
وجھ مندرائون محبت جون، محڪم چيري من،
ڪڍ آديسي اندر مون، ڪوڙا فڪل فن،
ٻيائي ڏيئي ٻَن، هڪ دوست رک دل ۾.

59

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ جانب سان جي جوڙ،
گر گيان جي ڪات سان، ڪن قلب جا ڪور،
ويراڳ وساءِ وجود ۾، منھن مڪر کون موڙ،
دلپت سر صدق سان، ايو گرُ تان گھور،
تان ترت رسين توڙ، ڇُڪين چوراسي پنڌ کون.

60

جي پائين جوڳي ٿيان، تان تج عالم جي آس،
ويراڳ رکي وجود ۾، سڀ تي ٿيءُ نراس،
بن سمرن رام جي، ڪڻ نہ ڪو اِڪ ساس،
دلپت هردم هر جي، ٿيءُ داسن جو داس،
تہ وئڪنٺ لھين واس، وڃي حضور هر جي.

61

جوڳي ڏس جانب جا، سرين ۾ سئل،
ڍڪي چولا چوراسي، تو آتم ڪري اَليل،
لپٽ ٿي لباس ۾، رهي سدا اميل،
بي رنگيءَ کون رنگ ٿيو، جيئن پاڻيءَ اُتي تيل،
ڪاپڙي ڪن ڪيلُ، جن سڄاتو سپرين.

62

لک چوراسي چولا چيتن، پهريا رنگا رنگ اپار،
لِکي هن لباس ۾، ٿو کيل ڪري کيلار،
اندر ٻاهر سڀ ۾، هڪ چيتن جي چمڪار،
لکي سگھي نہ لوکن ۾، کو الک جو اِسرار،
جنهين هنيو منهن محبت مچ ۾، تن عاشقن اظهار،
”دلپت“ ٿيو ديدار، عين جي اکين سان.

63

ٿيو عين جي اکين سان، درشن تنهن دلدار،
ڏٺو ظاهر چمڪو، چيتن جو چوڌار،
آديسين اندر ۾، سدا پرين پچار،
”دلپت“ دلدار، تِنِ گهڙي آيو گهٽِ ۾.

64

پَسَڻُ ٿِيَئي پرينءَ جو، جي ڪرين سک سچي،
ٻاري ٻاھ برھ جي، تنهن ۾ پَو پچي،
”دلپتؔ“ سڙئي ساعت ۾، اَهنبنڌ ڪچي،
تان رگڻ رام رچي، لاهوتي لعل ٿئين.

65

جوڳي جُڙي جيءَ ۾، جوڙي ويھ جاءِ،
پيهي حجري هنئين جي، ڪر آسڻ اونداءِ،
آديسي اندر ۾، پل پل جهاتي پاءِ،
سڻ نوبت ناد جي، گگن ۾ غوغاءِ،
ثابت وٺي ساھ کي، سورھ سرت سنياءِ،
اَت ويهي ڪماحقون، چت جي چست چلاءِ،
تان ڏسين پر تو پرينءَ جو، جڳ مڳ جوت جهلڪاءِ،
جفا ڏيئي جيءَ کي، ڪر جبروت وڃي جاءِ،

حقيقت سان هڪ ٿي، صورت ۾ سماءِ،
لاهوت ۾ لقاءُ، دلپت پوءِ پس پرين جو.

66

آديسي ڏس اندر ۾، ڪوجي ڪا ڪِنَ،
جو سڀ ۾ هر آتما، ڪنهن ڪون نه آهي ڀِنَ،
پرانن جي پران آهي، من جو آهي من،
اکين جون اکيون آهي، ڪنن جو آهي ڪن،
وسي سڀ وجود ۾، سڀ تي هڻ ولڪڻ،
"دلپت" تنهن درسن، گُر گم ري نه ٿئي.

67

تَنُ تپايو طلب ۾، ڪِن ورهه ولاسين،
اوجاڳي اُجاريون، اکيون آديسين،
پيو پرلاءُ پرين جو، سُن ۾ سنياسين،
"دلپت" نج داسن، درسن پاتو دوست جو.

68

نانگن لڳو نات سان، نِتُ نِتُ نئون نينهن،
سدا ساجن ليءِ اُنجو، تو جِهجي جُهري جيءُ،
سهسين سنسار جا، ويراڳين لڳن ويهُ،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سڪن سجو ڏينهن،
جن جو حال هيءُ، ڪيئن واشنا وڻي تن کي.

69

جي تا تن ۾ تيرٿ ڪن، سي ڪيئن ڪاشيءِ وڃن ڪاپڙي،
گنگا ۽ گرنار جي، تانگهه نه آهي تِن،
گهوٽ ڏنو جن گهٽ ۾، سي تيرٿ ڪين تپن،
دلپت دائم دل ۾، اُن بنيو بندرابن،
سي سامي سدا سرها، مڪند جن جي من،
بيائي ڏيئي ٻَنِ، او رتا وتن رام سان.

70

پرو پويئي پرينءَ جو، جي پنهنجو سچاڻين پاڻ،
سچاڻ آهي الک جو، جي پنهنجي سچاڻ ساڻ،
بنا سڃاڻي پانهنجي، وڃي نہ ديهہ ايمان،
الک مليئي آسان، جي پهرين سچاڻين پاڻکي.

71

پَرُ سچاڻڻ سترو، پاڻ سچاڻڻ ڏک،
اکيون ڏسن اور کي، پنهنجو ڏسن نہ رخ،
ڏارون پسڻ پانهنجي، سامي ملي نہ سک،
اُلٽي ڏس مُک، تہ صاحب مليئي سترو.

72

صاحب مليئي سترو، جي گروءَ جو لهين گُس،
نانگا توکي نانت جو، ڏيهي ڏين ئي ڏَسُ،
هٿي ڪٽرولو قلب کي، کڍين ئي ڪوري ڪس،
پوءِ گهڙي ميدان عشق جي، رڙهي رانول رسُ،
تان جوڳي چون ئي جس، دلپت ويهي ويراڳين وچ ۾.

73

سامي سک نہ سُتري، لڳي هوءِ تہ لاءِ،
نانگا ناتو نينهن جو، اڳيون تي نانت نباهہ،
چڏي جوءِ جوڳي هليا، واڄو ورهہ وڄاءِ،
ساٿي اُيا ڪن سڏڙا، تون سُتينءَ سيج وڇاءِ،
لڏيو وڃي لوک لوءِ ڏي، تو سمهڻ ڪئن سهاءِ،
پران پکي اُتاولو، تنهن ويندي وير نہ ڪاءِ،
ويهہ نہ هت تي ويسلو، جوڳي جوڙي جاءِ،
دلپت هل پنهنجي ديس ڏي، سمر سک سنياءِ،
تان ترت پهچين ماءِ، چُٽين پرانهين پنڌ کون.

74

چنين پرانھين پنڌ کون، تان پورُ پورب پار،
چڙھي گھوڙي گيان جي، ھکلي ھل ھيڪار،
کڻ ساتي سونھان پاڻ سان، وويک ۽ ويچار،
رک طلب تکي تن ۾، تان تري وڃين تار،
ڪر ھمراه عشق کي، تان پھچين پرئين پار،
دست وٺي دلدار، ”دلپت“ وڻ ۽ پنھنجي وطن ڏي.

75

وڻ ۽ پنھنجي وطن ڏي، سڃاڻي دلپت دم،
نڪو ساڌِ نيمن کي، نڪو ساڌِ يمُ،
ڇڏ ايمان ديھ جو، ذات ورن ڪر گم،
سک ٿي وڃي سمھ، سامي ست سروپ ۾.

76

ويراڳين ورھ جي، ڪا جا آئي باس،
تن پرين جي پسڻ جي، لڳي تن ۾ تکي تاس،
سي الٽي عالم کون ٿيا، آديسي اُداس،
وڏي مرادون من جون، نرھ ٿيا نر آس،
وينا وڃي ويران ۾، چاڙھي اکيون آڪاس،
”دلپت“ ڇڏي ديھ ايمان کي، ٿيا داسن جا داس،
ڪانئين سڀ خواھش، تن وئڪنٺ سدا وجود ۾.

77

تن وئڪنٺ سدا وجود ۾، جن رکيو رانول رخ،
اُلٽي پيا اندر ۾، ماڻھن موڙي مک،
”دلپت“ گھڙيا گھٽ ۾، ڏيھيءَ ڏيئي ڏک،
سي ماڻين سدا سک، جن سھج سڃاتو سپرين.

78

سهج سجاڻي سپرين، پرين پاڻ ٿيا،
سُرو ڏيئي شوق جو، ڪيئن ڪيا ڪيئا.
پي ميءِ محبت جو، مري جي جيئا،
داخل ٿي دلپت دوست ۾، وجودون ويا،
محبتي مَيا، لنگهي ويا لاهوت ۾.

79

آديسي اَندر ۾، الک جو استان،
ويراڳ وساءِ وجود ۾، تان سمجهين گُرن گيان،
پرو پوئي پرين جو، جي ڇڏين پنهنجو پاڻ،
بنان گر گم گيان جو، سوئي ڦوڪٽ گيان،
"دلپت" دست ڪر دل ڪي، تجي ديهہ ايمان،
تان الک مليئي آسان، ڇُٽين چوراسي پنڌ ڪون.

80

ڇٽين چوراسي پنڌ ڪون، جي آتم ڏسين هِڪُ،
آديسي اَندر مون، ڪيڏ دوئيءَ ڪي ڏِڪ،
ڳولهي لهہ پاڻ ڪي، سچي رکي سک،
ٻاري آگ عشق جي، ساڙ سيئي شڪ،
تان جلي جهنگ پٽ ٿئي، چورن لهي لِڪ،
"دلپت" گرز گيان سان، پيچ پرم جي پِڪَ،
ڪر ويراڳي بيهک تہ پاڻ ڏسين سو پرين.

81

ويراڳين برهہ جي، چت ۾ لڳي چوٽ،
سي وڃي ورهہ سان، گهٽ مون گهڙيا گهوٽ،
موڙي منهن ميدان ڪون، موٽيا ڪين اَموٽ،
سي آديسي اَٽوٽ، "دلپت" مليا دوست ڪي.

82

ويراڳ وساءِ وجود ۾، آديسي اُپار،
ست است جو پارکو، وٺ وويڪ ۽ ويچار،
ٻاري آگ عشق جي، سنسا سيئي ساڙ،
ڪانئين ڪوريءَ وچ ۾، من جي ميل اُتار،
ٻنڌي ونگ ورھ جي، ڌوڙ ڌوئي ويچار،
ڪر اِثبات آتما، ديھ ڪون ڏٺي ڏار،
تان ”دلپت“ ديدار، دل ۾ ڏسين دوست جو،

83

جي پائين ڏسان اُلک ڪي، اندر ۾ اِظھار،
تان گروءَ جي گيان جو، ڏيھيءَ ڏيو ٻار،
ڪاپڙي ڪاھي قلب ۾، ويھي ڪر قرار،
ڪولي نئن نرت جا، نانگا ناٿ نھار،
تان معلوم ٿئي من ۾، الک جو اِسرار،
”دلپت“ ديدار، دل ۾ ڏس دوست جو.

84

جن تعلق تجو تن جو، سنياسي سي،
ڇڏي آس عالم جي، ھليا اُلک ڏي،
سامين سک سرير جا، رُڃن نہ رانول ري،
جوڳي ھليا جوءِ ڏي، جفا جيءَ ڏيئي،
”دلپت“ انھن ڪي ئي، ناٿ مليو نينھن سان.

85

نانگا ھليا ناٿ ڏي، جي نينھن نھوڙيا،
اُن تي نيزا نرت جا، ڪاھوڙين ڪوڙيا،
سي جھڄن جھرن پريَنِ ليءِ، جھوريءَ جي جھوريا،
تن دوست ديرا درد جا، پيچي ڪيا پورا
جي نينھن نبيريا، سي دلپت مليا ناٿ کي.

86

جن ترڪ ڏنو طمع کي، سي صحيح سنياسي،
تجي آس عالم جي، اوُ ڦرن اُداسي،
نڪي دوڙن دوارڪا، نڪي وڃن ڪاشي،
ويٺا تيرٿ ڪن تَنَ ۾، دلپت آديسي،
اُن الک اِوناسي، ڏوري لڌو ڏيل ۾.

87

سنياسي چوائين پاڻکي، اوڍي لال لباس،
وار وٺي جٽا ڪيئہ، جئن وڃن نوڙيون ڏاس،
مايا ڪارڻ بيک بنائيہ، ورتا وجائين سواس،
نانگو چوائين لوڪ ۾، خرقا پھرين خاص،
نانگا لڄائيہ لالچي، ڪري لوڪ لباس
آريو پيو آهين عام ۾، نانءُ چوائين اُداس،
ڇڏي آسرو الک جو، عالم رکين آس،
پي مڌ مست ٿين، کائئين مِرن ماس،
تن ۾ تونس تريا جي، من ۾ مايا پياس،
پاڻھي ٻڌءِ پاڻ کي، تيندين ڪين خلاص،
بنا ترڪ طمع جي، ٿئي نہ سِڌِ سنياس.
ويراڳ وساءِ وجود ۾، ڪر واشنا ناس،
ڪڍ دغا دل مون، ٿيءُ داسن جو داس،
ڪوھ مڙيائي خواهش، تہ الک ڏسين اندر ۾.

88

الک ڏسين اندر ۾، جي سامي ڪمائين سچ،
محبت رکي من ۾، عاشقن اگڻ اَچ،
ٻاري ٻاھ برھ جي، پيھي تنھن ۾ پچ،
تان صاف ٿئين سون جان، ساڙي قلبون ڪچ،
چڙھي نيزي نينھن جي، نانگا اُيو نچ

گهڙي عشق آڙاهه ۾، رانول رڱڻ رچ،
سڙي ٿئين سچ، ته نانگا ڏسين نات کي.

89

جي لڄ لاهي نڳئا، تن نانگن کهڙو ننگ،
سنبندين ۽ سينڌن جو، تن سامين ڇڏيو سنگ،
نکي وڃن گومتيءَ، نکي وڃن گنگ،
سڳيون واهي سڪ جون، او هليا چت جا چوري چنگ،
تن پيريون وڄن برهه جون، محبت جا مرڏنگ،
هليا اُڪير سان الک ڌُن، آديسي اُمنگ،
رچي رانول رنگ، لاهوتي لال ٿيا.

90

آديسي اندر ۾، الک هنئين حضور،
اندر باهر سڀ ۾، جانب آهي ظهور،
پر بنا اُکين اندر جي، کو ڏسي سگهي نه نُور،
کامي ونءُ کوري ۾، تائي تن تنور،
ته دلپت دوست دل کون، کڏهين ٿئي نه دور،
چوري تن تنبور، آواز سڻ الک جو.

91

آواز سڻ الک جو، گگن غفا ويهي،
گروءَ جي گيان جو، ڏيو بار ڏيهي،
ڏسي صورت شام جي، پاڻ ۾ پيهي،
تان سانول سنيهي، ”دلپت“ ڏک لاهيئي ڏيل جا.

92

جنهنجو نينهن نات سان، سنياسي سيئي،
پيا عشق آڙاهه ۾، جفا جيءَ ڏيئي،
ڏوري لڏائون ڏيل مون، پرينءَ کي پيهي،

سامين جي سر تون، سپ وِپتا ويئي،
دلپت سڌ ڏيهي، ويئي وسري تن کون

93

جي اُداس ٿيا عالم کون، اُداسي سيئي،
ريجهاياٿون رام کي، کري کيرتيون کيئي،
جي نرمل نيهي، اُن اَلک مليو اَندر ۾.

94

اُداسي سي صحيح، جي عالم کون اُداس،
ڇڏي آس عالم جي، ٿيا نماڻا نراس،
ساڙي اهون اَندر جي، ٿيا داسن جا داس،
اُن الک ڏٺو اندر ۾، ڪانئي سپ خواهش،
نہ ٽوپيون اوڍن اُن جون، نڪي ڪن لباس،
بنا نالي نام جي، ڪڍن نڪو ساس،
رکي پکي پياس، دلپت رتا رام سان.

95

اوڍي اَنَ انگن تي، ٻڌيو ڀيک اُداس،
اُداس تي الک کون، رکن عالم آس،
اڇاهہ چوائين پاڻکي، من ۾ مايا پياس،
هک پريت پنڻ سان، ٻي کائڻ جي خواهش،
سهڻي شال لڳن تي، اوڍي لال لباس،
صاحب جي ملڻ جي، تن ۾ ناهي تلاش،
ورتا وڃايائين سواس،کري پروسو ڀيک جو.

96

ڀيک بنائي اُن جو، وينئين اَڏي اوطاق،
اُداس چوائين پاڻ کي، پهرين پَٽ پوشاک،
گيہ مليدا کنڊون کائين، خوب کرين خوراک،

ڀڄن ڪون ڀڳو وتين، چورُمن ۾ چالاڪ،
ڪرين ڪم اُبتا، ڳرن ڀڄي واڪ،
ڳڌھ گھڙي گنگا ۾، ڪڏھين نہ ٿئي پاڪ،
ڪڍ مڪر من مون، طمع ڏيئي طلاق،
ڪامي ٿيءُ خاڪ، تہ گرو ڏسين گھٽ ۾.

97

سنياسي سي مون پرين، جن ناٿ سان ناتو،
من جنجو مگھن ٿي، رام سان راتو،
موڙي منھن ماٺھن ڪون، پاڻ مون پاتو،
تن صحيح سڃاتو، "دلپت" اُلک اندر ۾.

98

مصلحت ڪري من سان، ويراڳي ويچار،
جو چڙھي سمندر ڦين تي، ڪونہ تريو تار،
ٿئن ڪري پرسو بيڪ جو، ڪين پھچندين پار،
ڦوڪي باھ برھ جي، سانگ مڙيئي ساڙ،
ڇڏ ياوي بيڪ جي، الک رھ آڌار،
دلپت درس ڪر دل ڪي، تان من ۾ مليئي مُرار،
تري وڃي تڪرار جي سَرن پوين ست سنگ جي،

99

سيج وڇائي ڪٽ تي، سمھي پئين سامي،
اَچا پرين پري ٿيو، تون وينين وسامي،
ٻاري مچُ محبت جو، وئين ڪوريءُ ۾ ڪامي،
دلپت جوڙ جانب سان، من ڪي مُدامِي،
تان ٿئين آرامي، جي سرن پوين ست سنگ جي.

100

جوڳي جُڙ جانب سان، جڳ ہندن سپ ٽوڙ،
مَٽِ منهن مَڪَر ڪون، چل سيئي چوڙ،
نراس ٿيءُ سپ تي، مايا ڪون منهن موڙ،
پيهي وڃي پاڻ ڪي، ڏيهيءُ مون ڏور،
تان ترت رسين وڃي توڙ، "دلپت" درگاهہ دوست جي،

101

وئڪنٺ جي وجود، تن گنگا سدا گهٽ ۾،
اُجاري اندر ان جو، برهہ ڪيو بهبود،
"دلپت" صاحب هڪڙو، جهان ڪهان مَوجود،
سي سپ ڪي ڪن سجود، جن صحيح سڃاتو پاڻکي،

102

جن صحيح سڃاتو پاڻکي، سي سپ ڪي ڪن سلام،
تجي ديهہ ايمان ڪي، ٿيا گولن جا غلام،
سي جوڳي جفائون ڪري، رڙهي گڏيا رام،
فرق ٿيا فِرقن ڪون، ساري ڪفر اسلام،
دلپت وڏي وڏي دل جي، دوئيءُ سندي دام،
لٿي سپ ملام، اُتون آديسين جي.

103

آديسي الڪ ڌُن، سچ وني وڃ ساڻ،
ڪڻ ڪميا غريبي بندگي، نينهن سندو نيشان،
چڙهي گهوڙي گيان جي، هل منزل لامڪان،
تان گرو گهڙي گيان جي، ڏِيئي الڪ جو اُهڃاڻ،
دلپت دل دربان، پهچائيئي پيش پرين جي.

104

سچ سالاهه مکر تي مدگر، گرنٿ واک ويچار،
پُران ڦران حقيقت هڪڙي، عاشقن اِظهار،
سڄڻ صاحب اوڏڙو، ڪوڙن ڪون بيزار،
انڌن اوندهه اندر ۾، ڏهه دس ڏنڌو ڪار،
سڄن سڱل سڀ ڪيو، ڏسي نئن نروار،
نرپکيه نرگن سڀ ۾، آتما اِظهار،
متي ڦاٽا متن ۾، ڌري ديهه اُهنڪار،
جن جوفي لاءِ جڳت ۾، ڪيا بيک بسيار،
ڪي مُنڊي ڪي ڪيس وڌاون، ڪي جوڳي ڪني ڦاڙ،
ڪي تپشي هوءِ ڪي ٻانهه سڪاون، ڪي لنبي ويڙهن وار،
مارن، جيءُ ديا نه دل ۾، کاون ماس مردار،
ڪرن پاپ، پيچ ڪر نه ڄاڻن، هندو جنم بگاڙ،
ڪي اوڏي اُن اُداسي ٿيا، ڪي نانگا جٽاڌار،
ڪي لُنگيون ڪَن لِڱن تي، ڪي منهن ڪي مَڪي چار،
صورت سندين ماٺهن جهڙي، پر پَسُن جا اطوار،
ڪي دوڙن تا دوارڪا، ڪي گمن ڪن گرنار،
ڪي گيا وڃن گومتيءَ، ڪي ڪاهين تا ڪيڌار،
آتم تيرٿ تن ۾، تنهن سڌ نه رکن سار،
دل فقير ڪو هڪڙو، بيک فقير اَپار،
ناحق موڳن متي تي، ڌريا بيکن جا بار،
پيچ وني رڌ جو، ڪونه پهتو پار،
جن پروسو ڪيو بيک جو، سي گيريب گتا گار،
بنا رام نام جي، ڪونه تريو تار،
بيکين پاٺ گرنٿ جو، ناهي ڪو اُڌڪار،
گرو چون گرنٿ کي، عورت رکن آر،
گرو تن جو صحيح، اُڌک جنهن سان پيار،
ساڌن اڳيون ساڌ سڌائن، من ۾ مايا پيار،

ڪري پروسو بيڪ جو، وينا رام وسار،
پنھنجي ھٿون پاڻھنجو، ھليا ڪاچ بگاڙ،
جڏ من ياوي بيڪ جي، ساجھر رام سنڀار،
سرن پَو ستسنگ جي، تان لنگھي پرين پار،
واسطو ھن وچن جو، سمجھي ڪو سچيار،
ويدانتي واٽيءِ ۾، ھوندو جو ھوشيار،
ساڌو ٻيڙيءِ سچ جي، ٿيندو جو شھسوار،
سو سنسار سمندر تي، لنگھي پوندو پار،
”دلپت“ ديدار، تنھن گهِڙي ايندو گھٽ ۾.

105

صحيح ڪيئہ نہ ساميءِ ڪي، تو سامي سڏائين،
لال لباس لڳن تي، ناھيو تو ناھين،
ڏيکاريو ويس وسوُڙن، تو نڳيو ڏن ڪائين،
ڪپڙا اوڍي قيمتي، تو نانگو چوائين،
نانگن جي نانوَ ڪي، تو لوپي لڄائين،
مڙھيون منڊپ محل تو، اَڏيو اَڏائين،
جنھن سان ڪنھن سان وينو، تو پاڻ پڏائين،
گسائي وينين گروءِ ڪون، نالو گسائين،
مايا ڪارڻ مڪر ڪيو، تو، ماٺو مُسائين،
ڦوڪون ڏيئي ڪنن ۾، تو شيوڪ سمجھائين،
پاڻ منجھائين موھ ۾، ٻيا پڻ مُنجھائين،
رچي پنٿ پاکنڊ جا، مورک منجھائين،
اَجائي پنھنجي آرجا، وينو وڃائين،
پياري مَڏ موھن ڪي، تو مايا سمجھائين،
مَکي چائي لڳن ڪي، تو ڪير ڪندون ڪائين،
لوڪن اَڳيون جڳ ۾، تو سِڌ سڏائين،
سمھين سھڻيءِ ڪٽ تي، سيج وڃائين،

کھين ويلي اُتي ڪري، گوبند نہ ڳائين،
سرو وياپي آتما، سو ڏٺي نہ ڏيائين،
"دلپت" وينو وڃائين، جنم پنھنجو جڳ ۾.

106

ڪن ڪپائي ڪاپڙي، نَر مون ٿيءُ نہ نار،
اوڍي ويس ويسوان جا، ڏيھہ ڪي نہ ڏيکار،
لاھہ لباس لڳن تون، جوڀن جا جنسار،
گھِڙُ ميدان مردن جي، کُھڻ جنجي ڪار،
ورھہ ڪات ڪاپڙين جا، ڪاري سَھُہ ڪاپار،
آديسين عشق جي، پورب آھي پچار،
پيھي پنھنجي پاڻ ۾، نانگا نات نھار،
"دلپت" چوي دربار، نانگا نينھن نوازيا.

107

ڪن ڪپائي ڪاپڙي ڄندا جوءِ نہ ٿيءُ،
وري ھٿ نہ ايندءُ، مانک . جنم ايھُہ،
پيءُ پيالو پريم . جو، جوڳي ڏيئي .جيءُ،
"دلپت" پسين پيءُ، جي پيھي وڃين پاڻ ۾.

108

ڪن ڪپائي ڪاپڙي، جُڙي ٿيءُ نہ جوءِ،
ڪري پروسو بيڪ جو، وئڪنٺ ويو نہ ڪوءِ،
ڪڍ منھن مڪر ڪون، تان سچ مليئي سوءِ،
آديسي اَلک لاءِ، ويھي رتو روءِ،
رکي طلب تن ۾، وَڃُن لاھوتين لوءِ،
خواھش مڙيائي ڪوءِ، تہ "دلپت" ملين نات ڪي.

109

ڪن ڪپائي ڪاپڙي، جُڙي ٿِئين زال،
ٻنڌي سيلي سر تي، ريشمي رسال،
اوڍي ويئين لڱن تي، سهٽي سائي شال،
ڪري ويس ويسوان جا، ميڙڻ لڳين مال،
ماٺھو موھين مڪر سان، ڪري تال پڪال،
ڪر نہ ايندءِ ڪڏهين، ايها ڪوڙي قيل مقال،
ڪڍ آديسي اَندر مون، خارج خام خيال،
ويراڳ وساءِ وجود ۾، تان نانگا ٿئين نهال،
گروءَ جي گيان جو، ڏيهيءَ ڏيو ٻال،
تان رچي ٿئين لال، ”دلپت“ لڳي لڙھ لاھوتين جي.

110

پيهي وڃ پاڻ ۾، ڇڏي پنهنجو پاڻ،
ڏيئي آديسي الک جو، اَندر ۾ اُهڃاڻ،
چاڪي رلين روھن ۾، نانگا ناتن ڪاڻ،
پري ڳولڻ پرينءَ کي، ايھو ڄڻن سندو ڄاڻ،
آھي سائين توئي ساڻ، ”دلپت“ دائم دل ۾.

111

”دلپت“ دائم دوست جو، دل اَندر ديرو،
پرين پسين پاڻ ۾، جي مٺن ڇڏي ميرو،
لاھ جوڳي جيءَ وتن، چوراسيءَ قيرو،
تان ناٿ ڏسين نيڙو، جي منهن هٽين مهراڻ ۾.

112

منهن هٽين مهراڻ ۾، تان ناٿ ڏسين نروار،
هٽيڪو اٿئي هنيئن ۾، ڳول نہ ڪنهن ٻئي پار،

پيهي پنهنجو پاڻ، ۾، پنهنجو پاڻ سنڀار،
”دلپت“ ديدار، دل ۾ ڏس دوست جو.

113

جيجان جوڳيڙن جو، جان پروڙيم حال،
نڪي ڪوڏيا ڪاڪ جا، نڪي موهيا مال،
سوڏي سمجهي جي هليا، ڇڏي خام خيال،
”دلپت“ پسي دوست کي، ٿيا لاهوتي لال،
سي ويٺا وڃ وصال، برهه وڍيا جي ڪاپڙي.

114

برهه وڍيا جي ڪاپڙي، سي گهايل گهوٽ گهمن،
پاڻ سڪايائون سِڪ ۾، سي سک نہ سيج سمهن،
”دلپت“ بنا دوست جي، ڪيڏانهن ڪين اُجهن،
او سدا لڳ سيٽن، سامي گهارين سک ۾.

115

سامي گهارن سک ۾، جانڪي سپ جمار،
آديسين الک جي، اکين اُڃ اپار،
پرين آئون پاڻ ۾، وتِ نہ سمجهن وار،
توڙي دم نہ آهن ڏار، تان پي وسارين نہ ورهہ کي.

116

وڇوڙي ۾ وَرهُ وڍي، وصل ۾ وُجهلُ،
ٻنهي ڳالهين تا ڳرن، جي عاشق آهن اصل،
”دلپت“ آخر ۽ اول، عاشقن حال هڪڙو.

117

جهڄن جهرن ورهه ۾، ڳرن وچ وصل،
اَندر عاشقن جي، ٿي هيءُ هيءُ پي هڪل،
"دلپت" وس نه وهم گمان جو، هلي نه فهم فڪِل،
عاجز ٿيو عقل، اڳيون اچي عشق جي.

118

گهڙي آيو گهٽ ۾، موهن ميگهه ملار،
لايو جهڙ جيءُ ۾، ڪري برهه بهار،
متي مشتاقن جي، ٿي وصل جي وسڪار،
نريا نئن نار، "دلپت" درس پائي دوست جو.

119

سيج وڇائي سهٽي، سامي سمهين ساري رات،
ڏيئي تڪيا تن ڪي، تو اوجهرين پريات،
ساڏن جي سيا ۾، پيو بڪين برهه بات،
وايون ويدن جون تو، وَڪائين وات،
سِڪي شبد ساڏن جا، لاهوتين لاءِ لات،
صاحب جي ملڻ جي، تن ۾ نه رکين تات،
ڏي جوڳي جفا جيءُ کي، ماري مَن ڪر مات،
جي واڍوڙيا آهن برهه جا، ڪُسن تنهن جي ڪات،
تان ظاهر ڏسين ذات، دلپت پيهي پنهنجي پاڻ ۾.

120

سيج وڇائي سهٽي، سامي پيو سوءِ،
چڙهي وينين گاديءَ تي، ڳر جي چڏي گوءِ،
سينگاري سرير کي، جُڙي ٿي پئين جوءِ،
هٿي هٿ حال تي، رانول ويهي روءِ،
ڏاڳا ڏوءُ نه اُن جا، داغ دل کون ڌوءُ،

آديسي اَندر جي، خواهش سيائي ڪوءِ،
سمر ڪٿي سِڪ جو، وَنءُ لاهوتين لوءِ،
دلپت تهان پوءِ، پسڻ ٿِيَئي پرينءَ جو.

121
جي پائين پسان پرينءَ کي، تان طمع کي تياڳ،
پورُ پورب پار ڏي، وسائي ويراڳ،
جوڳي جلاءِ جيءَ کي، ٻاري عشق جي آگ،
درد ڪٿي دوست جو، ڏي "دلپت" دل کي داغ،
تان محبوباٺو ماڳ، آديسي ڏسين اندر ۾.

122
جي ڳرجا گهوڙيا گودڙيا، سي گهٽيون ڪين گهمن،
ڏکن دونهان درد جا، سي سک نہ سيج سمهن،
سهسين سک سرير جا، ورهن ڪين وٽن،
"دلپت" چڙي سنگ ساڌن جو، او ڪيڏانهن ڪين اُجهن،
راتيان ڏينهان تِن، هردم پچار پرين جي.

123
آديسي سي مون پرين، جنجي الک ساڻ اُڪير،
چڙي مڙهه مڙهيون، رات منجهه سرير،
جوڳين وڏو جيءَ ۾، جوڙي جِهدُ زنجير،
نہ سامي سڏائين پاڻکي، نکي پنڊت پير،
نکي اُگهاڙا عالم ۾، نکي اوڍن چير،
فنا ٿي فقير، "دلپت" مليا دوست کي.

124

سنياسي سي مون پرين جي نرمم نر اُهنڪار،
پاڻ سڃاتائون سڀ ۾، نرڪ نئن نروار،
ڏيئي ترڪ تين کي، لنگهيا ٽريا پار،
داخل ٿي دلدار، دلپت پاڻ سڃاڻي پانهنجو.

125

سامين ساڙيو سرير کي، ٻاري عشق آگ،
ورهہ گهڙي وجود ۾، دل کي ڏنا داغ،
"دلپت" در دوست جي، وٺي ويو ويراڳ،
محبوباڻو ماڳ، ڏکن ڏيکاريو ڏيل ۾.

126

سامين ساڙيو سرير کي، وجهي عشق آڙاهہ،
تن ماري وڏو من کي، سوگهو ڪري ساهہ،
آديسين جي اندر ۾، برهہ لڳي ٻاهہ،
"دلپت" دردوندن جي، عرشين پهتي آهہ،
دوستاني درگاهہ، سڌ تيو سڙين کي.

127

سڌ تيو سڙين کي، جي ساجن ليءِ سڙيا،
متا هٽي مچ ۾، ميا ڪين مُڙيا،
اندر آديسين جا، آتش عشق اڙيا،
گهڙي دل درياهہ ۾، طالب تار تريا،
"دلپت" جيءُ جن جا، جانب ساڻ جڙيا،
سي وري ڪين وريا، جي داخل ٿيا دوست ۾.

128

آديسي أٿي أڪير سان، پيا پورب ڏي پور.
چڙهي آس عالم جي، سامي رهہ صبور،
ڪوري ڪڍ قلوب مون، ڪروڌ ڪپٽ ۽ ڪوڙ،
سچن صاحب اوڏڙو، دروغن ڪون دور،
جنهن لاءِ تڙڦين تيرٿن تي، غافل ڪري غرور،
سو سڀ ۾ هر آتما، ڪنهنڪون ناهي دور،
اهڙو صاحب سولو، ڪيئن موڳا ٿيون معذور،
اُندر ٻاهر سڀ ۾، "دلپت" هنئين حضور،
ڪري نرمل نور، نانگا ڏس ناٿ ڪي.

129

اوڍي لباس لڱن تي، ڪيئہ زالن جهڙو زيب،
مايا ميڙي مهنت ٿئين، ڪري فند فريب،
چل ڪيو تو موڳا موهين، رانول ڪري ريب،
مايا ڪارڻ پاڻ پڇايئہ، عالم ڏيئي سيب،
ڪڍ ڪاپڙي قلوب مون، ڪوڙا خام خريب،
وٺي واڪ گروءِ ڪون، ٿيءُ گگن ۾ غيب،
تان علتون ۽ عيب، آديسي وڃن اُندر جا.

130

ساڌ سڏائين پاڻکي، تان ساڌيو من کي ٻاڌ،
چُپ چَپ ڪَن اڪيون، چار ئي چست ساڌ،
اُٿ ئي پهر اندر م، الک کي آراڌ،
يار! ڪر ياد، تہ "دلپت" ياد پوين يار کي.

ڇھون
سلوڪ ملار جا

1

اَندر جر جل زور وهي، ٻاهر ميگھ ملار،
دلپت ٻاجھون دوست جي، اچي ڪين قرار،
جنهن وٽ نہ آهي يار، سي ڪيئن آڪائين اڪيون.

2

اَندر جر زور وهي، ٻاهر واڪا ڪري وڄ،
دلپت سجھي نہ ساجن ريءَ، توٽي سھسين اُيرن سڄ،
هوت نہ جنهين جي هنج، سي ڪيئن اَڪائين اڪيون.

3

اَڄ پڻ اُتر پار ڏهڻ، لائي مينهن جُهڙي،
دلپت ليءِ دوست جي، نينا نير پري،
گھوٽ نہ لاءِ گھڙي، متان اَڪين ڪي اوڪي ٿئي.

4

اَڄ پڻ اُتر پار ڏهڻ، لائي مينهن جَهڪور،
اُٺ تڻ تي اَندر ۾، لايو سورن شور،
دلپت عشق اچي ڪري، گھر ۾ وڏو گوڙ،
شال م ٿئي دورُ، متان اَڪين ڪي اوڪي ٿئي.

5

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪئي مينهن اُچل،
پئي اوچتي عشق جي، هنئين منجھ هڪل،
دلپت ٻاھ برھ جي، ساڙيا شير سٻل،
ڍول نہ ڪر تون ڍِلَ متان اَڪين ڪي اوڪي ٿئي.

6

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، گجو گوڙ ڪري،
دلپت تنهن ساجن ريءَ، ساعت تان نہ سري،
شل وڄن ڪين پري، متان اَکين کي اوڪي ٿئي.

7

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪر ڪئي ڪوڪار،
دلپت درد فراق جي، پيئي جنءِ پڪار،
هوت آهہ هيڪار، تہ اَکين کي آرامُ اچي.

8

وسڄ وسڄ مهر نہ مَنڄ ورُ، نہ لانئج وير،
متان چڏين چپرين، هوت مٺيءَ کي هير،
درد ماندا دلپت چئي، دم نہ سهن دير،
ساجن آءُ سوير، تہ اکين کي آرام اچي.

9

وسڄ وسڄ مهر نہ مَنڄ، سِگهي لهج سار،
درماندو دلپت چوي، وِٿ نہ سهن وار،
ساجن لهہ سنڀار، تہ اَکين کي آرام اچي.

ستون

سلوڪ بسنت بهار جا

1

تن آيو رس رُتين جو، هوت جنهنجي هنج،
دائم دلپت دوست سان، اوهي رتيون صبح سنجهه،
محب ونو جن منجهه، مندون سي ماڻيندين.

2

تن آيو رس رُتين جي، جي محبت منجهه مگهن،
لايو برهه چت ۾، چيتن جو ٻه چمن،
دلپت دائم دوست سان، دل کي قائم ڪن،
ساجن ڏنو جن، من مندون سي ماڻيندين،

3

سدا بهار تن پيو، جن آئي برهه بوءِ،
پري تين نه پرينءِ ڪون، اُهي رتون سنجهه صبوح،
دلپت دائم دوست سان، اورين روبرو،
جاني جن جي جوءِ، مندون سي ماڻيندين.

4

سدا بهار تن پيو، جن آئي برهه بانس،
ڪڏهين ڪٿ ڪونه ڪو، هَري بنا هڪ ساسُ،
جي رتيون دلپت دوسٿ سان، تن بسنت ٻاره ماس،
پيءُ جنجي پاس، مندون سي ماڻيندين.

5

سائي رات سهاوڻي، جنهن رت لڳي پرين پيار،
جنهن رت وسري رامجي، دلپت سارت پلي بيڪار.

6

سدا بسنت اشوڪ، ٻن ڪٿ رُت ٻاره ماس،
ڪنبير تنهن آسڻ ڪيورَو، شش ڪوٽ پرڪاش.

اڻون
سلوڪ پرم پچڻ جا

ٻيائي ٻولي ڪري، پوري پرم نہ پل،
هوت تنهنجي هنج ۾، ناحق روهہ نہ رل،
پڇي چڙ پنيور ڪي، ڪاهي ڪيچ نہ ڄُل،
هيءَ هنگامو هُل، دلپت هڪ حبيب جو،

2

پرين پس پاڻ ۾، پوري پرم پيچ،
جدا ٿيءَ جهان ڪوُن، جيئندي مرڻ مچ،
پئي تون پاڻيءَ ۾، موڳي مرين اُڃ،
پهہ لڳي پرين جي، ناحق رلين رڃ،
چاڪي سهڪين سڃ، دلپت چڙي پريَنِ ڪي.

3

پوري پرم چڙ، پرين پس پاڻ ۾،
وِتِ نہ آهي وار جي، تو حبيبن هڏ،
جن ناهي نينهن نام سان، تن سڏڙين ڪي نہ سڏ،
جن ڪوُن خلل پوي خيال ۾، تن لنڊن وڻوُن لڏ،
غير سان نہ گڏ، دلپت دل ڏاڙُون دوست جي.

4

پيچ پوري پرم ڪي، پيهي پاڻ سُڃاڻ،
رلين چو روهن ۾، ڪاهي ڏچن ڪا
دلپت سو سُپرين، سدا توئي ساڻ،
تون ساڳي پنهون پاڻ، وڇڙيو ٿي واڪا ڪرين.

5

جي اُٿئي پياس پرينءَ جي، ڪري آءُ سر جي سٽ،
ڪنون عشق عجيب جي، موڙي منهن نہ مٽ،
ايهہ گمان غير جو، لوڙهي ڪٽي لٽ،

آسانگو عالم جو، کوري - قلبون ڪٽ،
محبت رکي من ۾، مَٽن جون پاڙون پٽ،
دلپت پس پاٽکي، ويجهو ولين وٽ،
تان گهوٽ مليئي گهٽ، ڇُٽين پرانهين پنڌ کون.

6

جي اٿئي پياس پرينءَ جي، تان سر سنباهي هل،
پئي محبت مچ ۾، جانب لئہ تون جل،
سڪ سور پريَن جو، سڌڙين ڪي نہ سل،
جئن جئن واچين ورق تون؛ تئن تئن پوي ول،
وٺي ڪين وَلهي، اِيهو هاسيءَ جهڙو هل،
پهُ لڳي پرين جي، پوري هڏ نہ پل،
هوت اُٿيئي هنج ۾، ناحق روهہ نہ رل،
چڙهہ نيزي نينهن جي، تان ويجهو ٿيئي وصل،
دلپت عشق اُصل، ملي سَودي سِرَ جي.

7

جي اُٿئي حب حبيب جي، تان گهايل گهر ۾ گهار،
چڙهي نيزي نينهن جي، ترس نہ پسين تار،
وَنءُ واديوڙين سامهون، ڪُهڻ جنجي ڪار،
دارون ڏيندءِ درد جو، ويج نہ لائي وار،
دلپت ديدار، پاٺون ڏسندين پاڻ ۾.

8

جي اُٿئي پياس پرينءَ جي، تان وِسن وٽ نہ ويهہ،
اُچي عشق عميق ۾، پاڻ پروڙي پيهہ،
پيرو ڪٺي پرينءَ جو، ڏوري لهج ڏيهہ،
دلپت ساڻ سنيهہ، ساجن مليئي سٽرو.

9

جي اَٿئي پياس پرينءَ جي، تان سِر سنباهي اَچ،
سدا سپيرين جو، تو محبت ٻري مچ،
پئي كوري وچ ۾، پتنگن وانگي پچ،
سڙي تيءُ سچ، تان دلپت پسين پرين كي.

10

جي اَٿئي سڪ پريَنِ جي، تان ڏي سنباهي سر،
سڪڻ ۾ سورن جو، ڪٽج ساڻ سمر،
ڪُس ڪاتيءَ ڪلال جي، ڪٽي ڪاريهر جان ڪر،
ڏي سر سٽ ۾، گھايل گھار ۾ گھر،
دلپت پڪيءَ پر، پرين پني ڪنڌءِ پيڙ جي.

11

اندر پِرين! ٻاهر پِرين، پِرين مون ساڻ،
ويجهو آهي ونين كون، ويريچل وتاڻ،
دلپت وِچان ئي ويو، پل پلاندو ياڻ،
اَسين ساڳي پرين پاڻ، تي ناحق تكيم تكيا.

12

وڻ ٽڻ ملخ ماڻهو، پسون پنكي پهاڙ،
هي مڙيوئي هكڙي، جانب جو جنسار،
لكي هن لباس ۾، تو الائي اظهار،
دلپت ديدار، تئي عين جي اكين سان.

13

اَندر اوهي ٻاهر اوهي، اوهي ڳوله ڳولهيوي،
نانءُ نمونا جهندا ناهين، سو ڪهڙي ٻول ٻوليوي،
روپ رنگ آڪار آڪاسا، ڪهڙي تول تليوي،
ڳنگا ڳاوي ٻوڙا ٻوجهي، ڪو عاقل ڪول ڪليوي،
دلپت حيرت دي وچ حيرت هوئي، مت ڪو پليوي.

14

موهن مورت آئي اَچانڪ، دل دي اندر اٽڪي،
وسري ڪايا سڌ سڀ پلي، لوڪ لاج ڪل سٽڪي،
جت ول ويڪان سڀ سهڻي صورت، آئي چيڪ چت چٽڪي،
دلپت دل دي ڪوئي نہ ڄاڻي، هڪ ستگر ڄاڻي گهٽ ڪي.

15

سهڻي صورت ستگر والي، آءِ اَکيان وچ اڙڪي،
ويکڻ سيتي دل دي اندر، ٻاهہ برِهہ دي ڀڙڪي،
ساڙ ساهہ نون سڪ سڄڻ دي، جيءُ جگر .وچ جهڙڪي،
دلپت دلبر درس دکايا، جب کولي گر ڪڙڪي.

نائون
سلوڪ ڪلجڳ جا

1

جي يائين پسان پرينءَ کي، لِکي وِجھ لِيو،
اڻ ھوندو حباب آب تي، عالم ھيءُ ٿيو،
پر فرق ڦوٽي بحر جو، ڪنھن ڪونہ ڇيو،
جنھن ڳوليو تي پرينءَ کي، سو وڇون ئي ويو،
جن ٻولي نہ آھي ٻن جي، تت ٽِڪي ڪيئن ٿيون،
پيپر ۾ پرميسر، تان ٻُٻُر ۾ ٻيو،
جي اِسلام ٿيو الله کون، تان ڪفر ڪنھن ڪيو،
جي ڪعبہ خانو خدا جو، تان ڪو ديول ڏوھ ٿيو،
مڙھي ۽ مسجد ۾، روشن ھڪ ڏيو،
دلپت ڪيئن پيو، خلل اڇي خلق ۾.

2

ڇا کي وڏو پاڻ ۾، ترڪن واٺين وير،
جي پيپر ۾ پاڻ ڏٺي، تان ڪرڙ ۾ ڪير،
ڪِک پن ۾ پڌرو آھي، پريان سندو پير،
اَنڌا ڪاڻا ڪينڪي، لھن ھن پوئن جو پير،
ڪو سڄو پسي سير، دلپت ڇوي دوست جو.

3

جت پاندين نہ ھو پيچرو، تت ڪنھن پيريءَ پاتو پير،
دلپت اوپارو اُبتو، ھن گھاٽيءَ سندو گھير،
سپيريان جو سير، ڪنھن ساھوءَ ڏٺو سچ ۾.

4

ڪيھر جي قوات، دعوىٰ ڪندو ڪير،
ھٺي ھٿ ھاٿيءَ کي، ڊاھيو ڪري ڍير،
دلپت سھي نہ سگھي، دھشت تنھن دلير،
جت پلنگ اوجھي پير، تت مِرون رھي نہ ھڪڙو.

5

اُنڌن ۾ اوچتو، اَچي پيل پيو،
تن لائي هٿ هاٿيءَ کي، ڪيئن جو ڪيئن چيو،
مهري چون ڏندن کي، اَکري پير ٿيو،
ڇڄ ڪهن ڪن کي، جهاوڙ پڇ جيهو،
ٻانهن سڏين سونڍ کي، ٿنيو ڄنگهہ ٿيو،
اُنڌن اڇي عام ۾، ڪڏي جهيڙو ڪيو،
سيڪنهن پنهنجي پنهنجي پڪ کي، چڱو ٿي چيو،
هڪ هڪ انگ کي، هاٿي چون اِهو،
اُنڌن کي پيل جو، پرو ڪونہ پيو،
اَصل هاٿي هڪ، تہ ٻوڙا ٻُجهن ٻيو،
ڪل ڪاٺن ڪانہ ڪا، ٽيڏا ٽڏن ٽيو،
الله اکين اَپ ۾، انڌن عقل ويو،
ٻانيڻ ملامتن جا، پاکنڊ پڪ پيو،
هڪ ٻئي سان هوڙ جي، پيو تن ڪونہ ڌهو،
مُنجهائي ماڻهن کي، خشر تن ڪيو،
انڌا ڏسن ڪينڪي، روشن هڪ ڏيو،
دلپت انهيءَ ڳالهہ جي، عجب اِڪ ٿيو،
سچ ڪان پڙرو سپرين، وسري وسن ويو،
سڄن صحي ڪيو، سڀ ۾ صاحب هيڪڙو.

6

ڪن ڪعبو مک مسيت، من ملان ايمان،
مٿو مکو حاجي هينئڙ، قاضي قلب قران،
نين نبي نڪ قبر، ذاڪر آهي زبان،
هٿ حضرت پانو، پيغمبر امت انگ عيان،
سچ سنت دي نفس نصيحت، غير ڇڏ گمان،
رض ريافت رنج نہ ڪس نوُن، ڪل صحيح شهہ مان،
اُندر ٻاهر ايڪو ظاهر، صاحب ايڪ سبحان،
حق جان جهان جام، دلپت صحي سڃاڻ.

کافیون

ڪافي پهرين

جيڏيون جانب آيا، جن جي نهوڙيس نينهن.

1. جانب ذوق مون تيڙا ظاهر، اکين ڏنڙم اندر ٻاهر.
چاڪي ساهه سڪايان، مون وٽ راتيان ڏينهن.
جيڏيون جانب آيا.................

2. عشق آگر جيءَ جهڙ لايا، من جا محرم مينگهه ملايا،
ويهي ورهه وسايان، محبت سندا مينهن.
جيڏيون جانب آيا.................

3. جنجي ڪارڻ هير حيراني، اُهي آير جيءَ جا جاني،
چاتيءَ منجهه چپايان، ڏيهه ڏيکاريان ڪيئن.
جيڏيون جانب آيا.................

4. رمز ذاتي صحيح سڃاتي، ڪيڙي اُندر عشق اِثباتي،
وينٺي رانول رائيان، جوڳيءَ اُندر جيءَ.
جيڏيون جانب آيا.................

5. دلپت هيءَ دل آهي ديواني، دستون دوستن وڃي وڪاڻي
وڪي ڪيئن وارئيان، هوتن ڪان هاڻي هيءَ.
جيڏيون جانب آيا.................

ڪافي ٻين

ڪنهن کي سلينڌس آه اندر جي
نينهن نهوڙي مونکي نسنگ ڪِيو.

1. عشق اچانڪ راهه ويندي جو،
سانگ نہ ڪيڙو ڏکن ڏڏيءَ جو.
جيءُ جانب ليءِ جوڳي ٿيو.

2. ڪاڻ ڪيچن جي ڏيهه ڏوريندس،
سور ساٿي ڪري ونلر ووريندس،
هوُ جو، هٽي هاجو هِنيو ونی ويو.

3. جهلي پلي جيڏيون، ڪنهنجي نہ رهنديس.
طعنا مهٽا سڀ سر تي سهنديس،
مونکي جوُءِ جانب جو، ڪو ڏس ڏيو.

4. عشق اٹانگو جي پڻ چاتم،
پيچ پرت جو هوند نہ پاتم،
هوند پوُر پرين جي نہ هڇڻ پيو.

5. باهہ برهہ جي ٻاري ٻاروچل ،
اچي اندر ۾ لاٿي ڏاڍي جل،
رات ڏينهن تنهن ۾ پچڻ پيو.

6. ورهہ ويڙيچل ڪيس ويراڳڻ،
اکڙيون اٿاريون اچي اوجاڳڻ،
سمهڻ وهڻ مونکي وهہ ٿيو.

7. ساڻ سپرين عشق اڙايس،
سورن ڪارڻ چا ڪي ڄايس،
هاٿي سک سڄڻ جي سڙڻ ٿيو.

8. دلپت درسن ڪيس ديواني
لاهي هليس لڄ لوڪاڻي،
ٻاجهون عجيبن ٻجهي نہ ٻيو.

ڪافي ٽين

هينئڙ اڳڻ ايندا رانول روح رچندا،

1. ويڙيچل وطن ڏانهن شال واڳون واريندا.
واعدا وصل جا پرين شل پنهنجا پاڙيندا.

2. پڪي پيهي پريت سان پرين پابو هيون پچندا،
رکي هنيئن هٿڙا منهنجي سور سڏ لهندا.

3. عجيب اچي أڪير سان مونسان اورون اورين،
ڪسون ڪٽ فراق جا منهنجي قلبون ڪورين.

4. آريون عاشقن جون سي سباجها سهندا،
ويهي مڪتب عشق جي منجهان سبق سڪ سٽندا.

5. ڏک وچوڙا سور سيئي اهو لشڪر لڏيندا،
جانب منهنجي جيءَ ۾ اچي اوطاق اڏيندا.

6. ڳجهيون ڳالهيون أندر سنديون صحيح سي سليندا،
دلپت اچي دليون جانيون محب مونکي ملندا.

ڪافي چوٿين

1. من هي ملڪ ملير، ڪاڏي وڃان سپ وطن ٿيوسين.
2. من هي پنهوار، مارو پيي من هي، من هي عمر همير،
3. من هي عرش و فرش پيي من هي، من هي رانجهن هير،
4. جدا جانب ري جاءِ نہ ڪائي، جنهنجو عالم سپ سرير.
5. دلپت دل مون آءِ هليوسين، سڄڻ ساڻ أڪير.

ڪافي پنجين

ھر شيءِ دي وچ تونھين وسيا،
اپنا اپ چپائيہ ڪيُون؟

1. اندر ٻاھر تونھين وسيا،

بنورا لوڪ پلائيہ ڪوين؟

ھر شيءِ دي..............................

2. لون ء لون ء دي وچ رم جھم رھيا،

اُلٽا برہ پچائيہ ڪيون؟

ھر شي دي..............................

3. پاپ پيج تم آپ ڪريندا،

دوزخ بھشت بڻائيہ ڪيون؟

ھر شي دي..............................

4. "دلپت" دم جدا نھين تئن ڪان،

ھر شي دي..............................

وصل وچوڙا آکيہ ڪيون؟

***

ڪافي ڇهين

پوري پڄ پنهور ڪون، تون تان وڃ نہ هَڏِا وٽڪار،

1. دونهان دڪاءِ درد جا، سوز سڄڻ نہ وسار.

ويهہ نہ هت تي ويسلي، هوڏهون ڪاهون نہ ڪر ڪوهيار.

2. پهہ پڇاءِ نہ پار وڃڻ جا، ويهہ نہ اوري اروار.

شڪ شبہ ايهي ساڙ سيئي، ڦوڪي باهہ برهہ جي بار.

4. آهي هتيڪو هوت هنئين ۾، تون تان ڳول نہ بي ڪنهن پار.

هِت هُت جاني ايڪ هي، ڪيا دلپت ديدار.

***

ڪافي ستين

من ۾ وسي تو سڄڻ دل جاني ڇاڪي ڏورين تي،
ڏور ديواني؟

1. ويجهو ونين ڪون، اکين اوراهون،
ساهہ ڪون سولو، تنهنڪي پَسُ م پراهون،

2. جنهن ڪارڻ ڏيهہ ڏونگر ڏولي سوئي ٻولي،
اندر چولي.

3. اندر ٻاهر ايڪو اوهي "دلپت"،
ويڪي ورلا ڪوئي.

***

ڪافي اُنين

چو نہ پسندا سي پرين، جي عشق جي ڪوري ڪُتا،
عاشقن جي جان تي، خوني خنجر چشمن ڳُتا،

1. سِر ڏنو جن تي، ساقي ڪري مئبي اِن متا،
سي بي خُمر مخمور تيا، مشتاق محبت ۾ مَتا،

2. مشعال نيٽن جي متان، مچي تن ڏنا مچ ۾ متا،
ڪٽي نينهن جا ننگ پاڻ سان، جانب اچي جيءَ ۾ جتا،

3. فاني فنائي جي تيا، "دلپت" دلبر جي هَتا،
پاٽئون وڃائيپاڻ ۾، وڃي رمز رانول جي رتا،

ڪافي نائين

صحيح سنيھڙا ڪي سٽيءِ سپرينءِ

1. ڏوتي هليا ڏت ڪٽي أتي ساجهر سويرا،
   عشق اصل انجا هئا جلايا جيرا.
2. ڪشي ڪمر پنڌ پيا جهان ڪونہ لائي جهانگيئڙا،
   واسي ويئنا نہ وات تي هو ساهو سانگيئڙا،
3. پيرو ڪٽي پرينءَ جو هليا پري پانڌيئڙا،
   جوءِ جنجي لک ڪي لهن لوڏيئڙا،
4. سڪ ساڙي جنڊڙو هليا جاني جوڳيئڙا،
   ڳجهي مام مٺن جي ڪي ٻجهن مانجهيئڙا.
5. لنگهي پيا لک ڪون پري عاشق أڪيرا،
   يار وجي پيا پٻ جي هو سڪ مونساميئڙا.
6. لتو چيڙ چپر جي ڪري فڪل فقيرا،
   "دلپت" مليا محبت ڪي جي نينهن نبيريا.

***

ڪافي ڏهين

پيالا پريم ڪا پُر ڪر، هٿون ساقيءَ جي پيتوسين،
نشا ۾ سيل ڪيا سارا صدق جان جي ڪيتوسين.
مراد هردو عالم چون، پريشان ڪرد دل مجهڪُون،
بشرط نوشئي محبت، بہ يڪ جا محو ڪيتوسين.
هم بود مي باشد، هم جاهست او پيدا،
گرو ميري ڪهاني ڙي، سوهنگ ساڳي پڇاڻوسين.
گرو ڪي گيان ڪي گهڙي لڳي تاڙي، گگن ۾ جا مگن هئا،
عجب سن من پيا چاندن، عقل ڪي ڪل جو ڪيتوسين.
پڙا جب عڪس مهروُ ڪا، در آئينہ چون دلِ "دلپت"،
نہ ديکا جز جمالِ اُو، دهون دس ڊونڍي ديکيوسن.

حصو ٽيون

هندي ڪلام

سلوڪ گرو وستت جا

نَمو نَمو سري ست گرو، اَچل روپ اَکنڊ،
دلپت سوامي رم رهيا، ايڪو سروي پنڊ.

نَمو نَمو سري ست گرو ، گيان روپ اَپار،
دلپت جهاتي پائڪي، ديکيا درس مرار.

نمسڪار گرديو ڪون، جن ديبا هيرا گيان،
دلپت يهہ ڏن پائڪي، مٽ گيا ڏنڌا گيان،

نمسڪار گرديو ڪون، جن ڪيئا هر بخشيش،
دلپت اُن ڪي چرن پر، صدقي ڪرون يهہ سيس،

نَمو نَمو سري ست گر، پورن جوت پرڪاش،
دلپت تانڪي درس مَنهہ، آتم هوءِ هلاس.

گر پرم برهم پرماتما، گر آد پرک اپيو،
دلپت گر سَروَ آتما، جيءِ جيءِ جيءِ گرديو.

گر گيان سمندر اَتاه اَچل گر اَپار اَپر ميوَ،
دلپت گر تارن ترن، جيءِ جيءِ جيءِ گرديو.

گر چد آڪاس اَکنڊ هَيءِ، گر نرگڻ نر آميوَ،
دلپت گر پر اَپار، جيءِ جيءِ جيءِ گرديوَ.
گرست .اُپديش ديئي ڪاٽت سِک آهہ ميوَ،
دلپت گر سرن هيءِ، جيءِ جيءِ جيءِ گرديوَ.

گر داتا گيان ڪا، گر ديون ڪو ديوَ،
دلپت گر سم سر ڪونهين، جيءِ جيءِ جيءِ گرديوَ،

گر سرگن نرگن برھم ڪو، سِک بتايا پيوءُ،
دلپت گرمل پيءِ ايڪتا، جيءِ جيءِ جيءِ گرديوَ.

گر گوبند ايڪ هيءِ، سوهنگ ساکي ايوَ،
دلپت گر ڪاٽا پرم ڪون، جيءِ جيءِ جيءِ گرديوَ،

دلپت ڪي سپ گر پئي، ڇٽي برهما آد،
سرو وياپي ايڪ هيءِ، پورن برھم اناد.

دلپت ڪي گر سپ پئي، جيتي روپ آڪار،
هيءِ نج ايڪو آتما، گر سک سنسار.

گر گوبند گيتا گنگا، جون چارو برھم سروپ،
دلپت جل جيون ايڪ هيءِ، سرتا ساگر ڪوپ.

گناہ اگھ هرن سري گنگ جون، نمھ ڪرو پرنام،
ديا ڪر ديجئي، درسن دلپت رام.

آسر آب عميق، اُمل ماڻڪ تا نانھ،
پريا ڏوندي رفيق، تھ دلپت درسن پانھ.

ارداس

پھريون

نَمو نَمو گر الک اَپار،
سرو جيو پرپ تمري آڌار،
نمو نمو هر ناٿ نرانجڻ،
سنت جنا کي سَپ دک ڀنجن.
نمو نمو سري سوامي ست سورا،
نمو نمو سري ستگر سرو پورا.
نمو نمو هر شاهن کي شاه،
جني دکائي هيءُ اوکت راه.
نمو نمو واسديو وسو وياپک،
نمو نمو کرشن سچ پرکاشک،
نمو نمو هر شنکٽ کاٽن،
سنت اُڌارن دشٽ وناسن.
هئون ٻوڏت ساگر اگيان،
تارڻ برڌ تهارو ڀگوان.
هون کامي کپٽي کرم کچيلا،
کبھون نہ کينو ڌرم سچ شيلا،
نا هم جپ تپ سنجم کينا،
مورک مگڌ نپٽ مت هينا،
هون کرپت کٺن ات اَنيت،
تون پتت پاون پرم پنيت.

ارداس

پيون

نا هوءِ هک چت نام ڏيايا،
مايا پربل ديک ڏرايا.
مايا بنڌن ڪاٽو هرجن ڪا،
سگل روڳ سوگ ميٽيو تن من ڪا.
ٺمو هر نام نرگن گنيرا،
دين دربل ڪي ميٽيو تم پيڙا،
سگل سمگري هر آگي هيءَ تمري،
ڪيا اَرپيون ڪڇ هي نهين همري.
جنڪي پاوي ست راکو هر نام،
دي درسن پورن من ڪي ڪام.
بن ڪرشن همرا اِشٽ نہ اور،
آءِ پڙا پڳ هر سي در چوڙ.
جيون ويچارڻ ناري هوءِ،
تانڪي لجا پت راکي سو.
تم ڪميا ڪرو هر همري پاپ،
جنم مرن ڪاميٽو هر تم تاپ.
سگل سرشٽ ڪا پريي تم هوڪرتار،
سنتن هيت ڀھ ڪينا اوتار.
جب ڀڳتين پيڙ پڙي تي ڀاري،
تب تم پر گهٽ هوءِ اَسُر سنگهاري.
راک راک اَپ ليه مرار،
ڦير نہ آئون اِس سنسار.

ارداس

ٽيون

جنڪي روي لڪا و چرن،
مٽ جاءِ من کي دوجا ورن.
نس دن پڙا رهو هر پڳي،
تجھ بن مينا اور نہ لڳي.
تمري مورت مجھ جيءُ مون جڙي،
ڪن نهي ڪبهون درشٽي موڙي.
جنڪي هردي وسيا او هر نام،
جپتا جيئون آنون جام.
هر هر سمرون نمڪ اساس،
ايئي دان مانگي دلپت داس.
جنڪي مستڪ هر هاٿ ترو،
ساگر هر پار ڪرو.
ڪر ڪرپا آب تارو سري.. ناٿ،
دلپت راڪو چرنو سات.

منگلا چرن

پھريون

جيءِ جيءِ اُوم اوکت اَج اِوناسي،

جيءِ جيءِ سته سڌ سيم پرڪاسي،

جيءِ جيءِ سرو نينتا سَروَ نواسي،

جيءِ جيءِ مها ڪال جيءِ سروَ گراسي.

منگلا چرن

بيون

(سنپورن سپ يوت)

جيءِ جيءِ ويکنٺ ناٿ وشن سوامي،
جيءِ جيءِ سرو وياپڪ انتر جامي،
جيءِ جيءِ انوي وتريڪ اکامي،
جيءِ جيءِ ادوي اکنڊ انامي.
جيءِ جيءِ اج اڪرمي نرميءِ نرگن،
جيءِ جيءِ ايس سرويسر سرگن،
جيءِ جيءِ مهان گاوي سٿيس قٿ،
جيءِ جيءِ هر سمري سز نرمن.
جيءِ جيءِ هر نرشنگهه نرنجن،
جيءِ جيءِ سنڪٽ ڪاتن دوکنجن،
جيءِ جيءِ جدا پت سکا ارجن،
جيءِ جيءِ هر ديجئي گيان انجن.
جيءِ جيءِ نريوءِ نريه نارائڻ،
جيءِ جيءِ هر تجهه سنت پراين،
جيءِ جيءِ سرن جوگ جن سرو تراين،
جيءِ جيءِ هرجن ڪي دوک هراين.
جيءِ جيءِ رامچند جيءِ لڇمن،
جيءِ جيءِ يرت پگت جيءِ سترگهن،
جيءِ جيءِ واسديو جيءِ پردمن،
جيءِ جيءِ انرڌ جيءِ سنکر کن.

منگلا چرن
ٽيون

جيءِ جيءِ سري ڪرشن جيءِ جيءِ نند نندن،
جيءِ جيءِ مڪنڊ جيءِ مڌ سوڏن،
جيءِ جيءِ ڌرتي ڌر اهر ڪالي مردن،
جيءِ جيءِ گرڌر هر ڪنس نڪندن.
جيءِ جيءِ ڪيشو پرم ديال،
جيءِ جيءِ ماڌو هر پرتپال،
جن دلپت مانگي چرن روال،
اب دي درشن ڪرو نهال.
جيءِ جيءِ دلپت سدا گن گاوي،
پريم پدارت لجھ تي پاوي،
نيس دن نام تيرا هر ڌياري،
رام نام امرت من پاوي.
اپني جن ڪي جيءِ جيءِ ڪيجي،
دلپت دان آپس پد ديجي
ڪر ڪرپا سر هات ڌريجي،
ڀوساگر تي پار ڪريجي.

واھگرو کا جاپ

واھگورو کي کھي پريم جوت جگي،
واھگورو کي کھي ھر ميتا لگي،
واھگورو کي کھي گيان رد وسي،
واھگورو کي کھي اوديا جيءِ کسي.
واھگورو کي کھي من نرمل ھوءِ،
واھگورو کي کھي شترو رھي نہ کوءِ،
واھگورو کي کھي سک سنپت پاوي،
واھگورو کي کھي جم نِکٹ نہ آوي.
واھگورو کي کھي سرت شبدي لاگي،
دلپت سوھنک جوت نرانتر جاگي.
ووا وس کرمن کون ھاھا ھر ھين چين،
گگا گوبند گر لھ رارا رام منھ لين.
ووا واسديو وس وياپک ھاھا ھر ھين جھان،
گگا گوبند گٹا پــري رارا رام پــچان.
واھگورو گوبند ايک ھي دوجا بنا نھين کوءِ،
دلپت وستو ايک ھيءِ نام لئي ھيءِ دو.

راڳ ڪلياڻ

ڪيلو هوري ميري موهنا، جاني من برتو فدا،
مي ڪنم عرض ترا، لحظ ڪدي هونہ جدا.

يھ خواب خورش فشرت مينا نهين لاڳي،
آرام رفت جانم چون عشق زدندا.
شب روز فڪر دائم ديدن تو پيا،
ڪر مهر ملاقات بڪن حاصل مدعا،
حسن تو بي نهايت گنج تو بيشمار،
ڪڇ ڪم نشود نعمتہ يک غذا.
تو بادشاھ خوبان خوبي سرو ترا،
درسن بده بدلپت باچرن خوش دا.

راڳ يمن ڪلياڻ

اس هوري ني چيٽڪ لايا، مڪرا دڪاءِ جڳ پرمايا.

پانچ پوت پچيس پوٽري، رلمل راند رچايا.

تين تنت ڪي راڳي بنڪي، نر ناري ناچ نچايا.

نٽ ٽيني نين ٻانڌڪي، ڪڇ مون ڪڇ دڪلايا.

ست ۾ است، است ۾ ست ڪي، چوڏه پون پلايا.

ترڪڻ گلال اگيان عنبيرا، دٻڏيا دوم مچايا.

دلپت ڏنڌ تي سيئي اُبري، جن من رام ڏٺايا.

راڳ شيام ڪلياڻ

1

ميرا من ھوري رنگ پينا، اچي ڪيل ڪيل ڪانا،
بنسي ڌن سرمن موھي، چڪ رھي ڪگ مرگھ نئنا.

اونٽ بينت چپ رھيا چت ۾، پي نيئن مون ڪڇ ڪينا،
دلپت دل مون سيئي خوشحالي، ٻانھ پڪڙ موھ لينا.

2

اني سڪي حال ڪيسي ڪيلن جائون ھوري بن مين،
لٽيا چاھت استر گرڌر.
لاج لوڪ ڪي نيڪ نہ راڪي، ڏرتا ناھين ڪئسي ڏر پرھ،
نينون ڪي ناوڪ ڪينچ ڪڙاھي، برھ ڪي ياري مارت برسر.
دلپت درس پرس سڪ پايا، امگھيا پريم ڪا ساگر انبر ڌر پر.

راڳ تلنگ

ڀيريون

1

ري مئينءَ ڪئسي جاوُن هوري کيلڻ،
مجهي ڪان روڪ ڪڙا جمنا ڪي تير.
پچڪاري مارت بستن ڀڳاوت اڏارت آنک دي عنبير،
ڀيان مرورت چورا لاڦورت، لوٽ ليئي انگ چير.
ڏرا گلال عطر اکين ۾، ڇُپ گيا جمنا تير،
نسدن نين ترڦت همري، بريه ڪي لاڳي تن پير.
بن مِلوي ”دلپت“ سانت نہ آوي ڪئسي ڌارون ڌير.

راڳ تلنگ

بيون

پريتم بنان مئينءِ ڪئسي ڪيلون هوري اس ديار،
او أٹ چليا وديس موري جيءُ ڪري پڪار.
بيدرد مجھ ڪو ماريا خنجر فراق ڪا،
طاقت تنم ببرد جگر ڪرد پارهِ پاره،
بن آب مين ترقي گر پل رهي جدا،
تينون پئي باجھ مجھ ڪو نہ آوي نہ ڪچ قرار.
مستان وار گشتم در هر مڪان گلي،
محبت تو ڪرد مارا ديوانہ خاڪسار.
تجھ درد دل ڪون ڪايا، بي هوش هون پڙا،
اس بريه بسم ڪيا تن من چلاءُ ترار.
ملنا تو آءِ ملو بخوش دلي،
ورنہ صبح مرونگي تون آپ پيا ويچار.
يڪ عرض گفت دلپت تون مان لي پيا،
دل من مدام راڪو با چرن خود مرار.

راڳ ڪانرو

پھريون

ڪان مجھ سيون نہ ڪرو زوري،
سوڏي ڪيل ڪيل وو هوري.
دور ڪرا رھ چور انگرائي،
ڪاهي ڪون ٻانھ مروڙي.
ذات ڳنوار گئيان ڪون چروارو،
ڪيل نا جاڻي مت توري.
ڏارا گلال عنبر اڪين مين،
ياڳ گئي ٻار موري.

نينن ڪي چوٽ چلاءِ چت مين،
ڪر گيو چور چوري.
ڪر ڪامڻ من موهن هريو،
لاءِ ڪڙا هي تڳيو ري.
دلپت جي ڪي نس دن لاڳي،
چرن ڪنول سنگ ڏوري.

راڳ ڪانرو

ٻيون

مينون هوريي دي کيلڻ دا چاءِ.
گهن گلال عنبر اُڏايا، ڪيسر ڇٽڪت ياءِ.
اگهي ڪيڏون ٻر اوٽ سڌاري، ايهہ ڪيڏڻ ڪا داءُ،
دلپت هردم پي سر کيلئي، نيري نہ آوي جر تاءِ.

راڳ ڪانرو

ٽيون

ري مئن ڪئسي کيلون، هوري،
مون سان لڙندا ڪان زوري.
آپ ٽيڏا کيلي چال ٽيڏي،
ٻهيان مروري موري.
نين سين نسدا کيا کڇ کهندا،
سمجهہ نہ پري مئن پوري،
روپ جوبن کاهئہ ايماني،
لي گيا چت ميرا چوري،
دلپت تيري درس پياسي،
آءِ پڙ چرني دوڙي.

راڳ ڪانڙو

چوٿون

پِيا بن ڪئسي هوري هوءِ.

آپ ڪبري ڪي سنگ رسيا، دک مک دي گيا موهه.

جار بار تن برهي دئيا،

پيا ڪون کهي جاءِ ڪوءِ.

پيڙ وڇوري ڪي مڪيا ڪر جاني،

جس تن لاڳي ماني سوءِ.

دلپت ڪون پي درسن ديجيءِ،

راکي نين پروءِ.

چوپايون

جيءِ جيءِ چد اکريہ اگم اگوچر،
جيءِ جيءِ کوٽ ست برهم اگاڌ ايشور.
جيءِ جيءِ نارايڻ نر جرادر،
جيءِ جيءِ وس يرتا جي وسويسر.

جيءِ جيءِ انترِيامي برهم سناتن،
جيءِ جيءِ پر کوتم پرک پراتن.
جيءِ جيءِ ست چت آنند پر آتم،
جيءِ جيءِ سروکت سرو آتم.

جيءِ جيءِ آد پرک اج اوناسي،
جيءِ جيءِ جيءِ کير سمندر کي رهواسي.
جيءِ جيءِ سيس سيج پرييا ولاسي،
جيءِ جيءِ کنول ناڀ جيءِ وس پرکاسي:

جيءِ جيءِ نر نارايڻ رک اوتار،
جيءِ جيءِ وس کير هيت تيکڻ پت وار.
جس سرپت کا گرپ پر هار،
يو جل بي پگت بهتي تار.

جيءِ وشن جيءِ ايس هر مايا پت،
جيءِ جيءِ سته ساکي سين يوست.

جيءِ جيءِ اُپرچن اکنڌ اپرهت،
جيءِ جيءِ اڪال اپيد نرپئي نت.

جيءِ جيءِ اننت سيس روپ تمارو،
جيءِ جيءِ برهما شو سنت ڪمارو.
جيءِ جيءِ ڪپل ديو جيءِ پرٿو پيارو،
جيءِ جيءِ رکب ديو جي دروه اجارو.

جيءِ جيءِ نارد جي ويد ويس،
هر آنند يگت ڪا پيا ولاس.
جيءِ جيءِ دتاتري اودوت سناس،
برهم گيان ڪا جس ڪيا پرڪاس.

جيءِ جيءِ جڳ پرک جڳ ڪارن،
جيءِ جيءِ هر ڌرم پنٿ وس وس تارن.
جيءِ جيءِ هيءِ گر هٽ ديت سنگهارن،
جس چار ويد مک ڪيئا اُچارن.

جيءِ جيءِ گهنسام ڌنتر، رايا،
جيءِ جيءِ هر ڪرن روگ مٽاون آيا.
جس ويدڪ وديا سَڪَلَ رچايا،
امرت اوڪد دي جڳ روڳ مٽايا.

جيءِ جيءِ گرڙ گاهي هر اوتارا،
ڪن ٻ گج ڪا ڪيا ڇٽڪارا.

جيءِ جيءِ هنس روپ ڌر گيان اوچارا،
سنڪادڪ سنسي سڪل نوارا.

جيءِ جيءِ ڌرتي در واران اوتارا،
جڪر مار هرناڪس ديت سنگهارا.
بل ڪر وس ڏا جل پر ڌارا،
تس پر ٿاڦيا سڪل سنسارا.

جيءِ جيءِ هر مها مڇ روپ اوتارا،
جس ديت سنکيا سريايي پرهارا.
گيان دسو راءِ راجا ستورت تارا،
چار ويد ڪا هر ڪيا اُڌارا.

جيءِ جيءِ هر ڪو رم ڪروڙا اوتارا،
پيٺ پر پربت مندراچل ڌارا.
جس مها دشٽ مڏ ڪيڏ پڌارا،
ڀڳت سرون ڪا ڪاج سنوارا.

جيءِ جيءِ هر نرشنگ اگر آڪارا،
نکيا يڌ ڪر هرناڪس مارا.
پڪڙ پچارا سنڪ پشت بڪارا،
پرهلاد ڀڳت ڪا ڪيا اُڌارا.

جيءِ جيءِ سري چتر يوج وامن اوتارا،
پڪ ڪر ديو تس لڳ تن ڌارا.
جيءِ جيءِ سري سپ پران آڌارا،
آپ اوڪد اڇل ابيد آپي اوتارا.

جيءِ جيءِ سري پرسرامُ رک اوتارا،
کر مين ليا ھيءِ کٽن کنارا.
جيءِ سنسر ارجن کتري مارا،
ايکس وار رڻ کتر سنگھارا.

جيءِ جيءِ سري رامچند سيتا پرتارا،
تيکڻ سر کبر دشٽ راوڻ مارا.
رڻ ۾ رواڻ اَنيک بدارا،
جس پس پنکي جن سگلي تارا.

جيءِ جيءِ سر يواشديو کرشن اوتارا،
مھاڀارت يوءِ پار اوتارا.
ڪٽس پچار مھا پاپي راجا مارا،
ارجن اوڌو اور کيئي نستارا.

جيءِ جيءِ سري يليدر اوتار اننت،
مارِيا ديت اسنکر دشٽ پاپي جنت.
ھلَ ديه ھستنا اناوي بلونت،
تت گيان دي نديو کيئي ھيءِ سنت.

جيءِ جيءِ بوڌ اوتار جگن ناٿ کرتا،
جھار قوک پيک پاڇ ڌرتا.

مت کو پگ سون جيو جنت مرتا،
مايا چل کر اسرن پڌ ھرتا.

جيءِ جيءِ ھر نھکلنگي اوتارا،
جب ديکھيا سنکٽ يگتن پارا.

تب مها دشٽ پاپي دانوَ هارا،
ست جڳ ٿاپ ڪيا جي ڪارا.

جدا سنتون پر ديکيا ڪشٽ اَپارا،
تد تن ڪارن ڪين ڀه اوتارا.
اَب جن دلپت ڪا دوک نوارا،
ڪر گهه پُو جل پار اتارا.
هي رکي ڪيش هي ڪرشن مرار،
هر مها تيري اَپرم پار.
منکھ بال بڌ ڪڇ ڪيا اوچار،
جيون تيون "دلپت" ليھ اوبار.

جو يہ اُستت اوتار اُوچاري،
هر تاڪي سڪلي ڪاج سنواري.
جنم مرن ڪا دلپت پرم نواري،
هر دي درسن نسچي تانيہ اُباري.

سلوڪ

جو يہ اُستت تت پٽي سني هادي ڪر پياس،
"دلپت" پاوي پرم پد يھي ويڪنٺ واس.

آرتي

آرتي ڪان ڪرشن ٺاري،
سنت جنان مل اره اُچاري.

1- سڪل جيو جيتي ديھ ڌاري،
گھٽ گھٽ جاڳي تيري جوت اُجياري.
2- تال مردنگ ڏق جھانجھ جھٽڪاري،
گگن باجي ڌن اَنحد ياري.
3- ايڪو پورن وشن مراري،
آپه پوج آپ پوجاري.
4- چتر يوج شام سندر گرڌاري،
"دلپت" چرن ڪنول بلھاري.

سلوڪ

رتن رام جن من وسي، سي وڏ شاھوڪار،
"دلپت" اوسر نا لڳي، ڪڀھون تانھ ڏڪار.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

دعاءِ ختم

اَللّٰهُمَّ انْفَعْنَا وَرَفَعْنَا بِالْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَعَهِدْنَا وَبَارِكْ لَنَا بِالْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ وَ تَقَبَّلْ مِنَّا دُعَآئَنَا يَا اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَلاَ تُدَرِّبِيْ وُجُوْهَنَا يَا اَللّٰهُ الْعَالَمِيْنَ وَيَا خَيْرَ النَّاصِرِيْنَ اَللّٰهُمَّ بَلِّغْ سَلْ ثَوَابَ مِثْلَ هَادِيَةِ الْخَتْمِ الْقَلِ مَعْمُوْرٌ نَتْلُوْ مُتَبَرِّكَةٍo 1. ثُمَّ اَعْلٰى جَنَابَ حضرت سَرْوَرِ كَائِنَاتَ صَاحِبُ الْبُرَاقِ وَبَرَكَةُ جَدِّ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ شَفِيْعُ الْمُذْ نَبِيْنَ حضرت محمد صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَo. 2. ثُمَّ اَعْلٰى جناب حضرت خَمْسِ الطَّيِّبِيْنَ الطَّاهِرِيْنَ وَالْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِيْنَo 3. وَعَشْرَةُ الْمُبَشَّرِيْنَ وَلِجَمِيْعِ الصَّاحِبِ رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَo 4. ثُمَّ اَعْلٰي جَنَابَ حضرت قُطْبِ رَبَّانِيْ محبوب سُبْحَانِيْ هَيْكَلَ نُوْرَانِيْ مُعِيْنَ مُرِيْدَانِيْ مَالْجَاءِ بَيْكَسَانِيْ وَغَرِيْبَانِيْ حضرت ثَقَلَيْنِ قُطْبُ الْكَوْنَيْنِ مَحْبُوْبُ الْقِبْلَتَيْنَ حَضرت ميران شاه مَهْدِيَيْنِ شيخ عبدالقادر جيلاني گيلاني رحمة الله تعالٰي اَجْمَعِيْن. ثُمَّ اعلي جناب حضرت كَامِلِ الزَّمَانَ هادِيَ الدَّوْرَانَ خَلِيْفَةَ الرَّحْمٰنِ حضرت مُكَمِّلِ اَوْلِيَاءَ اَكْمَلَ رَهْبَر راه رَسُوْلَ اللّٰهِ شَهِيْدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ حضرت جناب مرشد سائين شاه عنايَتَ اللّٰهِ سَرتاج صوفيان رحمة الله تعالٰي عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَo 5. ثُمَّ اَعْلٰي جَنَاب، قُطْبُ التَّارِكِيْنَ مَحْبُوْبُ الْعَارِفِيْنَ بَرَ گُذِيْدَه سَالِكِيْنَ سائين فضل الله شاه رحمة الله

ثم اعلیٰ جناب صوفی دلپت رام رحمة الله

تعالٰي عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَo 6. اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْمُوْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ رَبَّنَا رَبَّنَا يَا مَوْلاَنَا اَنَّكَ قَرِيْبٌ مُجِيْبُ الدَّعْوَاتِ وَيَا قَاضِيَ الْحَاجَاتِ وَيَا كَافِيَ الْمُهِمَّاتِ وَيَا عَالَمِ سرور كَائِنَاتِ فِي الدَّارَيْنِ اَجْمَعِيْنِ آمين بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَo.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

دعاءِ ختم جو ترجمو

اي الله ﷻ! اسانکي هن عظمت واري قرآن پاڪ جي توسط سان، نفعي ۽ بلنديءَ وارو بڻاءِ ۽ هن پاڪ ڪلام جي آيتن ۽ حڪمت واري ذڪر جي برڪت سان، اسان کي الستي واعدي سان وفا جي توفيق عطا فرماءِ.

اي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ! تون ئي اسان جي دُعائن کي قبول ڪرڻ فرماءِ!

اي جھانن جا پالڻھار!

اي بھترين مددگار!

اي الله! تون اسانجي ڇهرن کي هرگز نہ بدلائجانءِ!

اي الله! هن هدايت واري قل شريف جي ختم کي جيڪو برڪت پريو ڪلام، اسان پڙهيو آهي ۽ اهو ڪلام اسانجي باطن جي تعمير پڻ ڪندڙ آهي، انکي اسانجي لاءِ وڏ ۾ وڏ ثواب ۽ مناڻ وارو بڻاءِ!

پوءِ اهو اجر ۽ ثواب، اعلىٰ جناب، حضرت سرور ڪائنات صاحب البراق ۽ برڪت پرين هستين يعني حضرت امام حسنؑ حضرت امام حسينؑ جن جي نانا سائين، شفيع المذنبين، حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جن جي حضور پيش ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب پنجتن پاڪ، خلفاءِ راشدين ۽ عشرهءِ مبشره ۽ ٻين سمورن اصحابي سڳورن ؓ جي حوالي ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب، حضرت قطب رباني، محبوب سبحاني نوراني هستي، مريدن، بيڪسن ۽ غريبن جو محافظ ۽ مددگار، جن و انس جي مرشد، قطب الڪونين، محبوب

القبلتين، حضرت ميران شاھ، حضرت هادي شيخ عبدالقادر جيلانيؒ جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب جناب ڪامل الزمان، وقت جي هادي رهبر، خليفة الرحمان حضرت مڪمل، اڪمل الاولياءِ، رهبر راھ رسول الله ﷺ شهيد في سبيل الله، صوفين جي سرتاج، مرشد سائين صوفي، حضرت شاھ عنايت الله شهيدؒ جن جي بارگاھ ۾ پيش ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب، قطب التارڪين، محبوب العارفين، سلوڪ جي خاص صاحب، سائين فضل الله شاھ قلندرؒ، داتا پيرؒ ۽ پوءِ صوفي دلپت رام رحمة الله عليه ۽ ٻين سمورن تي الله جي رحمت هجي جن کي پڻ پيش ڪريان ٿو.

اي الله جل جلاله! سمورن مؤمنن، مؤمنياڻين، مسلمان مردن، مسلمان عورتن جي مغفرت فرماءِ ۽ ڪين حاصل ڪلام جو اجر ۽ ثواب عطا فرماءِ!

اي اسانجا پالڻهار! بيشڪ تون، تماھ گهٽو ويجهو ۽ دعائن کي قبول ڪندڙ آهين ۽ تون ئي حاجتون پوريون ڪندڙ آهين ۽ تون ئي مشڪلاتن کي حل ڪندڙ آهين ۽ تون ئي سمورن جهانن جو سردار ۽ مالڪ پڻ آهين.

اي وڏ ۾ وڏ رحم ڪندڙ رب پاڪ! پنهنجي رحمت سان اسانکي ۽ اسانجي دعا قبول ڪرڻ فرماءِ.

<<<<<نوٽ>>>>>

ڏهاڙن ۽ ساليانے ميلي جي موقعي تي درگاھ پاڪ تي گهري ويندڙ قديمي دعا...